
ماڻڪ موتي لال
پروين موسيٰ ميمڻ
www.sindhsalamat.com

# ماڻڪ موتي لالَ

## (مضمون ۽ مقالا)

ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ

**محمد موسيٰ ادبي اڪيڊمي**
**ڊيپلائي ٽائون، حيدرآباد**

ڊجيٽل ايڊيشن
2022ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

**ڪتاب جا سڀئي حق ۽ واسطا محمد موسيٰ ادبي اڪيڊميءَ وٽ محفوظ آهن.**

| | | |
|---|---|---|
| **ڪتاب جو نالو** | : | **ماڻڪ موتي لال** |
| **موضوع** | : | **مضمون ۽ مقالا** |
| **ليکڪا** | : | **ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ** |
| **ڇاپو** | : | **پهريون: ڊجيٽل ايڊيشن** |
| **ڪمپوزنگ** | : | **علي رضا سهتو (03331382339).** |
| **پيش ڪندڙ** | : | **محمد موسيٰ ادبي اڪيڊمي، ڊيپلائي ٽائون، حيدرآباد. (03332766564)** |

## ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com

## اسٽاڪسٽ

وڌيڪ معلومات ۽ رابطو ڪريو: 0333_2707678 | 0333_2766564



**سيوا ڪر سَمُونڊَ جي، جِتِ جر وهي ٿو جال،**
**سَئين وَهَن سِيرَ ۾، ماڻڪ موتي لالَ،**
**جي ماسو جُڙَيِئي مالَ، تہ پُوڄارا! پُر ٿيئين.**
**(سر سريراڳ، 2_3)**

# انتساب

**پنهنجي ستن ڀائرن، آفتاب احمد، اقبال احمد- نثار احمد، خالد موسيٰ، طارق موسيٰ، ساجد موسيٰ، راشد موسيٰ ۽ ڀينرن نسرين نذير، قمربانو شيرين اشفاق ۽ شاهده بانوءَ جي نالي، جي سڀ ماشاءالله اعليٰ تعليم يافته ۽ علم کي وڌائيندڙ آهن.**

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب ”**ماڻڪ موتي لال**“ اوهان اڳيان حاضر آهي. هي ڪتاب ناميارِي ليکڪا ۽ محقق **ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ** جي لکيل مضمونن، مقالن ۽ مهاڳن تي مشتمل آهي.

ڊاڪٽر پروين موسى جو هيءُ ڪتاب، سنڌي ادب ۾ هڪ بهترين اضافو آهي. هن ڪتاب ۾ آيل مضمون سوانحي، علمي ۽ ادبي آهن. پهرين حصي ۾ 11 سوانحي مضمون شامل آهن، ٻئي حصي ۾ 5 علمي ادبي مضمون شامل آهن، جڏهن ته ٽئين حصي ۾ مختلف ڪتابن تي لکيل 9 مهاڳ شامل ڪيل آهن. ماڻڪ موتي لالَ ۾ آيل سوانحي مضمون اهڙين شخصيتن بابت آهن جن مان تقريبا سيني سان ليکڪا جون ملاقاتون ٿيل آهن ۽ هوءَ انهن کان متاثر پڻ رهي آهي ۽ پنهنجي فن جي پنيرائيءَ لاءِ انهن جو هٿ به هميشه پنهنجي مٿي محسوس ڪيو اٿس.

هي ڪتاب ڪنهن به پبلشر پاران ڇپايل ناهي پر ڊاڪٽر پروين موسيٰ پاران مهرباني ڪري ڪمپوز ڪرائي سنڌ سلامت ڪتاب گهر تي آنلائين اپلوڊ ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو آهي.

**محمد سليمان وساڻ**

مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )

سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام

sulemanwassan@gmail.com

www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

# فهرست


| # | عنوان | صفحو |
|---|---|---|
| | سنڌي ادب کي زندگي ارپيندڙ: فقير محمد سنڌي | 09 |
| | هن ڪتاب ۾ ڇا آهي؟: ڊاڪٽر پروين موسيٰ | 12 |
| | **پهريون حصو (مضمون ۽ مقالا)** | |
| 1 | شهيد راڻي بينظير ڀٽو | 15 |
| 2 | تاريخ ساز شخصيت: ڊاڪٽر غلام علي الانا | 18 |
| 3 | مهربان محقق: ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | 25 |
| 4 | ولي رام وليءَ جون ترجما نگاريءَ ۾ خدمتون | 28 |
| 5 | ڪامريڊ تاج محمد ابڙو | 33 |
| 6 | ڊاڪٽر برڪت ۽ چنڊ جا مختلف روپ | 35 |
| 7 | بيگم زينت عبدالله چنا | 37 |
| 8 | ڊاڪٽر رشيده حجاب | 40 |
| 9 | مهتاب اڪبر راشدي | 44 |
| 10 | وينا شرنگي | 50 |
| 11 | زاهده تاج ابڙو | 54 |
| | **ٻيو حصو (ادبي ۽ علمي مضمون)** | |
| 1 | سنڌي عورت جي سماجي حيثيت جو مطالعو | 58 |
| 2 | سنڌ محبت جي سرزمين آهي | 60 |
| 3 | سنڌي ٻولي ۽ ادب جي ترقيءَ جي راهه ۾ رڪاوٽون | 68 |
| 4 | سنڌي نثر ۾ ليکڪائن جي شموليت | 76 |
| 5 | نثر ۾ بياني اسلوب جي اهميت | 83 |

## ٽيون حصو (منهنجا لکيل چند ڪتابن جا مهاڳ)


1 سک نہ ستا ڪڏهين (عبدالحئي پليجو جو سفرنامو) 86

2 سٽ تنين جو سڱرو (نورالصباح قاضيءَ جي آتم ڪهاڻي تي مهاڳ) 90

3 ٻہ اکر بدران تي اکر (چيتن ميگهواڙ جو ڪتاب، ”ڪوسو لڳي نہ واءُ“) 95

4 احسان آڪاش جو قلمي سفر (ڪتاب: ”پيچ ڊاهہ“ احسان آڪاش جو نثري نظم) 97

5 پٽي پراڻو نہ ٿئي (اعجاز ممنائيءَ جو لطيفيات جو ڪتاب: اندر جا اندوهہ) 98

7 اوٻارا عبير جا: (يوسف سنڌيءَ جي ڪتاب تي بيڪ ٽائيٽل) 101

8 پنکڙيون گلاب جون جو مهاڳ: (زاهد سومرو جو عورت ليکڪائن بابت ڪتاب) 103

9 مؤرخ ۽ محقق (تاثر) 107

# سنڌي ادب ڪي زندگي ارپيندڙ ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ

زندگيءَ جي بقا حقيقي خوشيءَ ۾ آهي، اها خوشي تڏهن حاصل ٿيندي آهي جڏهن اسين ٻين جي مدد ڪندا آهيون. ٻين جي مدد ڪرڻ وقت اسان ضرور پنهنجي ذهني طور تي ٿوري تحقيق ڪندا آهيون. ان تحقيق جو مرحلو اسان کي خوشين سان گڏ گهڻا ڏک به ميسر ڪندو آهي. اهڙي ئي ڪوشش ۾ ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ به آهي، جيڪا علم، ادب ۽ تاريخ تي ڪيترن ئي سالن کان نظر رکي تحقيقي ڪم سرانجام ڏئي رهي آهي.

ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جو تعلق بنيادي طور تعليم کاتي سان آهي، ان لاءِ ڊاڪٽر صاحبه پنهنجي شعبي سان ڀرپور انس رکي ٿي. ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ 20 نومبر 1958ع تي ڊيپلو ضلعي ٿرپارڪر ۾ جنم ورتو. ڪنهن کي ڪهڙي خبر ته پروين موسيٰ سنڌي ادب کي پنهنجي زندگي ارپيندي، اها سندس جي سنڌي ادب سان ازل جي ڪمٽمينٽ ٿيل آهي.

ڊاڪٽر صاحبه علمي لياقتن ۾ به پاڻ ڀري آهي، جنهن ۾ ايم.اي (انگريزي ادب)، ايم اي (سنڌي ادب، گولڊ ميڊلسٽ) آهي. ڊاڪٽر صاحبه جي سوچ سماجي ۽ اخلاقي زندگيءَ جون پاڙون مضبوط ڪرڻ آهي، جنهن سنڌي ادب ۾ آدرشي، سنجيده ۽ روشن خيال ٿي ڪري ڪم ڪيو آهي جيڪا سوچ سنڌي سماج ۾ رهندڙ عورتن لاءِ انتهائي ڏکيو مسئلو آهي. انهن سيني ڏکين مسئلن کي پروين موسيٰ وڏي جفاڪشيءَ سان آسان بڻايو آهي.

نفسيات جي ماهر پروفيسر اينا گاڪي جو خيال آهي ته انسان ٻئي انسان جو محتاج آهي، اسين پنهنجي پيدائش کان وٺندي زنده رهڻ تائين ڪنهن نه ڪنهن کان مدد چاهيندا آهيون. اهو ئي سبب آهي ته ماڻهن جي مدد ڪرڻ اسان جي دماغن ۾ لکيل آهي ۽ ان سان انساني دماغ جو سرڪٽ ۽ نفسياتي ذميواريون پوريون ٿين ٿيون، اهڙين ذميوارين کي ڊاڪٽر صاحبه احسن طريقي سان نڀايو آهي.

ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ چاليهن سالن کان لکي رهي آهي، سندس ڪتاب 2004ع کان ڇپجڻ شروع ٿيا جي سنڌي ادب جي شاگردن لاءِ نفسياتي، معاشرتي، تاريخي ۽ علمي طور ڪارائتا آهن. سندس ڇپيل ڪتابن جو چڱو خاصو تعداد آهي جن ۾:

1. "سنڌي ادب جو ادبي جائزو ۽ لطيفيات" روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 2004ع.
2. "سنڌي نثر جي ڪن صنفن جو اڀياس" هائر ايجوڪيشن ڪميشن اسلام آباد 2008ع.
3. "اُتي رائو ريل (تحقيق ۽ تنقيد)" محمد موسيٰ ادبي اڪيڊمي، ڊيپلائي ٽائون حيدرآباد 2008ع.
4. "آديسين ادب آهي اڪٿين ۾ (لطيفيات)" محمد موسيٰ ادبي اڪيڊمي، ڊيپلائي ٽائون حيدرآباد 2009ع.

5. ”سون ورنيون سوڊيون (ڪهاڻيون)“ ترتيب محمد موسيٰ ادبي اڪيڊمي، ڊيپلائي ٽائون حيدرآباد، 2009ع.
6. ”اخلاقي قدر (ٻاراڻو ادب)“ محمد موسيٰ ادبي اڪيڊمي حيدرآباد، 2010ع، ٻيو 2015ع، ٽيون آن لائين ڇاپو 2020ع.
7. ”وکر سو وهاءِ (مضمون ۽ مقالا)“ هائر ايجوڪيشن ڪميشن اسلام آباد، 2011ع.
8. ”سنڌي ادب تحقيقي ۽ تنقيدي مطالعو“ ايڊوانسڊ پبلشرز لاهور، 2015ع، چوٿون ڇاپو 2020ع.
9. ”عالم سڀ آباد ڪرين“ سنڌ راڻي پبليڪيشن، حيدرآباد 2016ع.
10. ”پلئه پايو سَچُ“سنڌ راڻي پبليڪيشن، حيدرآباد 2016ع.
11. ”گلدستو“ (مضمون نويسي) پي.سي.ايس جي شاگردن لاءِ پهريون 2017ع، ٻيو 2018ع، ٽيون ڇاپو 2019ع، محمد موسىٰ ادبي اڪيڊمي، ڊيپلائي ٽائون. حيدرآباد.
12. ”سنڌي ادب“ (پچا ڳاچا) سي.ايس.ايس ۽ هائر ڪلاسن لاءِ پهريون 2017ع، ٻيو 2018ع ۽ ٽيون ڇاپو 2019ع، محمد موسىٰ ادبي اڪيڊمي، ڊيپلائي ٽائون. حيدرآباد.
13. ”سنڌي نثر جي تاريخ ۾ عورتن جو حصو“ (تحقيقي ايپاس، پي.ايڇ.ڊي مقالو)، پيڪاڪ پرنٽرز ڪراچي، 2020ع.
14. ”تي تحفا“ (ٻاراڻو ادب، ڪهاڻيون)، پوپٽ پبلشنگ خيرپور، 2021ع.

ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جو اڻ ڇپيل مواد ڇپيل مواد کان به وڌيڪ آهي. جي اٽڪل پندرهن کن ڪتاب آهن، سندن ست ڪتاب آن لائين سنڌ سلامت تي موجود آهن. ڪٿي ڊاڪٽر صاحبه ٽڪ ڪونه ٽِڪو آهي ۽ مسلسل ادب جي خدمت ۾ ڪنهن نه ڪنهن طرح سان نظر اچي ٿي. اها ئي انسان جي عمل پيرا زندگي آهي. سنڌي ادب کي اڻ ميو مواد ڏيندي رهي ٿي کين وقت بوقت ٻين پروگرامن ۽ ادارن طرفان به ڪافي اعزاز ۽ ايوارڊ مليا آهن. ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جي زندگي ۽ لکڻين مان ڪيترين ئي عورتن ۽ مردن اتساهه حاصل ڪيو آهي، جيڪي ادب جي دنيا ۾ پاڻ موکي رهيا آهن.

امامِ اعظم ابو حنيفهؒ جو فرمان آهي ته، ”جيڪو به ڪم ڪريو پوري اعتماد، اطمينان ۽ وقار سان ڪريو.“ اهي سڀ حوصليمند گُڻَ ڊاڪٽر پروين موسىٰ ميمڻ جي زندگيءَ ۾ شامل آهن، جن جي ڪري مسلسل سنڌي ادب ۾ طبع آزمائي ڪندي رهي ٿي.

ڊاڪٽر پروين موسىٰ جن ادارن سان ميمبرشپ طور پاڻ موکيو آهي، انهن ۾ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن (سگا)، سنڌي اردو ادبي فائونڊيشن، ناري سنگت ۽ سنڌي ادبي سنگت شامل آهن. سنڌي ادب سان باوفا رهندڙ ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ لاءِ، صدر الدين جو ڏهس ٿو ياد اچي ته:

پب پاريهر، پدمڻيون، دل دامڻيون دوراس،
اڳ اليهر، اوپسر، مک مرمر موچاراس،

**ترنيءَ جان تجلو ڪري، بيان تہ پريان جي ياس،**
**اهي سيئي سينگارياس، جو ٿيا سوايا صدرالدين چوي**

ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جي لکڻين ۾ ڏهس وانگر ڏھ سينگار شامل آهن. انهيءَ لاءِ ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جو سنڌي ادب سان انس ۽ محبت جا قافلا جڙندا رهن ٿا. جنهن جي نتيجي ۾ شخصي تعارف، تحقيق، سماجي، اقتصادي ۽ ادبي ماحولن جون جهلڪيون سندس لکيل مواد ۾ نمايان نظر اچن ٿيون. جنهن جو مثال هيءَ ڪتاب ”ماڻڪ موتي لالَ“ آهي جنهن ۾ گوناگون علمي ۽ ادبي شخصيتن بابت وٽندڙ سوانحي، علمي ۽ ادبي مضمون ۽ مقالا آهن. مضمون نويسيءَ تي ڊاڪٽر صاحبہ کي عبور حاصل آهي، هن ڪتاب جي ٻئي ڀاڱي جا مضمون اها شاهدي ڏين پيا. تمام اهم موضوعن تي مقالا ۽ مضمون هن ڪتاب جي سونهن ۾ اضافو ڪري رهيا آهن. سندس علمي ۽ ادبي مشاهدو وسيع آهي، انهيءَ سموري مشاهدي ۽ مطالعي کي ڊاڪٽر پروين پنهنجي قلم جي سگھ سان گھڻي ڀاڱي محفوظ ڪيو آهي، جيڪو انتهائي شاناءِتو ۽ ماناءِتو ڪم آهي.

هُن پنهنجي علمي لياقت سان سنڌي ادب ۽ تاريخ ۾ پنهنجو بهترين مقام جوڙيو آهي، ان ئي عملي ڪم سان پنهنجي قوم کي سجاڳ ڪري سگھجي ٿو. آخر ۾ ”سامي“ جي سلوڪ مان ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ لاءِ تہ:

**جنهن کي رنگ لڳو، سامي ساڌ سنگت جو،**
**اٿي تنهن جي گھر مان، اوديا پوت پڳو،**
**ڪيائين صاف سمجھ سان، پڇو ۽ اڳو،**
**وڪڙي ڊور ڊڳو، ستهه مليو سروپ سان.**

**فقير محمد سنڌي**
لاڙڪاڻو

# هن ڪتاب ۾ ڇا آهي؟

هن ڪتاب ۾ آيل مضمون سوانحي، علمي ۽ ادبي آهن. مضمون نويسي هڪ دلچسپ مشغلو آهي. مون جيئن ئي ادب ۾ لکڻ شروع ڪيو پهرين شروع ۾ ٻه ڪهاڻيون ”چري“ ۽ ”ماءُ جو دلاسو“ لکيم ان ڪان پوءِ جيئن ئي مضمون ۽ مقالا لکڻ شروع ڪيم تہ پوءِ اڄ ڏينهن تائين انهن سان ساٿ نڀائيندي پئي اچان، پنهنجي ڪيل ڪم ۾ مون کي مضمون نويسي وڌيڪ پسند آهي. لطيف شناسيءَ تي بہ هيستائين پنجاهہ کن مضمون لکي چڪي آهيان، جن مان ڪي منهنجي ڪتابن ”وڪر سو وهاءِ“، ”عالم سڀ آباد ڪرين“ ۽ ”گلدستو“ ۾ آيل آهن. انهيءَ ڪان سواءِ جي موضوعن ۾ اخلاقي، سماجي، سياسي، ادبي، ديني، طبي ۽ ٻيا مضمون لکيا اٿم جن جا پنج کن ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. طبي مضمون چند لکيل آهن جن ۾ ٻيا لکي صحت جي موضوع تي هڪ ڪتاب انشاءالله ضرور آڻيندي اهي مضمون ميون ۽ ڀاڄين جي فائدن ۽ خاص طور وٽئمنس ۽ ڪيلشيم ۽ منرلز وغيره جي استعمال ۽ ضرورت تي لکيل آهن. هيءُ ڪتاب جيڪو توهان جي هٿن ۾ آهي سو مڪمل طور ادبي ۽ علمي موضوعن سان سجايل آهي. ڇپائڻ جو سوچيندي بہ ڪووڊ-19 جي حالتن جي ڪري ڇپرائڻ جي همٿ نہ پئي سمجهان ۽ جڏهن پوريءَ دنيا جا علمي ادارا ۽ اهم ڪم ڪار آن لائين پيا ٿين ۽ خوشقسمتيءَ سان سنڌي ٻولي ۽ ادب جي حوالي سان پڻ اسان کي آن لائين ڪتاب گهرن جي سهوليت ۽ ساٿ حاصل آهي تہ پوءِ ڪتابن کي ڊجيٽل صورت طور ضرور آڻڻ گهرجي. اهو خيال ڪري پڪو ارادو ڪيم تہ هيءُ ڪتاب ڇپرائڻ جي بدران آن لائين سنڌ سلامت ڪتاب گهر تي سڌو آڻيان. هيءُ پهريون ڇاپو ئي ڊجيٽل ايڊيشن طور ئي پيش ڪري رهي آهيان ”ماڻڪ موتي لالَ“ عنوان گهڻو وقت اڳ ۾ پنهنجي ڪتاب لاءِ رٿيو هئم ۽ اڄ اهو عمل جي اوساريءَ ۾ لنبجي رهيو آهي.

ماڻڪ موتي لالَ ۾ آيل سوانحي مضمون اهڙين شخصيتن بابت آهن جن مان تقريبا سيني سان منهنجون ملاقاتون ٿيل آهن ۽ سندن ڪان آئون متاثر پڻ رهي آهيان ۽ پنهنجي فن جي پنيرائيءَ لاءِ انهن جو هٿ بہ مون هميشہ پنهنجي مٿي محسوس ڪيو آهي. محترمہ بينظير ڀٽو تي مضمون لکيم منهنجي ساڻن فقط هڪ ملاقات ٿي.

جيئن تہ آصف علي زرداري صاحب منهنجي ڀاءُ اقبال احمد جو ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ ڪلاس فيلو ۽ روم پارٽنر رهيو هو (منهنجي ۽ منهنجي ڀيڻ نسرين ۽ ادا آفتاب اسان ٽنهي ڀائرن ڀينرن جون شاديون هڪ ئي وقت تي پنهنجي خاندان ۾ جولاءِ 1976ع تي ٿيون جنهن ۾ تمام گهٽي برسات پئي ڪيترا ماڻهو اچي ڪونہ سگهيا. آصف زرداري صاحب کي ادا اقبال دعوت ڏني هئي پر هو انهيءَ موقعي تي نہ اچي سگهيو هفتي ڪان پوءِ سيٽلائيٽ ٽائون ميرپورخاص ۾ مبارڪباد ڏيڻ آيو هو ۽ ساڻس گڏ ٻيو عملو ۽ دوست پڻ هئا منهنجو ڀاءُ پڻ دوستن کي ڏسي گهڻو خوش ٿيو هو تڏهن سندس شادي محترمہ سان

ٿيل ڪونہ هئي) باقي محترمہ سان شاديءَ کان پوءِ منهنجي پائرن جون ساڻن ملاقاتون ٿينديون هيون. آئون محترمہ سان پنهنجي حياتيءَ ۾ فقط هڪ دفعو روبرو مليس ۽ گهڻي متاثر ٿيس، سندس جادوئي ڪرشما ساز شخصيت ڪمال جي هئي. هن جو هلڻ، ڳالهائڻ، نهنائي ۽ قرب سان عورتن سان ملڻ، جڏهن هوءَ ميرپورخاص ۾ منهنجي چاچي غلام حسين جي پٽ جي شهادت تي عذرخواهيءَ لاءِ آئي هئي، چاچا غلام حسين جي پٽ کي سياسي دشمنيءَ ۾ قتل ڪيو ويو هو. محترمہ کي چاٽايو ويو تہ هيءُ پي.پي.پيءَ جو ايڪٽو ميمبر هو سو پاڻ سندس والده سان تعزيت ڪرڻ تڏي تي آئي، مون کين روبرو ڏٺو. سندس شخصيت واقعي اثرائتي هئي رنگ جي انتهائي صاف، قداور ۽ مهربان عورت، سندس سنڌي ڳالهائڻ جو بہ هڪ بلڪل نئون انداز ڏٺم ڪيترن لفظن جو لهجو انگريزي ۽ اردو گاڏڙ هو پر تہ بہ سندس واتان وڻندڙ پئي لڳيا. سندن ياد ۾ هيءُ مضمون لکيم جو فقط محترمہ جي سياسي جدوجهد کي پيٽا ڏيڻ واسطي آهي. اميد تہ پڙهندڙن کي پسند ايندو.

ڊاڪٽر غلام علي الانا جا قرب ۽ محبتون هميشہ ياد رهنديون. 29 نومبر 2020ع تي سندن وفات ٿي آهي آئون ڪيترين تقريبن ۾ ساڻن مليل آهيان تہ آپا ڊاڪٽر نورافروز وٽ پي.ايڇ.ڊي طور رجسٽرڊ ٿيڻ ۽ ڪم ڪرڻ جي حيثيت ۾ پڻ ساڻن سان ملاقات رهندي هئي هڪ دفعو فون ڪري چيائون تہ "بابا! هڪ ڪتاب منهنجي باري ۾ ڇپجي پيو ان ۾ تون سائينءَ جي بابت مضمون لک وري اهو بہ چيائون تہ پنهنجي باري ۾ ٻين کان لکرائڻ ۽ چوڻ سٺو تہ نٿو لڳي پر تنهنجو تحريري انداز مون کي ڏاڍو پسند آهي آئون نثر تي ڪم ڪندڙ رهيو آهيان. تنهنجو لکيل نثر تمام وڻندڙ آهي". آئون انتهائي خوش ٿيس سندن ڏنل عزت افزائيءَ تي ۽ ان ريت ڊاڪٽر صاحب جي باري ۾ بہ مضمون گڏ لکيم هڪ سندن مقالاتي ادب ۾ خدمتون ۽ ٻيو سندن ڪتابن جي مواد جي باري ۾ لکيم ۽ کين چيم تہ "سائين! توهان کي جيڪو مضمون وڻي اهو انهيءَ ڪتاب ۾ ڏجو باقي آئون پنهنجي نثر جي تاريخ ۾ آڻيندس. الانا صاحب کي ٻئي مضمون پسند آيا ۽ پنهنجي انهيءَ ڪتاب بعنوان، "اڻ ٿڪ انسان، ڊاڪٽر غلام علي الانا" ۾ ڏنا ۽ اهو ڪتاب ڇپجڻ بعد مونکي ترت ڏياري موڪليائين مون کي تمام سٺو لڳو تہ ڊاڪٽر صاحب کي منهنجا لکيل ٻئي مضمون پسند آيا جو ٻيئي انهيءَ ڪتاب ۾ ڏنائون. مون انهيءَ مان هڪ مضمون هن ڪتاب ۾ آندو آهي.

اهڙيءَ ريت ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب منهنجو امتحان (زباني امتحان ايم اي) جو ورتندڙ استاد هڪ مهربان شخص ۽ تيز نظر نقاد هو جنهن جي نظر عقابي هئي ڪيس علم ادب ۾ ذهين، محنتي ۽ چاڻو ماڻهوءَ جي شناس هئي. منهنجي ڪم کي هميشہ پسند ڪندو هو ڪجھ ماڻهن کي سندن تز جملا ادبي ڏي وٽ ۾ پسند نہ بہ ايندا هئا، جا ڳالھ مون سندن ادبي تاريخ ۾ پڻ محسوس ڪئي آهي پر عملي انسان هوءِ محنت ڪندڙن کي مڃيندڙ پڻ.

ولي رام ولڀ سان منهنجي ۽ منهنجي گهرواري انور خان جي پراڻي نياز مندي آهي اسين سڀ ٽر جا ماڻهو ڪڇهرين جا ڪوڏيا آهيون سندن جي گهر ويندا آهيون تہ وڏو مان ڏيندا آهن. ترجمي جي باري ۾ سندن ڪم ڪنهن تعريف جو محتاج نہ آهي.

ڪامريڊ تاج محمد ابڙو ڪي مون روبرو تہ نہ ڏٺو هو پر نالو ضرور ٻڌو هو سندس نياڻين زاهده تاج ابڙو ۽ شاهده ابڙو (پرنسپل نذرت ڪاليج) سان منهنجي انڊراسٽينڊنگ رهي آهي. مون ڪي تاج محمد صاحب جي ورسيءَ تي لکڻ جو چيائون ۽ تاج ابڙو جي باري ۾ هڪ ڇپيل ڪتاب پڻ گهر ڏيڻ سندن پٽ نادر ابڙو آيو ڪين اهو مضمون تاج ابڙو جي ورسيءَ تي ڪاوش اخبار ۾ ڇپرائڻو هو جو مون ڪتاب ۾ موجود مواد جي حساب سان لکيو ۽ ڪين پسند آيو. ٻئي ڏينهن ورسيءَ جي موقعي تي ڇپيو. اهڙيءَ ريت ٻيا مضمون پڻ موقعي بہ موقعي تي لکجڻ ۾ آيا.

هي چونڊ ماڻڪ موتي ۽ لالَ، ادب وسيلي توهان تائين پهچائي توهان پڙهندڙن جي راءِ جي منتظر آهيان.

**ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ**
A_03،ڏيپلائي ٽائون، حيدرآباد.
03332766564
5_5_2021

حصو پهريون

(شخصي مضمون)

# شهيد راڻي بينظير ڀٽو

جهونجهارن جوانن جيان ڌرتيءَ ماءُ کي رت جو ريج ڏيندڙ سنڌ جي عظيم نياڻيءَ محترمہ شهيد بينظير ڀٽو نہ فقط ايشيا جي هن ترقي پذير خطي ۾ جمهوريت جو ٻج باقاعده طور ڇٽيو پر ان جي بقا ۽ جيئندان لاءِ پنهنجي اڻملھ حياتيءَ جو نذرانو بہ هن ڌرتيءَ کي ڏنو.

اڄ جو اسين هن زمين جي ٽڪري تي سُک جو ساهہ کڻي آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ سان جي رهيا آهيون، سو فقط ۽ فقط سنڌن بهادري ۽ دليراڻي قيادت جي ڪري. هن ”سون ورني سوڍيءَ“ پنهنجي رڳن ۾ ڊوڙندڙ رت جو ڦڙو ڦڙو جمهوريت جي سلامتيءَ تي قربان ڪيو. مٿس هن زمين جو ذرو ذرو ناز ڪندو رهندو. تاريخ ۾ هوءَ سون ورنن حرفن سان شهيد جي حيثيت ۾ زنده آهي.

شهيد راڻي هڪ عظيم انسان ۽ هڪ عظيم قائد هئي عوام جي خوابن جي عڪس ڪان حقيقت جو روپ هئي. هوءَ پاڪستان جي ڪروڙين ماڻهن جي دلين تي راڄ ڪندڙ رهي، پر آمريڪا، يورپ، آفريڪا، ايشيا ۽ مسلم دنيا سان گڏ پوريءَ ڌرتيءَ جي گولي تي هوءَ اهميت جوڳن فردن مان هڪ هئي. هن عوامي حقن جي بحالي، آئين جي پاسداري، ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ لاءِ هڪ ڊگهي جدوجهد ڪئي، سندس عزم پاڪستان جي بقا، مظبوطي ۽ سالميت سان گڏ عوام کي با اختيار ۽ سياسي طور مضبوط بنائڻ هو. هُن قيد ۽ بند جي صعوبتن کي صبر سان سنو ۽ ظلمن ۽ جبرن کي منهن ڏنو پر بدلي ۾ ڪيس نوجوان ڀائرن جا لاش تحفي ۾ مليا. پنهنجي پياريءَ امڙ کي حال کان بي حال ٿيندي ڏٺائين. سندس وَر اٺن سال جي سزا ڀوڳي پر پاڻ اڪيلي سر ٻچڙن جي تعليم ۽ تربيت سان گڏ رياستي ڏاڍ کي منهن ڏنائين، سندس عزم ۽ استقلال کي ڪوبہ لوڏو نہ آيو. انهيءَ همٿ جو سبب اهو هو تہ هيءُ خون بي خوف خون آهي. هن بهادر خاندان جي ريتي رت سان ملڪ جي جمهوريت جي انقلابي تاريخ لکي ويئي آهي هن بي خوف خون جا نشان ڪال ڪوٺڙين کان ڦاسي گهاٽن تائين، ڪراچيءَ جي ڪلفٽن جي روڊن کان راول پنديءَ جي رستن تائين هر عام ۽ خاص کي چٽا پسجڻ ۾ اچن پيا. هنن سورهين وٽ سِر ڏيئي سَرهو ٿيڻ جي ريت رهي آهي. سندن لاءِ ”سختي شهادت جي نسورئي ناز“ آهي. وٽن سياست جدوجهد ۽ عبادت آهي تہ ان وسيلي ماڻيل شهادت حقيقي سعادت رهي آهي.

سختي شهادت جي نِسورئي نازُ
رند پروڙين راز قضيئي ڪربلا جو
(1_11 سرڪيڏارو)

شهيد راڻيءَ جي پويان جمهوريت دشمن قوتون لڳل هيون. پر ڪيس يقين هو ته مذهبي انتها پسندين ۽ تعصب وارن روين کي ٻنجو ڏيڻ لاءِ فقط جمهوريت کي قائم دائم رکڻ جو گس ئي بهتر آهي. هوءَ ڀليءَ ڀت ڄاڻندي هئي، ته آمريت ۽ ان سان آيل سماجي اڻ برابري ۽ ٻيا معاملا کهڙيءَ ريت هاڃيڪار ٿي عوام جي اميدن ۽ آسن کي نراسائيءَ ۾ تبديل ڪن ٿا. تنهن ڪري هن فقط ۽ فقط جمهوريت جي بقا کي ملڪ جي ترقيءَ جو پروانو ڄاتو ۽ هڪ اهڙيءَ جدوجهد جو رستو عوام کي ڏنو. جنهن ۾ جيئندان جا سڀ گس فقط ۽ فقط قربانين تي مشتمل هجن.

ڏنو وڃي ته آدرشي انسانن جي حياتين جا سفر ڪنن ئي هوندا آهن، هونئن موت ته هر ڪنهن کي اچڻو آهي، پر ڪارائتي موت ڏي هلڻ واري حياتي ئي "مقصدي حياتيءَ" جي تعبير آهي. جنهن جي ڄاڻ انهن کي آهي، جيڪي سوريءَ کي سينگار ٿا ڄاڻن.

جيئن ته شهيد راڻي موت ۽ حياتيءَ جي انهيءَ ابديت واري فلسفي کان پوريءَ ريت واقف هئي ڪيس خبر هئي ته "ترت، تاراهي لنگهنديون جن جي اکير سچي هوندي" ۽ هوءَ شاهه سائينءَ جي انهيءَ سهڻي سخن جي به ڄاڻو هئي ته، "وينن تان واري ٿي وري"، انهيءَ ڪري وٽس حياتيءَ جو هڪ هڪ پل قيمتي هو ڪيس اها به خبر هئي ته هن وٽ وقت ٿورو آهي. تڏهن ئي ته وطن واپس ورڻ تي، لکين دلين جي ترجمان هن بي ڊپيءَ ۽ بي خوف اڳواڻ فرمايو ته،

"منهنجا هم وطن ساٿيو! موت جي ڌمڪين جي باوجود مان آمريت جي اڳيان پنهنجو سر نه جهڪائينديس ۽ ان خلاف جدوجهد ڪنديس منهنجو ۽ توهان جو ملڪ خطري ۾ آهي. مان پنهنجي ملڪ جي عظيم عوام کي اڪيلو نٿي ڇڏڻ چاهيان، ڇو نه منهنجي جان هلي وڃي" ۽ سچ پچ اهي لفظ سندس آخري لفظ ثابت ٿيا. سڄيءَ دنيا ڏٺو. 27 ڊسمبر 2007ع تي پنجاب جي شهر راول پنڊيءَ جي لياقت باغ ۾ جمهوريت جي هن جدوجهد کي ختم ڪرڻ لاءِ لکين ماڻهن جي موجودگيءَ ۾ دستي بمن ۽ گولين سان هڪ عورت تي حملو ڪيو ويو. ميڊيا معرفت هن نه اعتبار ۾ ايندڙ خبر تي پوري ملڪ ۾ ڪهرام مچي ويو. ايئن لڳو ته ڄڻ هندوستان ۽ پاڪستان جو ٻيهر ورهاڱو ٿيو هجي، ڄڻ ڪا ڪاري قيامت آئي هجي، اهڙي شهادت سنڌ جي هن سورميءَ کي نصيب ٿي، جنهن پوريءَ دنيا کي بي حال ڪري ڇڏيو. سنڌس شهادت جو سور سهڻ ڪان مٿي هو هر هڪ ماڻهو هر هنڌ. گهٽين ۽ گسن ۾ روئيندي ۽ ٻاڪاريندي ڏٺو ويو. سورنهن ڪروڙ عوام جي اُمنگن جو ڏيئو پل ۾ اُجهامي ويو.

حقيقت ۾ هوءَ اڄ به زنده آهي، پنهنجي وَرَ آصف علي زرداري ۽ ٻچڙن بلاول ڀٽو زرداري، بختاور ۽ آصفه جي عزم، ثابت قدمي ۽ جرئت جي صورت ۾، پنهنجي ڪارڪنن جي جوش ۽ جذبي ۾، ڪروڙن پاڪستانين جي دلين ۾، پنمهنجي لکيل تحريرن ۽ تقريرن ۾ ۽ پاڪستان ۾ قائم ٿيل جمهوريت ۾، هوءَ اڄ به زنده آهي ۽ رهندي.

سنڌس چوڻ آهي ته، "جمهوريت جو قائم هئڻ ئي آمريت کان انتقام آهي"، پر ڏٺو وڃي ته ان جي مطابق اسان جي عوام ۾ به ڪجھ خاص خوبيون هئڻ ضروري آهن. سياسي سمجھ، جمهوريت جي قائم

دائم رکڻ لاءِ پڪو عزم، جدوجهد، همت ۽ مستقل محنت. دنيا جي تاريخ شاهد آهي تہ سچ، انصاف، پيار، قرباني، اخلاص ۽ انصاف هميشہ کان متاثهان رهيا آهن. تہ ظلم بي دردي، برائي، بڇڙائي، ڏاڍ ۽ ڌڪاءُ، نفرت ۽ ڌڪار جوڳا رهيا آهن. استاد بخاريءَ چواڻي تہ،

**جي ظالم ڪري ظلم وقتي ڪٿي ٿو**
**سدا مينهن نفرت جو اُن تي وسي ٿو**
**جي مظلوم اصولن تي ڪٽجي مري ٿو**
**سدا مينهن محبت جو اُن تي وَسي ٿو.**

سوا چو تہ اج اسين پنهنجن رهبرن جي عملي ڪوشش ۽ قربانين مان سبق سکون ۽ شهيد بينظير ڀٽو جي جمهوريت لاءِ ڪيل جدوجهد ۽ جاني قربانيءَ کي پروان چڙهايون. اظهار جي آزاديءَ واري هن جمهوري سفر ۾ پنهنجي ملڪ کي انصاف پسند ملڪن جي قطار ۾ آڻيون تہ جيئن اسان جي ايندڙ نسلن جو ڀاڳ هميشہ جي لاءِ اوچو رهي سگهي.

(**نوٽ:** هيءُ مضمون محترمہ جي شهادت کان پوءِ ترت 2008ع ۾ لکيو هئم. پيپلز پارٽي قومي پارٽي آهي. سنڌين مان قومي ليول تي پارٽيءَ جو اپرڻ هڪ اعزاز هو جيڪو ڪارنامو ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد راڻيءَ سرانجام ڏنو ۽ ان جو ڪٿيواج تائين پارٽيءَ وارا ڪائي رهيا آهن. پر موجوده دور ۾ اهو بلڪل بجا طور چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي قوم جي اميدن تي پيپلز پارٽي پوري ڪونہ لٿي آهي پر سنڌي قوم وٽ ڪو ٻيو وسيلو بہ ڪونهي. اهو سوچي تہ پنهنجا ماري بہ ڇانوَ ۾ وجهندا، وري بہ پي.پي کي ووٽ ڏين پيا. پي.پي وارن کي ڀٽو صاحب ۽ محترمہ جي مشن تي ڌيان ڏيڻ گهرجي.)

# تاريخ ساز شخصيت: ڊاڪٽر غلام علي الانا

سنڌي علم و ادب جو جائزو وٺڻ سان معلوم ٿيئي ٿو تہ سنڌي ادب ۾ ڪجھ اديب، شاعر، عالم ۽ محقق اهڙا رهيا آهن، جن پنهنجون سڄيون سڄيون حياتيون سنڌي ٻوليءَ ۽ علم و ادب جي خدمت ۾ صرف ڪيون آهن. سندن فن صدين جي عرصي تي محيط رهيو آهي. اهڙا ئي قلم جا سرواڻ سپاهي، قومن جو شان ۽ مان هوندا آهن. قومون پنهنجن عالمن، اديبن، شاعرن، مشاهيرن، محققن ۽ ڏاهن جي هنر ۽ حڪمت، علم ۽ فن سان سڃاتيون وينديون آهن، جن جي علمي، ادبي، ديني، سماجي، سياسي ۽ فني شعور سان ايندڙ نسلن جا ذهن واسبا آهن.

اهڙن ئي عالمن ۽ سڄاڻن ۾ هڪ اهم نالو سنڌ، سنڌي قوم ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ "سنڌي ٻوليءَ جي فدائي" ڊاڪٽر غلام علي الانا جو آهي. 15 مارچ 1930ع تي ڳوٺ ٽڙ خواجہ تعلقي جاتيءَ ۽ ضلعي ٺٽي ۾ جنم وٺندڙ هي ٻار، بظاهر هڪ عام ٻار هو پر پنهنجين خداداد صلاحيتن ۽ علمي ذوق و شوق سببان ڏيهہ ۽ پرڏيهہ ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ علم و ادب جي حوالي سان هڪ وڏي وٿ قرار ڏنو ويو. سنڌي ٻوليءَ ۽ قديم توڙي جديد سنڌي ادب تي ٿيل سندن تحقيق وڏي ميجتا ماڻي آهي. ڊاڪٽر غلام علي الانا ڪيترائي ڪتاب سنڌي، اردو ۽ انگريزي ۾ علم و ادب، تهذيب ۽ تاريخ، ثقافت ۽ لسانيات جي موضوعن تي لکيا آهن. سندن لکڻ جو سفر مئٽرڪ ڪلاس ۾ لکيل ناول "لاش" کان بہ جيڪڏهن ڪٿجي تہ اهو سفر اڌ صديءَ کان مٿي عرصي تي مشتمل نظر ايندو، جنهنجو تفصيل پڙهن هن محدود مضمون ۾ انتهائي مشڪل آهي.

الانا صاحب شروع واري دور ۾ ڪجھ شاعري بہ ڪئي ۽ افسانہ نگاري ۽ ناول نگاريءَ کي بہ قلم جي گرفت ۾ آندو بنيادي طور سندن لاڙو نثر ڏانهن هو، جيڪو بہ ترت ئي تحقيقي ميدان ڏانهن مُڙي ويو. سندن تحرير جو فن خاص طور تحقيق ۽ تنقيد، تاريخ ۽ تهذيب، ثقافت ۽ تعليم جي چاڻ جي گرد گهمي ٿو. سندن لکيل ۽ ڇپيل ڪتابن کان علاوه جيڪڏهن سندن تحريرن ۾ مضمونن، مقالن، مقدمن، مهاڳن ۽ تقريرن کي گڏ ڪري ڇپايو وڃي تہ جيڪر ڪيترائي ڪتاب الانا صاحب جي تحريري فن جا مرتب ٿي وڃن. پاڻ ڪيترن ئي ڪتابن جا تفصيلي مقدما ۽ مهاڳ بہ لکيا اٿن. ادبي محفلن، ڪانفرنسن ۽ سيمينارن ۾ اعليٰ پايي جون، موضوعن کي چٽائيءَ ۽ سهڻائيءَ سان بيان ڪندڙ ادبي تقريرون ۽ مقالا پڙهي پيش ڪيا اٿن، جن کي جمع ڪري ڇپائڻ سان هڪ وڏو اٿملھ علمي ۽ ادبي خزانو ميسر ٿي پوندو.

ڊاڪٽر صاحب جي لکيل مقالن ۽ ادبي خدمتن جو تفصيل ڊگهو آهي. سندس لکيل مضمونن ۽ مقالن مان سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختلف پهلوئن جي ڪارائتي ڄاڻ ملي ٿي. اهي ليک، مشهور اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن، جن ۾ "نئين زندگي"، "تہ ماهي مهراڻ"، "سورٺ"، "پرک"، "سهڻي"، "روح رهاڻ"، "ڪلاچي"، "سنڌي ادب"، "ڪينجهر"، "روزانہ هلال پاڪستان"، "عبرت"، "ڪاوش" ۽ ٻيون

اخبارون ۽ رسالا شامل آهن. شروعاتي دور جي چند مضمونن ۽ مقالن کي يڪجا ڪري گلشن پبليڪيشن جي مالڪ، گل شير بلوچ، الانا صاحب کان اجازت وٺي، پنهنجي ذاتي شوق سان شايع ڪيا آهن ۽ ڪتاب جو عنوان ڊاڪٽر غلام علي الانا جا چونڊ مضمون ۽ مقالا رکيو اٿس. هن ڪتاب جو پهريون ايڊيشن هن وقت ختم ٿي ويل آهي. هيٺ الانا صاحب جي چند اهم مقالن ۽ مضمونن جو ذڪر ڪجي ٿو:

"سومرن جي دور ۾ سنڌي شاعري" (سه ماهي مهراڻ، 1960ع)، "سنڌي ٻوليءَ جي لهجن جو اڀياس" (سوڪڙي، 1964ع)، "سنڌي آوازن جي تقسيم" (سنڌي ادبي سوسائٽي، ڪراچي يونيورسٽي، 1967ع)، "سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد" (سه ماهي مهراڻ، 1967ع)، "اسلام جي آمد کان اڳ سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت" (نئين زندگي، 1968ع)، "لسانيات جو مقصد، مفهوم ۽ اهميت" (نئين زندگي، 1969ع)، "سنڌي" (نئين زندگي، 1970ع)، "پاڪستان ۾ قومي زبان جو مسئلو" (ماهوار سهڻي، 1971ع)، "سنڌي افساني جي اوسر" (چونڊ سنڌي افسانا ڪتاب، 1974ع)، "ڪڇ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ڦهلاءُ" (پرک، 1976ع)، "ڀنڀور جا آثار"، "سنڌي ٻولي ۽ سنڌي سماج جو مطالعو" (سه ماهي مهراڻ، 1983ع)، "سنڌي صوتيات، لسانيات، گرامر ۽ لغت تي ٿيل تحقيق" (مهراڻ، اپريل 1986ع)، "انسان زبان ۽ ثقافت" (نئين زندگي، فيبروري، 1988ع)، "ٻولي ان جي ابتدا ۽ اوسر" (مهراڻ 1ـ1986ع)، "سنڌي لوڪ ادب: سنڌي عوام جي سماجيات ۽ نفسيات جو مطالعو آهي" (مهراڻ لوڪ ادب نمبر، 1991ع)، "سنڌي ادب جا مسئلا ۽ ان جا حل" (مهراڻ، 1992ع)، "سنڌي دوني وگيان جو اڀياس" (ڪينجهر 8ـ2002ع)، "سُر بلاول ۾ ڪم آندل ٻوليءَ جو اڀياس" (ڪينجهر 3، 2003ع)، "امداد حسيني هڪ قد آور اديب" (ڪينجهر 10، 2004ع)، "جمال ابڙو: سنڌي سماج جو نمائنده ڪهاڻيڪار" (ڪينجهر، 2005ع). انهيءَ کان علاوه سندس ٻيا انيڪ مضمون ۽ مقالا جن ۾ خاص طور سوانحي احوال جيئن: "شمس العلَماء مرزا قليچ بيگ: سنڌي نثر جو باني" (مهراڻ نمبر)، "نسيم کرل، هڪ ڪهاڻيڪار" (نسيم کرل وڏو ڪهاڻيڪار، مرتب تاج جويو) ۽ ٻيا ٻه ڪيترائي مقالا ۽ مضمون آهن. حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست ۽ ٻين ڪيترن عالمن، اديبن ۽ شاعرن جي ورسين تي سندس پڙهيل مقالا ۽ تقريرون ذڪر جوڳيون آهن.

ڊاڪٽر صاحب جي مقالن مان ڪجھ حوالا پيش ڪجن ٿا. جيئن سندن مقالاتي ادب سان پڙهندڙن جي شناس ٿيئي. "ٻوليءَ جي ابتدا ۽ اوسر" ۾ ڄاڻائين ٿا ته: "ٻولي انسان جو فطري ۽ قدرتي ورثو آهي، جيڪو انسانذات کي ابتدا کان عطا ٿيو آهي ۽ جو بتدريج انسانذات سان گڏ آهستي آهستي ترقي ڪندو رهيو آهي". (1)

"سُر بلاول ۾ ڪم آندل ٻوليءَ جو اڀياس" مقالو خاص طور لسانيات جي موضوع سان لاڳاپيل آهي ۽ شاه جي ڪلام ۾، سُر بلاول جي ٻوليءَ جون لسانياتي خوبيون پيش ڪيون ويون آهن. الانا صاحب موجب: "شاه جي ڪلام جي اڀياس مان معلوم ٿئي ٿو ته "ڀٽائي سنڌي صوتيات جي اڀياس ۾ وڏي سمجھ ۽ سگھ رکندو هو. شاه جي رسالي ۾ ڪم آندل ٻوليءَ جي اڀياس مان حاصل ڪيل نتيجن جي آڌار تي

چئي سگهجي ٿو تہ شاهہ صاحب پنهنجي دور جي مروج ٻوليءَ جي ويا ڪرڻ، اصولن، صوتيات، صرفي، نحوي، ساخت ۽ سٽاءُ کان سواءِ لفظي ۽ معنوي خوبين کان چڱيءَ طرح واقف هو. شاهہ صاحب علمِ صرف جي بہ ڄاڻ رکندو هو. هن ڪيترين ئي اڳياڙين ۽ پڇاڙين ملائڻ سان هزارين نوان مرتب لفظ ٺاهيا ۽ اهڙيءَ طرح لفظن مان مرڪب لفظ جوڙيا“. (2)

هن مقالي ۾ شاهہ صاحب جي ڪلام مان سُر بلاول ۾ استعمال ٿيل، مرڪب لفظ، مرتب لفظ، اسم فاعل، حالت جري، حالت اضافت، ضمير متصل جو استعمال، فعل جي حالت، زمان مضارع، ضميرن جو اڀياس، صوتياتي مطالعو سُر ڪي حذف ڪرڻ، ظرف جو استعمال، ڪڇي لهجي ۽ هندي ٻوليءَ جا ڪي لفظ اصطلاح، متضاد لفظن جو استعمال، عدد واحد ۽ عدد جمع جي صورتن جا مثال، ويا ڪرڻ جون انوکيون صورتون، ڪيڪار، ڀليڪار ۽ آجيان جا لفظ، لفظن تي تڪرار يعني دهرائڻ ۽ ٻنا لفظ، ماضيءَ جي صورتن جا نوان مثال، مخفف صورتون ۽ متروڪ لفظن جو جائزو ورتل آهي. الانا صاحب موجب: ”شاهہ جي رسالي ۾ ويا ڪرڻ جا دلچسپ ۽ انوکا مثال موجود آهن، جن جي گهري مطالعي جي ضرورت آهي“. (3)

مقالي، ”انسان، زبان ۽ ثقافت“ ۾ ڊاڪٽر صاحب، موضوع کي واضح ڪندي لکي ٿو تہ: ”سنڌي ثقافت جو مطالعو صرف آثار قديمہ جو مطالعو نہ آهي. يا صرف فن تعميرات، ڪئليگرافي، اجرڪ سازي، چُر، ڪاشيءَ ۽ جنڊيءَ جي ڪم جو اڀياس نہ آهي، پر سنڌي ثقافت جو مطالعو سنڌي زبان جو مطالعو آهي. سنڌ جي ثقافت سنڌي زبان جي مرهونِ منت آهي. سنڌي ثقافت جو مطالعو شاهہ لطيف، سچل سرمست، سامي، شاهہ عنايت، سانگي، قليچ بيگ ۽ جديد علم ادب جو مطالعو آهي“. (4)

”سنڌي لوڪ ادب، سنڌي عوام جي سماجيات ۽ نفسيات جو مطالعو آهي“. جي عنوان سان مقالي ۾ ڊاڪٽر صاحب لکيو آهي تہ: ”لوڪ ادب جو شاعر ۽ سُگهڙ، پنهنجي سرزمين جي هر حصي، هر خطي ۽ هر ماحول جو ترجمان هوندو آهي. عام فهم زبان ۽ ان زبان جي اصطلاحن ۽ پهاڪن کان سواءِ پنهنجي ٿَر جي محاوري ۽ لغت ۾ مهارت رکندو آهي. سنڌي لوڪ ادب، سنڌي عوام جي تهذيب، تمدن، ريتن رسمن ۽ ثقافت جو دفتر آهي. هن ۾ عوام الناس کي خطاب ڪيل هوندو آهي. عوامي زندگي، عام ماڻهن سان روزانہ واسطو رکندڙ، جاندارن ۽ شين سان گڏ عوام جي زندگيءَ جا ذريعا ڏنڊا، هنر، رسمون ۽ رواج هن ادب جا ئي عنوان آهن“. (5)

سنڌي افساني جي اوسر، مقالي ۾، سنڌي افسانوي ادب کي مختلف دورن ۾ ورهائي افسانوي ادب جو تجزيو ڪيو ويو آهي ۽ مشهور افسانہ نگارن: شيخ اياز، جمال ابڙي، اياز قادري، غلام رباني آگري، امر جليل، نسيم کرل ۽ آغا سليم جي فن جو جائزو ورتل آهي. 1974ع جي هن مقالي ۾، سنڌي افساني جي اهميت ۽ ان ۾ ايندڙ تبديلين کي الانا صاحب هن ريت بيان ڪيو آهي. ”ماحول ۽ سماج جي تبديلين جو اثر، سنڌي ادب جي ٻين صنفن سان گڏ سنڌي افساني تي بہ ٿيندو رهيو آهي. سنڌ جي جديد افساني ۾، زندگيءَ جي ٻين مسئلن سان گڏ بين الاقوامي مسئلن تي بہ لکيو ويو آهي انهي ڪري اڄ سنڌي افسانو

انگريزي، جرمن، روسي ۽ ٻين ترقي يافته ٻولين جي افساني سان ٽڪر کائي سگهي ٿو. سنڌ جي جديد افساني جي ڪاميابيءَ جو وڏي ۾ وڏو ثبوت هي آهي ته انهيءَ مان ڪي چونڊ افسانا انگريزي، جرمن ۽ روسيءَ ۾ ترجما ٿيا آهن“. (6)

”سنڌي ادب جا مسئلا ۽ ان جو حل“، ڊاڪٽر صاحب جو سنڌ ثقافت کاتي طرفان سڏايل ڪانفرنس ۾ پڙهيل مقالو آهي. ويهن صفحن جو هيءُ مقالو سنڌي ادب ۽ اديبن جي مسئلن کي بيان ڪري ٿو. مقالا نگار موجب ته: ”سنڌي ٻوليءَ جا مسئلا، سنڌي اديبن جا مسئلا، سنڌي سماج جا مسئلا ۽ سنڌي ادب جا مسئلا چار اهم نڪتا آهن. ڪنهن به ٻوليءَ جي ترقيءَ ۽ ترويج لاءِ ٻوليءَ جي رٿابنديءَ وارو قدم دنيا جي هر ملڪ ۾ اهم سمجهيو ويندو آهي“. هن مقالي ۾ سنڌي ٻولي ۽ اديبن جي مسئلن کي تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي ۽ ڪارائتيون صلاحون ڏنيون ويون آهن. ادب جي واڌاري لاءِ اديبن، اشاعتي ادارن، عوام ۽ حڪومت جي گڏيل سهڪار جي اهميت کي زور وناڻ جون صلاحون پيش ڪيل آهن. جن مطابق: ”سنڌ، سنڌي زبان ۽ سنڌي ادب جي سڃاڻپ انهيءَ ۾ آهي ته اديب ۽ ادبي ادارا استحصال، خودغرضي، منافقت ۽ گروهه بنديءَ واري پاليسيءَ کان پاسو ڪن“. (7)

”سنڌي ڌُوني وگيان جو اڀياس“، مقالي ۾ الانا صاحب، ڊاڪٽر مُرليڌر جيٽلي جي ڪتاب ”سنڌي ڌُونِي وگيان جو اڀياس“ جو تنقيدي جائزو پيش ڪيو آهي. هن ڪتاب جي هر هڪ باب جو تفصيلي جائزو هن مقالي ۾ ڏنل آهي. الانا صاحب لسانيات جي موضوع تي لکيل سندن ذاتي ڪتابن ”سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس“ ۽ ”سنڌي صوتيات“ سان گڏ پروفيسر علي نواز جتوئي جي ڪتاب ”علم لسان ۽ سنڌي زبان“ ۽ ٻين حوالن سان هن ڪتاب تي اصلاحي تنقيدي تعريف ڪئي آهي. ڪجھ علمي اختلافن جي هوندي به (جن جا الانا صاحب وزنائتا دليل ڏنل آهي) هن ڪتاب کي گهڻو ساراهيو پڻ آهي. لکن ٿا ته: ”ڊاڪٽر جيٽلي صاحب جو هيءُ ڪتاب گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ سنڌي زبان جي ڌار ڌار پهلوئن جي گهري مطالعي ۽ ڀاشا وگيان جي اصولن کي آڏو رکي لکيو ويو آهي. منهنجي ايماندارانه راءِ آهي ته جيٽلي صاحب هي ڪتاب لکي، سنڌي ڀاشا وگيانن جي وڏي خدمت ڪئي آهي. هن ڪتاب ۾ ڪيل محنت تي آءٌ ڊاڪٽر جيٽلي صاحب کي دل جي گهراين سان مبارڪباد ڏيان ٿو“. (8)

”نسيم کرل هڪ ڪهاڻيڪار“، مقالي ۾ الانا صاحب نسيم کرل جي افسانوي فن کي مڃتا ڏيندي لکيو آهي ته: ”هو سنڌي عوامي زندگيءَ جو عڪاس آهي“ ڊاڪٽر صاحب، نسيم کرل جي ڪهاڻي ”ڀهرين مراد“ جي ڪردار ماڻڪ کي سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت جي اوٽ ۾ تجزيو ڪيو آهي. سندن موجب ته: ”ڪوپن هيگن جي ڊاڪٽر پرپولا کي موهن جي دڙي مان لڌل هڪ مهر مطابق ماڻڪ ”سورهيه“ يا ”بهادر“ آهي. يعني قديم سنڌي روايتن جو پاسبان آهي ۽ نسيم کرل جي هيءَ ڪهاڻي سنڌ جي قديم قدرن جو اهڃاڻ آهي“. (9)

”امداد حسيني هڪ قدآور اديب“، چوويهن صفحن جو هڪ طويل مقالو آهي جيڪو امداد صاحب جي شاعريءَ جي مختلف رخن سان گڏ، خاص طور لسانياتي خوبين جي ڄاڻ ڏئي ٿو. ڊاڪٽر الانا

لکيو آهي تہ: ”امداد حسيني نہ فقط سنڌي شاعريءَ ۾، نہ فقط سنڌي ادب جي تاريخ ۾، پر سنڌي لسانيات جي تاريخ ۾ هڪ وڏو نالو آهي ۽ هڪ قدآور نالو آهي. امداد جو ذهن، حسن بياني، ٻوليءَ جي رنگيني، صنعتن ۽ خاص ڪري تشبيهن استعارن ۽ تجنيس جي استعمال جي لحاظ کان هڪ بي پايان بحر آهي هن وٽ ٻوليءَ جو اڻ ميو خزانو آهي. هو نون لفظن، نون اصطلاحن، فقرن ۽ ترڪيبن گهڙڻ ۽ انهيءَ خزاني کي تخليق ڪرڻ جي وڏي مهارت رکي ٿو. اها تخليقي قوت ئي آهي جنهن جي ڏات سان شاعري ڪندي هن جي ذهن تي ڪئين ٺُڙ سنڌي لفظ ۽ سهٽيون سِٽون لاشعوري طور تريو اچن“. (10)

جمال صاحب جي فن کي هن ريت مڃتا ڏني اٿن: ”جمال ابڙي سنڌي زندگيءَ جي ڏار ڏار پهلوئن ۽ ڏار ڏار واقعن تي لکيو آهي. هن سنڌي زندگيءَ جي گوناگون مسئلن ۽ داخلي ڳالهين تي قلم کنيون آهي. هن جي ڪهاڻي سنڌي جيوت جو ڀرپور اپياس آهي“. (11)

مٿي ڏنل حوالا صرف چند مقالن مان ڏنا ويا آهن. ڊاڪٽر صاحب جن تہ گهٽائي مضمون ۽ مقالا لکيا آهن شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جن موجب تہ:

**مثال ان سندا ڪيترا ڏئي قليچ،**
**نموني جي مٿ مان پروڙيو خرار.**

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو تہ: ”مقالاتي ادب ۾ ڊاڪٽر الانا جو لکيل مقالو ”سومرن جي دور جي سنڌي شاعري“، شاعريءَ جي تاريخ جي سلسلي ۾ هڪ ماخذ جو ڪم ڏيندڙ ۽ هڪ لاپائتو مقالو آهي. اڳيان لکيو اٿن تہ: ”سندن پي. ايڇ. ڊي جو مقالو: لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ جيڪو ڪتابي صورت ۾ ڇپيو تمام عمدو ۽ تحقيقي عرق ريزيءَ سان تيار ڪيل مقالو آهي“. (12)

ڊاڪٽر الانا صاحب جي مقالن ”لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ“ مان موضوع مطابق وڏي ڄاڻ ۽ رهنمائي ملي ٿي. انهيءَ ڪانسواءِ هن صاحب ڪيترن ئي علم جي پانڌيئڙن سان سندن نگران جي حيثيت سان جيڪي ٿيسز مڪمل ڪرايون آهن انهن جا عنوان هن ريت آهن: ”سنڌي زبان جي پاڪستان جي مختلف زبانن ۾ تعليمي ۽ ادبي حيثيت“ ڊاڪٽر غلام حيدر ٻرڙو، ”حيدرآباد جي ٽالپرن جو علمي، ادبي، سماجي ۽ سياسي تاريخ ۾ حصو“ ڊاڪٽر قمرجهان مرزا، ”سنڌ مدرسي جو سنڌي ادب ۾ حصو“ ڊاڪٽر ممتاز حسين شاهہ، ”ڪراچي ضلعي جو سنڌي ادب ۾ حصو“ ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ، ”خيرپور ميرس جي ٽالپرن جو سنڌ جي سياسي، علمي ۽ ادبي تاريخ ۾ حصو“ ڊاڪٽر عطا محمد حامي ۽ ”سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج“ ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو. (13)

مٿي بيان ڪيل پي. ايڇ. ڊي ٿيسز ڪانسواءِ بہ ڪيترا مقالا الانا صاحب جي زير نگرانيءَ هيٺ تيار ٿيا آهن. انهن مان گهڻن جا عنوان، زبان، ادب، تاريخ ۽ ثقافت جي گرد گهمن ٿا، جنهن مان خبر پوي ٿي تہ الانا صاحب کي علم و ادب جي هن ڏس ۾ عبور حاصل رهيو.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي، ڊاڪٽر الانا جي تاريخ، تهذيب ۽ ثقافت جي حفاظت لاءِ ورتل دلچسپين ۽ عملي ڪوشش ڪي هن ريت ساراهيو آهي. ”ادب ۽ لسانيات ۾ اهم ڪتاب لکڻ سان گڏ الانا صاحب ثقافت سان خاص دلچسپي رکي ٿو ۽ ان سلسلي ۾ ڪيس ماهرانه قابليت آهي“. (14)

ڊاڪٽر الانا صاحب سنڌ پرڳڻي ۾ ان جي رهواسين ۽ ٻوليءَ ۽ ثقافت جو اونهو اڀياس ڪري پنهنجيءَ قوم کي ذهن نشين ڪرايو آهي، ته ٻوليءَ جي اهميت ۽ ڄاڻ قومن جو مان ۽ شان آهي. پنهنجيءَ تاريخ، تهذيب و ثقافت جي حفاظت ئي اسان جو املهه سرمايو آهي. سندن ئي لفظن موجب ته: ”ڪنهن به قوم جي ٻوليءَ جو مطالعو اُن قوم، ان ملڪ جي ماڻهن معاشري، تهذيب و تمدن ۽ ثقافت جو مطالعو آهي“. (15)

الانا صاحب مٿين ستن ۾ اها صرف دعويٰ نه ڪئي آهي بلڪ پاڻ عملي طور تي پڻ اهو ثابت ڪيو اٿن، خاص طور تي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ ۾ سنڌي لئنگيج اٿارٽي جي اعليٰ عهدن تي هن ڏس ۾ پاڻ پتوڙيو اٿن. سندن خدمتون هميشه انهن ادارن جي تاريخ ۾ امر رهنديون.

خادم حسين چانڊيو انهيءَ جي باري ۾ ڄاڻائي ٿو ته: ”الانا صاحب رات ڏينهن هڪ ڪري وڏيءَ محنت سان سنڌي ٻوليءَ جي باختيار اداري کي عروج بخشيو. سندن ذاتي ڪوشش سان سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ اداري طرفان ڪيترائي اهم علمي قدم کنيا ويا آهن. جهڙوڪ: ”هڪ جلدي سنڌي لغت جي اشاعت“ ۽ ”انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا“ وغيره مختلف مضمونن تي وقت به وقت سيمينار ڪرائڻ، روينيو ۽ دفتري ٻولين جون لغتون ۽ ڪتاب تيار ڪرائڻ ۽ ٻيا ڪم شامل آهن“. (16)

عنايت بلوچ ڪين هن ريت مڃتا ڏني آهي. ”جَس هجي سائين ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جن کي جن هن انسٽيٽيوٽ کي پنهنجي اڻ ٿڪ محنت، چاهه ۽ محبت سان مظبوط بنياد تي بيهاريو ۽ ڊڪ ڊوڙ ڪري سنڌي ڳوٺن ۽ واهڻن ۾ وڃي قلمي ڪتابن توڙي اسان جي ثقافت جي اهم اهڃاڻن کي هٿ ڪري اچي، هن انسٽيٽيوٽ جي حوالي ڪيائين. جنهن ذخيري سان اڄ سوين ماڻهو لاڀ پرائي رهيا آهن“. (17)

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي لکيو آهي ته: ”خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ جي قديم آثارن ۽ اهڃاڻن جي حفاظت جي ڏس ۾ وڏو ڪم ڪيو آهي. محترم ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب قديم، ناياب قلمي ڪتابن سان گڏ، آثارِ قديمه جون شيون، هِتان هُتان گڏ ڪندو، سنڌالاجي ۾ محفوظ ڪندو ويندو هو نه فقط ايترو پر سنڌ جي تاريخي ۽ ثقافتي اهڃاڻن، آثارن، ماڳن، مڪانن جي مناظر جا فلم ۽ فوٽا به ڪيرائي رکيا اٿن“. (18)

مٿئين تفصيل ڏيڻ جو مطلب آهي ته الانا صاحب هڪ علمي ۽ عملي انسان هو. هن جيڪي ڪجهه پنهنجي تحريرن ۾ آندو اهو نه فقط پنهنجي موضوع سان مڪمل لاڳاپيل آهي. پر لڳي ٿو ته جڻ موضوع جي اندر پيهي، ان جو حصو ٿي. وڏيءَ جاکوڙ ۽ تحقيق کان پوءِ قلم کي ڪاغذ جو حصو بڻايو اٿن. سندن اهي ڪوششون، سنڌ ۽ سنڌي ادب جي تاريخ ۾ هميشه هڪ لازوال حيثيت ماڻيل رهنديون.

## حوالا:


1. الانا غلام علي، ڊاڪٽر: ٻوليءَ جي ابتدا ۽ اوسر، سه ماهي مهراڻ_1، سنڌي ادبي بورڊ، 1986ع، ص_85.
2. الانا غلام علي، ڊاڪٽر: سُر بلاول ۾ ڪم آندل ٻوليءَ جو اڀياس، ڪينجهر_9، يونيورسٽي آف سنڌ 2003ع، ص_17.
3. ساڳيو.
4. الانا غلام علي، ڊاڪٽر: انسان زبان ۽ ثقافت، مقالا فيبروري_ 1988ع، ص_64.
5. الانا غلام علي، ڊاڪٽر: "سنڌي لوڪ ادب سنڌي عوام جي سماجيات ۽ نفسيات جو مطالعو آهي"، سه ماهي مهراڻ (لوڪ ادب نمبر) سنڌي ادبي بورڊ، ص_72_70.
6. الانا غلام علي، ڊاڪٽر: "چونڊ سنڌي افسانا"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو 1974ع، ص_11.
7. الانا غلام علي، ڊاڪٽر: "سنڌي ادب ان جا مسئلا ۽ حل"، سه ماهي مهراڻ 2_1، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 1992ع، ص_98.
8. الانا غلام علي، ڊاڪٽر: "سنڌي دوني وگيان جو اڀياس"، ڪينجهر_8، يونيورسٽي آف سنڌ، 2002ع، ص_249.
9. جوڻيو تاج، (مرتب)، "نسيم کرل قدآور ڪهاڻيڪار وڏو انسان"، سنڌ ماٽڪ موتي تنظيم، 2004ع، ص_162.
10. الانا غلام علي، ڊاڪٽر: "امداد حسيني قدآور اديب"، ڪينجهر_10، 2004ع، ص_4.
11. الانا غلام علي، ڊاڪٽر: جمال ابڙو "سنڌي سماج جو نمائيندو ڪهاڻيڪار"، ڪينجهر، يونيورسٽي آف سنڌ، 2005ع، ص_6.
12. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي: ڊاڪٽر، "سنڌي ادب جو تاريخي جائزو"، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ڇاپو ٻيو 2002ع، ص_185.
13. ڪينجهر_3، سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو ص_163.
14. جوڻيجو عبدالجبار، ڊاڪٽر: "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ"، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ٽيون ڇاپو 1994ع، ص_254.
15. الانا غلام علي، ڊاڪٽر: انسان زبان ۽ ثقافت، "مقالا"، 1988ع، ص_4.
16. چانڊيو خادم حسين: "ماروئڙي ملير جا"، گنج بخش ڪتاب گهر، 2001ع، ص_471.
17. بلوچ، عنايت: "سنڌي ثقافت جي حفاظت ۾ سنڌالاجيءَ جو ڪردار" (مقالو)، نئين زندگي، سلور جوبلي نمبر2، پاڪستان پبليڪيشن، 1988ع، ص_64.
18. ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر: "سنڌ جي تاريخ جا قديم آثار ۽ اهڃاڻ"، نئين زندگي، جنوري 2، پاڪستان پبليڪيشن، 1988ع، ص_30.

# مهربان محقق: ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

26 نومبر 1935ع تي ڳوٺ پير فتح محمد شاه، ضلعي بدين ۾ جنم وٺندڙ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو جي سنڌي ٻولي ۽ ادب جي ميدان ۾ ڪيل خدمتن کي هنن ٻن چئن صفحن ۾ ميٽا ڏيڻ ممڪن نه آهي. هن مهربان محقق جو سوانحي احوال سندس علميت جا ڪيترائي روشن گوشا ڏيکاري ٿو. جنهن جو مظهر سندس ڪئين ڪارائتا ۽ ڪمائتا ڪتاب آهن. جيڪي هو وڏي جفاڪشي ۽ عرق ريزيءَ سان سنڌ جي ايندڙ نسل جي هٿن ۾ وڏا وڙ ڪري ڏيئي ويو آهي.

ادبي دنيا جي هن معروف هستيءَ جا شاعري، افسانا نويسي، ناول، تاريخ، تنقيد، تحقيق، سوانح ۽ لطيفيات ڪانسواءِ ٻين موضوعن تي ڪيترائي ڪتاب آهن. جن جي ڳاڻيٽي جي برعڪس فقط چند ڪتابن جو به جيڪڏهن ڳوڙهو اڀياس ڪجي ته ڄاڻ پوندي ته هن جنهن به موضوع کي هٿ لاتو انهيءَ سان پورو پورو انصاف ڪيو. چاهي اها سنڌ جي ادبي تاريخ هجي يا"لطيفيات"، "شيخ اياز جي شاعريءَ جو مطالعو" هجي يا "ڪنمال". سندس پوري حياتي قلم ۽ ڪتابن سان سلهاڙيل هئي. سندس ڪيل علمي ۽ ادبي پورهئي جي لاٽ ڪڏهن به نه اُجهامندي. جيسيتائين سنڌي ٻولي لکي ۽ پڙهي ويندي ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو جو نالو قائم ۽ دائم رهندو.

ڊاڪٽر صاحب کي مطالعي سان بي انت پيار هو. جنهن جي ڄاڻ سندن قائم ڪيل ذاتي لائبريري "دارالسلطانيه لائبريري" مان پوي پيئي. سندن نظر ۾ ڪتابي علم فقط پڙهڻ نه پر پرکڻ، پروڙڻ ۽ هينئين سان هنڊائڻ آهي. انهيءَ ڪري ٻين ادبي صنفن ۾ لکندي لکندي سندن لاڙو ترت تحقيق جي ميدان ڏي مڙي ويو ۽ تحقيق ۽ تنقيد به جهڙي تهڙي نه بلڪ هُو هڪ اهڙو محقق/نقاد هيو. جو جيستائين ڪنهن به تحقيقي ڪم جي ڇنڊ ڇاڻ مان مڪمل طور مطمئن نه ٿيندو هو تيستائين ڪوبه نتيجو ڏيڻ پسند نه ڪندو هو.

ڊاڪٽر صاحب جي عالماڻي نوعيت جي ڪم ۾ هڪ وڏو ڪارنامو لطيف شناسيءَ جي پروڙ آهي.

شاه ڀٽائيءَ سان عقيقدت ۽ محبت ۽ ان جي آفاقي ڪلام جي ڪيفيت کي سمجهڻ ۽ انهيءَ جي اونهائيءَ ۽ موسيقيت کي محسوس ڪرڻ ۾ ڊاڪٽر جبار کي وڏو ڪمال حاصل هيو. هن لطيفي ڪيف جي سرور کي پنهنجي اندر ۾ اوتيندي ڪيترائي مقالا، مضمون، تقريرون ۽ تحريرون پيش ڪيون. لطيف شناسيءَ جي حوالي سان سندس ڪم کي سنڌي ادب ۾ اهميت حاصل آهي. ڊاڪٽر صاحب شاه سائينءَ جي حياتي، ڪلام، ان جي ترتيب، لغت، شاه جي شاعريءَ جو فلسفو موسيقي، مطلب ته گهڻن رخن تي لکيو. هن ڏس ۾ مڪمل ڪتاب لکيا ان ڪانسواءِ سندن نگرانيءَ ۾ تيار ٿيل پي.ايڇ.ڊي ٿيسز خاص

اهميت رکن ٿيون. جن ۾ ڊاڪٽر غلام نبي سڏايو ڊاڪٽر شڪنتلا سيواڻي ۽ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ کهڙو جا تحقيقي مقالا آهن. ڪين چڱيءَ پر ڄاڻ هئي تہ اجان تائين لطيفي فن جا ڪهڙيون ڪنڊون پاسا رهيل آهن، جن تي روشني وجهڻ جي اشد ضرورت آهي.

ڊاڪٽر عبدالجبار جي لکيل لطيفي فن ۾ اهم ڪتاب ”ڪنز اللطيف“، ”لطيفيات“، ”ببليو گرافي شاهہ تي لکيل ڪتابن جي“، ”شاهہ جي رسالي جومطالعو“، ”ڪشف الآبيات“ آهن. ان ڪانسواءِ سندن مقالن جي اهم ڪتاب ”ڪنمال“ ۾ صفحي 141 کان 284 تائين لطيفيات جي موضوع تي مضمون ۽ مقالا آهن. ڪنزاللطيف جي مختصر ڪتاب ۾ شاهہ جي ڇاپي رسالن تي بحث ڪيل آهي ۽ خاص طور ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي رسالي کي ميجتا ڏنل آهي. 1947ع کان پوءِ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي ڪم کي مجتا ڏيڻ ۾ ڊاڪٽر جبار اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. پاڻ وقت بہ وقت هن رسالي تي ٿيل ورهاڱي کان اڳ ۽ پوءِ جي تنقيدن تي بحث ڪيو اٿن. لطيفيات ڪتاب 1977ع ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڇپايو. 156 صفحن جي هن ڪتاب ۾ شاهہ جي رسالي جي قلمي نسخن، رسالي جي مختلف ايڊيشنن، شاهہ جي رسالي جي چونڊ ڪلام ۽ جدا جدا ڇپيل سُرن جي ڄاڻ آهي تہ گڏ شاهہ جي سوانح عمريءَ جي باري ۾ ڇپيل ڪتابن ۽ مختلف مخزنن، خاص نمبرن ۽ اخبارن ۾ ڇپيل مقالن جي فهرست سان گڏ سنڌي، اردو، فارسي، انگريزي ۽ جرمن ٻولين ۾ ڇپيل مواد جي معلومات موجود آهي. ”ببليوگرافي شاهہ تي لکيل ڪتابن جي“ ڪتاب جنوري 2000ع ۾ ٻهريون دفعو سنڌي ادبي بورڊ ڇپايو جيڪو مٿئين ڪتاب جي وڌيل صورت ۽ ڪجهہ نئين مواد تي مشتمل آهي.

”شاهہ جي رسالي جو مطالعو“ ڪتاب مهراڻ اڪيڊمي شايع ڪيو آهي، جنهن ۾ ڪيترائي اهم موضوع ذڪر ڪيل آهن. گهڻا موضوع اهڙا آهن، جن تي اڳ ڪڏهن بہ قلم نہ کنيو ويو آهي، جيئن ”شاهہ عبدالطيف ڀٽائيءَ تي پي.ايچ.ڊي ٿيسز“، ”شاهہ جي بيتن جي تلاش“، ”حامي هادي هاشمي“، ”پدمڻي“، ”شاهہ جي ڪونج“، ”رسالي بابت بہ اکر“، ”لطيف شناسي پس منظر ۽ تحقيق لاءِ ڪي اهم پهلو“، ”سُر ڪاموڏ جي موسيقي“، ”رامڪليءَ جي موسيقي“، ”راڻو: هڪ ڳاڻٽي“، ”شاهہ جي بيتن جي تلاش“ ۽ چند ٻيا آهن. هنن ايڪٽيهن مضمونن ۽ مقالن ۾ موضوعن سان انصاف ڪيل آهي. مضمون ”ٺهڙو ڪينجهر ۾ ڪين ٻيو جهڙي سونهن سندياس“ ۾ لکيو اٿن تہ:

”'ڪينجهر' نهايت ئي باوقار، پر معنيٰ ۽ رومان پرور آهي. نوري ۽ ڄام تماچيءَ جي رومانوي داستان سان منسلڪ هي لفظ ڪينجهر ڍنڍ جي حوالي ۽ مناسبت سان ئي عام ٿيو. هونئن نوري ڄام تماچيءَ جو قصو راڳ ڪاموڏ ۾ ڳايو ويو ۽ ڪينجهر هن روماني داستان جي سرزمين آهي. ڍنڍون تہ ٻيون گهڻيون پر ڪينجهر جي اهميت عشقيہ داستان جي وينيو (Venue) جي ڪري آهي. ڪينجهر جو موضوع نهايت ئي وسيع آهي. ڪينجهر هڪ ثقافتي ايڪوءِ زندگيءَ جي شاهراهہ جو هڪ پيچرو بہ آهي. شاهہ عبدالطيف ڀٽائيءَ هن داستان کي لازوال بنائي ڇڏيو. هن سونهن، سچائي، نهٺائي ۽ سادگيءَ جو هڪ عملي داستان پنهنجن لفظن ۾ امر بنايو“. (1)

”پدمڻي“ مضمون ۾ سجاڻ عورتن لاءِ مقرر ڪيل چار قسمن پدمڻي، چترني، سڪڻي ۽ هسڻي مان سَسئيءَ کي پدمڻيءَ جو درجو ڏيندي چوي ٿو ته:

”اڪين سان اسان ته نه سهڻيءَ کي ڏٺو نه ليليٰ ۽ مومل کي، نه نوريءَ کي، نه سورٺ ۽ مارئيءَ کي شاهه صاحب جا واقفيت ڪرائي آهي، ان مان اهو اندازو لڳائي سگهبو ته شاهه جي سورمين ۾ مارئي، نوري، سورٺ، پدمڻيءَ جي پدتي هونديون. ليليٰ ۽ مومل جو درجو چترنيءَ وارو آهي. سهڻيءَ جو درجو به ڪجهه اهڙو آهي. اهو حُسنِ ظن رکي چئي سگهجي ٿو يا رسالي جي ڏنل رهبريءَ مان ڄاڻون، پر سسئي بيشڪ پدمڻيءَ جي درجي تي سرفراز آهي“. (2)

لطيف شناسيءَ جي حوالي سان ڊاڪٽر صاحب جو هڪ ٻيو اهم ڪارنامو ”ڪشف الابيات“ آهي، جنهن ۾ شاهه صاحب جي جدا جدا رسالن جي بيتن جي ڏسڻي ڏنل آهي. هيءُ هڪ ڪٺن ۽ نرالو تحقيقي ڪم شمار ٿئي ٿو.

ڊاڪٽر عبدالجبار جون ادب جي ميدان ۾ ڪيل خدمتون نه وسارڻ جوڳيون آهن. سيد مظهر جميل سندن تحقيقي محنتن کي مڃتا ڏيندي لکيو آهي ته: ”ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو هڪ اعليٰ پايي جو محقق آهي. سندس ڪتاب ”سنڌي ادب جي تاريخ“ (ٽي جلد) هڪ معياري تحقيقي ڪاوش شمار ٿئي ٿو نه فقط جداگانه موضوعن پر تفصيلي ادبي مطالعي جي صورت ۾ مفيد نتيجا باهم فراهم ڪرڻ جي صورت ۾ هيءَ تصنيف اعليٰ مقام تي فائز آهي“. (3)

شوڪت حسين شورو لکي ٿو ته: ”ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو سنڌي زبان جو هڪ وڏو اديب، عالم ۽ محقق آهي. سندس هڪ اهم خاصيت اها آهي ته هن ادب جي گهڻو ڪري سمورين صنفن ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي. سندس ادبي حيثيت گهڻ پاسائين آهي“. (4) مطلب ته سنڌي ادب جي هن مهربان محقق جون علمي ۽ ادبي خدمتون ادب ۾ معتبر مقام رکن ٿيون، جيڪي ڪڏهن به رائيگان نه وينديون.

## حوالا


1. جوڻيجو عبدالجبار ڊاڪٽر، ”شاهه جي رسالي جو مطالعو“، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور، 2005ع، ص۔ 203.
2. ساڳيو حوالو ص 127.
3. سيد مظهر جميل، ”جديد سنڌي ادب“، اڪيڊمي بازيافت، ڪراچي، 2007ع، ص۔1070.
4. شورو شوڪت حسين: جوڻيجو ڊاڪٽر، ”ڪنمال“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو 2002ع، ص۔2.

# وليرام ولڀ جون ترجمانگاريءَ ۾ خدمتون

18 آگسٽ 1941ع تي ٿرپارڪر جي علمي ۽ ادبي طور زرخيز زمين تي جنم وٺندڙ ديوان ولي رام ولڀ ولد ڪيول رام جو شمار سنڌي ٻولي ۽ ادب جي انهن ليکڪن ۾ ٿئي ٿو جن پنهنجيون پوريون حياتيون هن لاڪيڻيءَ ٻوليءَ جي خدمت ۾ گذاريون. ولي رام ولڀ جي انهن ڪوشش ڪي سنڌي نثر جي تاريخ ۾ هر دور ۾ مجتا ملندي رهندي هن نثر ۾ ڪهاڻيون، ناول، جيون ڪهاڻيون، خط، انٽرويوز، مضمون ۽ مقالا لکيا ۽ ترجمو ڪيا آهن. انڪان سواءِ تاريخ، فلسفي ۽ مذهب جو موضوعن تي پڻ ڪتاب لکيا اٿن ته درسي ڪتاب جي حوالي سان سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ۾ خدمتون سر انجام ڏنيون اٿن.

اڌ صديءَ جيترو عرصو مسلسل لکندڙ ولي رام صاحب نثر ۾ لکڻ جي شروعات ترجمي سان ڪئي سندن پهرين ترجمو ٿيل ڪهاڻي ”بهشت ۽ دوزخ“ 1960ع ۾ تماهي مهراڻ ۾ ڇپي. هن اردو، هندي، پنجابي، انگريزي، سنسڪرت، سرائيڪي ۽ ٻين ڪيترين ٻولين مان ادبي فن پارا سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيا آهن. جنهن مان ڪافي مواد ڇپجي چڪو آهي ته ڇڱو مواد اڻ ڇپيل پڻ وٽن موجود آهي. ڇپيل ڪتابن ۾ چند جا نالا هن ريت آهن: ”غدار“، ”سيتاهرڻ“، ”بند دروازو“، ”ڏاريو“، ”پوئين پهر جا پانڌيئڙا“، ”ائنا ڪرينيا“، ”ڪهاڻي هن جي“، ”سمهيل پاٽي“، ”چتن ڪتن جو مسيحا“، ”ڪارو ڪتاب“، ”ٽين دنيا جون ڪهاڻيون“، ”ٽڪل سريت ۽ ٻيون ڪهاڻيون“، ”بهشت ۽ دوزخ“، ”منڙا پاءُ...“، ”اونده ۽ اُجالو“، ”بهار آيو“، ”زندگيءَ جو هڪ ڪپيل ٽڪرو“، ”سنڌ ڪهاڻي“، ”گيتا جو اپياس“ ۽ ٻيا ڪيترا ڪتاب آهن. جن ۾ ڪي طبعزاد ته گهڻا ترجما آهن. هن ليوٽالسٽاءِ، البرٽو موراويا، ڪرشن چندر، قرت العين حيدر، امرتا پريتم، ديال سڪسينا، رابندر ناٿ ٽئگور، عابد سورتي، احمد نديم قاسمي ۽ ٻين ليکڪن جي تحريرن سان سنڌ واسين کي روشناس ڪرايو آهي.

ايئن ٻه نه آهي ته ولي رام جو ڪو سڄو ڪم ترجمي تي مشتمل آهي. هن سنڌيءَ ۾ شاعري پڻ ڪئي اهي ته اصلوڪيون ڪهاڻيون پڻ لکيون جيڪي معياري ۽ فني طور مظبوط شمار ٿين ٿيون، پر عام طور پڙهندڙ کين مترجم جي حيثيت ۾ وڌيڪ سڃاڻن ٿا. جنهن جو اهم سبب اهو ٿي چئي سگهجي ٿو ته پاڻ هڪ اهڙو تخليقڪار/مترجم رهيو جنهن جا ڪيل ترجما اصلوڪي (original) هئڻ جو گمان ڏين ٿا ۽ انهن جي مشهوريءَ ڪان پوءِ ظاهر آهي سندن ذاتي لاڙو تخليق ڪان وڌيڪ ترجمن ڏي رهيو ۽ ان ئي ڪري سندن نالو تخليقي ادب جي اهم مترجمن ۾ شمار ٿئي ٿو. هن ڏس ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکيو آهي ته : ”مترجم طور جن ماڻهن نالو ڪڍيو انهن ۾ محمد ابراهيم جويو ولي رام ولڀ ۽ غلام نبي ميمڻ جا نالا خاص طور نشانبر رهيا آهن. پوين ٻن ناولن ۽ ڪهاڻين جا ترجما ڪيا آهن. (1)

ادب ۾ ترجما ڪهڙيءَ ريت ٿين ٿا يا انهن مان ڪهڙا فائدا آهن؟ مترجم لاءِ ڪهڙن اصولن ۽ قائدن قانونن جو پورائو ضروري آهي؟ ۽ ٻيا ڪيترائي اهڙا سوال آهن. جن مطابق اهو ڇيد ڪري سگهجي

ٿو تہ ولي رام صاحب جا ڪيل ترجما ڪامياب آهن يا نہ؟ پر هتي پنهنجي مقالي معرفت آئون فقط اهو ڄاڻائيندس تہ سنڌي نثر جي واڌاري ۾ ولي رام ولڀ جي ڪيل ترجمن سان ڪيتري هٿي ملي آهي؟ ۽ هن نثر جي خوبين ۽ خاصيتن جوپورائو پنهجي لکيل نثر ۾ ڪيتريقدر ڪيو آهي؟

جيئن تہ پڙهندڙن کي اها پليءَ پت خبر آهي تہ جڏهن بہ ڪنهن مترجم اديب جي نظر مان ڪا سٺي تحرير گذرندي آهي تڏهن سندن دل ۾ هڪدم اها خواهش ڪَرَ کڻندي آهي تہ ”مان هيءَ شاهڪار پنهنجي پياري ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري پنهنجي ديس واسين جي اڳيان آڻيان“ حقيقت ۾ ڏٺو وڃي تہ اهو ئي ڪنهن ٻوليءَ جي بقا ۽ واڌاري لاءِ اثرائتو طريقو آهي، جنهن سان ان ٻوليءَ ۾ وسعت اچي ٿي ۽ انهيءَ ٻوليءَ ۾ نوان نوان خيال، نظريا، نيون معنائون ۽ اعليٰ قوتِ فڪر پيدا ٿيندي آهي. هتي آئون ولي رام ولڀ جي ئي لفظن کي ورجائيندس، سندن موجب تہ:

”ڪنهن ٻي ٻوليءَ ۾ جڏهن بہ مون ڪا سٺي تحريرپڙهي آهي، تڏهن دل چاهيو آهي تہ اها سنڌيءَ ۾ ڇپجي، مون پنهنجي اسٽڊي شيئر ڪرڻ چاهي آهي“. (2)

مٿي اها ڇنائي ٿي آهي تہ ولي رام ولڀ ٻين ٻولين جي ادب مان پنهنجي پسند مطابق ترجما ڪري سنڌي نثر کي وڌايو ۽ ويجهايو آهي پر هاڻي هڪ نڪتو غور طلب اهو بہ آهي تہ ڇا پاڻ سنڌي نثر جي قائدن قانونن جي پورائي تي مڪمل ڌيان ڏري پنهنجي ٻوليءَ سان انصاف ڪيو اٿن؟ ڇا سندن ترجمو ٿيل ڪهاڻين ۽ ناولن جا موضوع اڇوتا، انوکا، وڻندڙ ۽ سنڌي سماج جي گهرج مطابق آهن ۽ جنهن سان نثر ۾ موضوعن جي ندرت ۽ وشالتا سامهون آئي هجي يا ٻيون نثري خوبيون جيئن سهڻو بياني اسلوب، لفظن ۽ جملن جي بناوٽ، حرف تجنيس جو استعمال، بيهڪ جي نشانين تي توجهہ مواد ۽ موضوع جي مطابقت ۽ ٻيون ڪيتريون خاصيتون آهن، جن سان سينگارجي نثر ۾ سهڻي سڳنڌ اچي سي سندن نثر ۾ موجود آهن يا نہ؟

جيئن تہ نثر جي تاريخ لکندڙن اهو بہ ڄاڻايو آهي تہ، جيڪڏهن ڪنهن نثر نگار چاهي اهو مترجم هجي يا مورخ نقاد هجي يا اديب، جو نثر پڙهڻ ۾ اثرائتو وڻندڙ ۽ دلڪش نہ آهي تہ پوءِ اهو رواجي نثر شمار ٿيندو پر جڏهن ڪو نثر پڙهڻ مهل پڙهندڙ بنا اٽڪ جي رواني‌ءَ سان پڙهندو ٿو وڃي ۽ لفظن، جملن ۽ پيرائن ۾ ڳانڍاپي سان ليکڪ جو مقصد مٿس واضح ٿو هجي تہ پوءِ اهڙو نثر اثرائتو ۽ ڪامياب نثر شمار ٿيندو آهي. هيٺ پڙهندڙن جي پروڙ لاءِ ولي رام صاحب جي نثر مان حوالا پيش ڪريان ٿي تہ جيئن موضوع تي سهڻائيءَ سان روشني پئي سگهي.

”هن ورهين ڪان آسمان ڏٺو نہ هو. آزاديءَ جي سَڏَ سندس دل ۾ زخمي پکيءَ وانگر ڪنيڙاٽيون هڻي شايد مري چڪي هئي هاڻي رڳو مايوسيءَ جي اونداهي هئي ۽ بس! اچتو هڪ ڏينهن ڌرتي ڏبي ۽ زمين گجگوڙ سان گڏ ڦاٽي پيئي، وڏيون ويڪريون شاهي ديوارون لڏي ٽيڏيون ٿي ويون. قيدي ڊپ ۽ هراس وچان قيدخاني جي شاهي ٿنڀي سان ويڙهجي ڇت تي وڏن ۽ ڳورن پٿرن جا آواز ٻڌندو رهيو. ٿوري دير

ڪان پوءِ ڏرتيءَ جو لوڏو پيهي ويو تہ هُن جو ساھ ۾ ساھ آهيو پر ڳڊوڳڊ سندس اکين ۾ مايوسيءَ جالڙڪ پرجي آيا“.(3)

”ٽڙندڙ وکن سان، هٿن سان هوا ۾ هٿوراڙيون هڻندي، هو ڪورٽ جي ڪمري جي فرش تي اڳيان وڌندو ويو. سندس خالي اکين جي ڪوپن مان رت ٽمي رهيو هو. ڳاڙهو ڳاڙهو رت، ايتريقدر تيز ڳاڙهو پئي لڳو جوپي ڪابہ شيءِ انهيءَ رت جي ڳاڙهاڻ کان وڌيڪ ڳاڙهي نٿي ٿي سگهي رت آهستي آهستي ۾ لاڳيتو انهن سوراخن مان وهي رهيو جتي پهرين ڪڏهن سندس اکيون هيون“. (4)

”سدا ساواڻ“ ۾ لورڪاجي شخصيت جو تجزيو ڪندي لکيو اٿن تہ ”هو سپنن جي سنسار ۾ روزمره جي زندگيءَ جو هڪ خوبصورت ميلاپ پيدا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ڪنهن فيلسوفاڻي، نظرياتي ۽ نفسياتي بحث ۾ ڦاسڻ کان سواءِ هو اها ڳالهہ سمجهي ويو تہ انسان جي زندگيءَ جو فقط هڪ حصو شعوري حصو هوندو آهي، پر سندس زندگيءَ جو هڪ وڏو حصو لاشعوري هوندو آهي، جنهن ۾اڻ ڄاتل خطرا، اوچتا ڊپ، ماروائي اداسي، مبهم خواهشون، احمقاڻيون اميدون، افسانوي اُمنگ ۽ ازلي ۽ ابدي خدشا شامل هوندا آهن. حقيقت نگاري زندگيءَ جي شعوري تجزيي مان ملندي آهي ۽ افسانوي رنگ لا شعوري تقاضائن جي تڪميل سان اهو تڏهن ممڪن آهي جڏهن ماڻهو اکيون کليل رکي ۽ دل کي آزاد ڇڏي ڏي“. (5)

هڪ ٻئي هنڌ لکيو اٿن تہ ”انسان غير جي ڌرتيءَ تي بي گهر هجي ۽ وري پنهنجي وطن ۾ بہ ”بي گهر“ ٿي رهي تہ انهيءَ نتيجي تي پهچي ٿو تہ پنهنجي وطن ۾ ”بي گهرائي“ ڏاڍي وحشت ناڪ هوندي آهي، جلاوطنيءَ جي اذيت، خواهشون، تمنائون ۽ واپسيءَ جي ڏينهن جو انتظار اهي اهڙيون ڳالهيون هونديون آهن جن جو ڪو سبب ۽ ڪارڻ هوندو آهي، پر توهان پنهنجي ئي وطن ۾ بي گهر بنجي رهو، انهيءَ جو ڪو ڪارڻ ۽ منطق سمجهہ ۾ نٿي اچي! پوءِ جڏهن انسان جي ڄمار وڌندي ويندي آهي تڏهن انهيءَ گُهٽ جي ڪيفيت کان ٻاهر ايندو آهي. ان وقت محسوس ٿيندو آهي تہ پنهنجي وطن ۾ اسان جي وجود جو پل اهو ڪنهن بہ حالت ۾ هجي ڪارڻ آهي“. (6)

”بس جيئن هُندن وٽ هر شيءِ جو ڪونہ ڪو ديوي/ديوتا ايجاد ڪيو ويندو آهي تيئن مسلمانن وٽ بہ هر شيءِ جا جدا جدا پير بنجي ويا، راڳن جا پير، مٽيءَ جي برتنن جا پير، پينگهي جو پير، سموري سنڌ پيرن جو ديس ٿي ويو. نانگن جي منتر جنتر جا ڇاڻو جوڳي سڀ مسلمان هوندا هئا. انهيءَ سان گڏ محرم جو مهينو هندن جي لاءِ پوتر بڻجي ويو ۽ اهي تعزين جي اڳيان نذر و نياز چاڙهڻ لڳا، توهان وٽ بہ ايئن ٿيندو هوندو؟“

”مذهب سچ پچ اسان لاءِ اوائلي سوين سالن تائين زبردست آفيم جو ڪم ڪيو آهي ۽ انهيءَ ڪان پوءِ گولي بارود جو“. (7)

ولي رام ولڀ جي تحرير پڙهڻ سان معلوم ٿيئي ٿو تہ سندن لکيل نثر ۾ نہ ڪٿي اوپرا، اڻ وڻندڙ ۽ اڻ سهائيندڙ لفظ آهن ۽ نہ ئي جملن ۾ بي ترتيبي ۽ بي ربطگي آهي. هن نہ فقط بيهڪ جي نشانين تي

خاص توجه ڏني آهي، پر گرامر جي ترتيب، سهڻن ۽ سيبتن لفظن جو جڙاءُ، تجنيس حرفيءَ جي سونهن ۽ ٻيون ڪيتريون ئي نثري خوبيون آهن جيڪي سندن ترجمن کي اصلوڪي هئڻ جو اعزاز بخشين ٿيون.

نقادن موجب تہ ڪو بہ تخليقي ادب جو مترجم تڏهن ڪامياب ٿيندو آهي جڏهن ڪيس ٻنهي ٻولين تي مڪمل عبور ۽ انهيءَ ادبي صنف جي مڪمل ڄاڻ هجي. انهن ٻنهي نڪتن سان متفق هوندي بہ انهيءَ ۾ آئون هڪ ٻيو اضافو ڪنديس تہ مٿين خوبين سان گڏ هڪ خاص خوبي اها بہ آهي تہ انهيءَ مترجم / اديب جو پنهنجي ڪم لاءِ ”دلي ذوق ۽ شوق“ هجي. اسان وٽ عام طور اهو چوندا آهن تہ ”فلاڻو الاڻو ڪم دل سان ڪيو تڏهن سٺو ٿيو“ سو واقعي دل جو ثاني ڪونهي، هتي آئون اهو ئي چونديس تہ سنڌي ٻولي ۽ ادب سان دلي عشق هئڻ سبب هن اصل کي نقل ڪرڻ مهل اصلوڪو ڪرڻ لاءِ وڏي جاکوڙ ڪئي ۽ بنيادي طور هن تخليقڪار مترجم پنهنجي ڪم سان سچي رهڻ ۽ تڏي دماغ، توجه، ترتيب ۽ تنظيم سان پنهنجي لکڻين ۾ هميشہ مڪمليت (Perfection) جي پوري پوري ڪوشش ڪئي جنهن ۾ کيس ڪاميابي حاصل ٿي. سندس لکڻي چاهي ترجمو هجي يا طبعزاد جڏهن بہ ان جو تنقيدي تجزيو ڪبو تہ اها ڳالهہ ضرور سامهون ايندي تہ وٽس سنڌي ٻوليءَ جي هنڌائتن (Appropriate) لفظن جي کاٻہ کوٽ نہ رهي. جيئن هن مهاڳ ۾ لکي ٿو تہ:

”ريتا شهاڻيءَ جو رچنا سنسار ٻهو مکي، مختلف ڏسائن ۾ ڦهليل آهي، هر رچنا مان سندس انيوءَ جي اندروني سُوجهي بکي ٿي. جيڪا موضوع جي گهرج ۽ ذهني ميلان پٽاندر پنهنجي اظهار جي صورت گڏ کڻي اچي ٿي“. اڳيان چوي ٿو تہ:

”هوءَ اڄ جي دور جي اها ذهين، حساس تخليقڪارا آهي جنهن پنهنجي سهيوڳي دور ۾ زندگيءَ جي ٽٽل، وکريل، ظاهري ٺائيڪو ٿيل پر وکريل ۽ وڇايل ڪردارن کي سميٽي پنهنجين لکڻين جو آڌار بنايو آهي“. (8)

نثر جي قائدن قانونن جي پورائي سان گڏ هڪ ٻي اهم خوبي ولي رام صاحب جا چونڊيل موضوع آهن، ڏنو وڃي تہ غير ملڪي ادب پڙهڻ ۽ ترجمو ڪرڻ ڪماليت نہ آهي پر ان مان پنهنجي ملڪ ۽ ماحول مطابق سهڻي چونڊ ڪرڻ وڏو ڪمال آهي. سندس ترجمو ٿيل ناولن ”سيتا هرڻ“، ”غدار“، ”ڏاريو“ ۽ ڪهاڻين ”اڪين ڏٺو شاهد“ (رياستي نظام تي چوٽ)، ”دنيا ۾ اچڻ ڪان اڳ“ (علامہ اقبال جي شعر، خودي کو کر بلند اتنا کہ هر تقدير سي پهلي، خدا خود بندي سي پوچي کہ بتا تيري رضا کيا هي، جي حوالي مطابق لکيل ڪهاڻي)، ”ڪليل در“، ”پڇي نہ سگهيس“، ”اطمينان“ (انساني سوچن، وهمن، وسوسن ۽ روين تي مشتمل) ۽ ٻيون ڪيتريون ڪهاڻيون آهن جي مختصر ڪهاڻيون هوندي بہ گهڻو ڪجهہ ڄاڻائين ٿيون ۽ اهو ئي مختصر ڪهاڻيءَ Short Story جو ڪمال آهي جيڪو ليکڪ ٻليءَ پٽ سڄاتو ولي رام ولڀ صاحب جو نثر جو ڪم ترجمانگاريءَ جي حوالي سان اهميت جوڳو آهي. هن سنڌي نثر کي شاعراڻو ترنم ڏنو آهي، اصلوڪن توڙي ترجمن جي صورت ۾ لکيل فن تي ڪين هند ۽ سنڌ ۾

ڪيترن ئي ايوارڊن سان نوازيو ويو آهي. پاڻ پنهنجي پياريءَ ۽ لاڪيٽيءَ ٻوليءَ جي خدمت ڪندي ادبي لاٽ کي روشن رکيائين.

پشپا ولڀ جي چواڻي مطابق ته:

گهاٽي اونداهي آهي،
اک هٿ کي ڳولي نٿي سگهي
هر هنڌ روشني ئي روشني پکڙجي ويندي
ننڍڙو ئي سهي.
هڪ ڏيئو جلائي ته ڏس. (9)

آخر ۾ فقط اهو چوندي س ته سنڌي ٻولي ڄاڻندڙن، ڳالهائيندڙن ۽ پڙهندڙن تي اهو فرض ۽ قرض ٿو بيهي ته هو پنهنجي ٻوليءَ جي جيئاريندڙن ۽ وڌائيندڙن کي مڃتا ڏين ۽ هن شاناڻي ٻوليءَ ۾ لکن ۽ پڙهن ۽ ان کي عام ڪن ته جيئن ڏيئا ڏيئا لاٽ جر ڪندي رهي (آمين).

## حوالا


1. جوٽيجو عبدالجبار، ڊاڪٽر، ”سنڌي ادب جي تاريخ“ (جلد ٽيون)، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، 2006ع، ص۔225.
2. ولي رام، ولڀ، ”سدا ساوا پن“، سهڻي پرنٽرز حيدرآباد، 1984ع، ص۔7.
3. ولي رام، ولڀ، ”منڙا پاءُ...“، ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد، 2007ع، ص۔15.
4. ساڳيو، ص۔28.
5. ولي رام، ولڀ، ”سدا ساوا پن“، ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد، 1984ع، ص۔156.
6. ساڳيو۔ص۔14.
7. ولي رام ولڀ، ”سيتا هرڻ“، ڪويتا پبليڪيشن، 1996ع، ص۔60
8. شهاڻي ريتا/ولي رام ولڀ، ”رشتن جو رقص“، ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد، 2005ع، ص۔13 (مهاڳ).
9. پشپا ولڀ، ”بند اکين ۾ آسمان“، مارئي پبليڪيشن، ڪراچي، 2010ع، ص۔18.

# ڪامريڊ تاج محمد ابڙو

ڀٽائيءَ جو بيت آهي تہ،

**”مرڻا اڳي جي مئا، سي مري ٿين نہ مات،**
**هوندا سي حيات، جيئڻان اڳي جي جيئا“.**

لطيف سرڪار جو هيءُ بيت آدرشي حياتي گهارڻ وارن کي ڀيٽا آهي. ماڻهوءَ جي حياتيءَ جو مطلب اهو ڪونهي تہ هُو دنيا ۾ اچي رهي ۽ نيٺ روانو ٿي وڃي. اصل حياتي ”هوندا سي حيات“ جي فلسفي جي چوگرد گهمي ٿي. اها اهڙي حياتي آهي، جنهن جو مُلھ ورهين جي ڳڻپ سان ڳڻڻ جي بدران اونچن آدرشن جي پورائي واري حياتيءَ جي حوالي سان ڳڻيو وڃي ٿو. اهڙي زندگي جنهن ۾ ڪي اهڙا ڪم ڪري وڃجن جيڪي جيون کي فانيءَ مان لافاني حيثيت ڏيئي موت کي مات ڏين. اسان کي اهڙا آدرشي انسان تمام ٿورا ملندا، جن پنهنجي نيڪ نيتيءَ، نيڪ ارادي ۽ نيڪ عملن سان وقتي حياتيءَ کي دائمي حيثيت ڏني سنڌ ڌرتيءَ جي اهڙن امُلھ آدرشي هيرن ۾ ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جو نالو بہ ڳڻڻ جوڳو آهي. هُو هڪ سچو ۽ هڏ ڏوکي شخص هو سندس نالو سنڌ جي اهم سياسي، سماجي، علمي، ادبي ۽ قانوني شخصيتن ۾ شمار ٿئي ٿو.

ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جو جنم شهداد ڪوٽ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ 8 آگسٽ 1924ع تي ٿيو. تعليمي دور کان کين سياست ۾ دلچسپي هئي. مسلم ليگ اسٽوڊنٽ فيڊريشن ڪراچيءَ جو ميمبر هو. 1947ع کان لاڙڪاڻي ۾ وڪالت ڪيائين. جنهن دوران مسڪين ۽ بي پهچن جا ڪيس اڪثر مفت ۾ ڪٽندو هو ۽ سندن هڙان وڙان مدد ڪندو هو. هارين نارين، مزورن، ڪڙمين، ڪاسبين، ٽريڊ يونين وارن کي ڪم ايندو هو ۽ ضرورتمندن لاءِ سندس اوطاق جا در هر وقت کليل هوندا هئا. لاڙڪاڻي واسين جي ڀلائيءَ جا ڪم ڪيائين، جن ۾ خاص طور سر شاهنواز لائبريري قائم ڪرڻ، شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ورسي لاڙڪاڻي ۾ شان سان پنهنجي خرچ تي ڪرائڻ ۽ ٻيا ڪم شامل آهن. ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جمهوريت جو حامي هو. سياست سان دلچسپي هئڻ ڪري صحافت جو بہ شوق ٿين. مشهور سنڌي اخبار ”توحيد“ ۽ انگريزي اخبار ”ڊان“ ۾ سب ايڊيٽر طور ڪم ڪيائين جنهن کان پوءِ پنهنجي ذاتي اخبار ڪيڻ جو شوق ٿين ۽ هفتيوار ”نوجوان“ نالي سان اخبار ڪڍيائين پر وسيلا محدود هئڻ ڪري گهڻو وقت هلائي نہ سگهيو.

سياسي طور لاڙڪاڻي جي اهم شخصيتن سان سندس واسطو هو. خاص طور ذوالفقار علي ڀٽو سان ويجهو هو ان جي ئي چوڻ تي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج جي عهدي تي رهيو. نوڪري سانگي ٻين هنڌن تي بہ رهڻ ٿيس، پر وري بہ لاِڙڪاڻي سان ٻڌيھ دليون هئس. سندس اوطاق لاڙڪاڻي ۾ هر دوست، اديب، عالم، سياستدان مطلب تہ هر فڪر جي ماڻهن سان ڀريل هوندي هئي. ڪامريڊ نہ فقط مهمان نواز

هو پر ڪچهريءَ جو به ڪوڙيو يارن جو يار، ڪلهو ملهو ۽ وفادار دوست هو ان ڪري وٽس ماڻهن جا ميڙا لڳل هوندا هئا. ادبي حوالي سان هو ليکڪ ته نه هو پر ادب شناس ضرور هو. وٽس ناياب ڪتابن جي لائبريري هئي، ڏيهه پرڏيهه مان اڻ لڀ ڪتابن جو خزانو مختلف موضوعن تي گڏ ڪري پنهنجي لائبريريءَ ۾ رکيائين (جيڪا پوءِ سندن پونئيرن سنڌالاجي کي عطيو ڪئي ۽ اتي ئي سندن نالي ڪارنر قائم ڪيو ويو آهي) تاج محمد ابڙو سنڌي ادبي سنگت جي بائي ڪارن مان هو سنگت جي هر ميٽنگ ۾ پاڻ موجود رهندو هو. سنڌي ادب جا وڏا نالا جيئن محمد ابراهيم جويو، شيخ اياز، جمال ابڙو، ڊاڪٽر تنوير عباسي، نسيم کرل ۽ ٻيا سندس دوستيءَ ۾ شامل هئا. کيس فلسفي، ادب ۽ تاريخ جي وڏي ڄاڻ هئي. علم، دوستي ۽ ادب پروريءَ جي شعور سبب ڪيترائي وڏا وڏا اديب ساڻن ملي خوش ٿيندا هئا. فطري طور پنهنجي مٽيءَ زبان ۽ قرب جي ڪڙي ۾ کين قابو ڪري ڇڏيندو هو. برداشت، بردباريءَ ۾ کيس گهڻو ڪمال حاصل هو. پاڻ مخلص، ايماندار ۽ ڄاڻو هو. انهيءَ ڪري هر هڪ ڪانئڻ فيض پرائيندو هو. جيئن گهڙو پاڻ کي ڇانو ۾ رکائيندو آهي. تيئن چڱا اخلاق ۽ انساني خوبيون کيس هر وقت ۽ هر دور ۾ ممتاز رکنديون آهن.

هڪ هنڌ چوي ٿو ته، ”مونکي ان ڳالهه جي خوشي آهي جو مان انسان آهيان، منهنجو مذهب انسانيت آهي، جنهن جو مان قائل آهيان“. سو حقيقت ۾ هر خوشيءَ جي ڪانه ڪا قيمت هوندي آهي ۽ انسان جي قيمت سندس ذاتي خوبين ۽ چڱن اخلاقن ۾ آهي. ماڻهو بيشڪ مٽيءَ جي مُٺ آهي پر سندس ماڻهپو کيس ملائڪن کان به مٿانهين منزل تي پهچايو ڇڏي. ماڻهوءَ جو ماڻهپو ۽ فضيلتون سندس قول ۽ فعل مان ظاهر ٿينديون آهن. قول ۽ فعل ۾ فرق نه هئڻ ڪري ئي ماڻهو مانائتو ٿيندو آهي. مرحوم ڪامريڊ تاج محمد ابڙو اهڙن ئي ماڻهن مان هو. سندس زندگي محبت، عمل، علم، عدل ۽ سچائيءَ سان سينگاريل هئي، مان سمجهان ٿي ته ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جي ٻاريل سجاڳيءَ واري واٽ هميشه ايندڙن لاءِ سونهون بڻبي.

# ڊاڪٽر برڪت ۽ چنڊ جا مختلف روپ

شاعري انساني اندر جي اُڌمن جي اُپٽار ۽ سهڻن احساسن ۽ جذبن جو عنوان آهي. جيڪڏهن منجهس فڪر جي بلندي، اثرانگيزي، لطافت ۽ ميناج آهي ته پوءِ اُها انساني اظهار جو بهترين ۽ طاقتور ذريعو ثابت ٿيئي ٿي. شعر جو تعلق انساني حياتيءَ سان گهاٽو جڙيل آهي ۽ شاعر به اهوئي آهي جنهن جي عظمت سندس اعليٰ خيالن سان حسين انداز ۾ حياتيءَ جي حسن ڏي هر ڪائي.

سنڌي ادب جو بنياد پڻ نظم سان لاڳاپيل آهي جنهن ۾ لوڪ ۽ ڪلاسيڪل شاعريءَ کان جديد شاعريءَ جي سفر تائين اسان جي ڪيترن شاعرن جو اڻ مُلهه پورهيو شامل آهي. جن سنڌي شعر ۾ رنگيني ۽ اثر آفرينيءَ وارو شعر پيش ڪيو آهي ۽ ان ۾ سنڌي سماج جي نفسيات، ماحول، ويچار، مزاج، تهذيب، تاريخ، اٿي ويهي ۽ رهڻيءَ ڪهڻيءَ جا عڪس چٽيا آهن. سنڌي شاعرن لفظن کي ترتيب ۽ سونهن ڏيندي حياتيءَ جا روپ جيئن اميد، نااميدي، خوشي، غم، وصال، وڇوڙا، رنج، راحتون، وفائون، بيوفايون، مجبوريون، مفلسيون، محبتون، نفرتون، واقعا، جذبا ۽ احساس محرڪ بڻائي پنهنجون قلبي ڪيفيتون پڙهندڙن جي اڳيان پيش ڪيون آهن.

ڊاڪٽر برڪت ملڪ جو شمار سنڌي ادب جي اهڙن شاعرن ۾ ٿيئي ٿو جنهن هڪ دفعو قلم هٿ ۾ کڻڻ کان پوءِ ان سان ناتو نڀائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي. شاعريءَ ۾ خاص طور هن جديد شاعريءَ جي اهم صنف غزل کي فوقيت ڏني آهي. سندس شعر بي ساخته، سادو ۽ شاعراڻي ترنم وارو آهي.

ڊاڪٽر برڪت جو پهريون ڪتاب ”چنڊ پيو چونڪي ڏي“ آهي ۽ پوءِ ”چنڊ ڇهري مٿان“، ”چنڊ چمڪي وارن ۾“، ”چنڊ چوريو چنگ“ ۽ ٻيا ڪتاب آهن. سندس ڪتابن جا عنوان، ٽائيٽل، ڇپائي ۽ سونهن ۽ سوڀيا ڏسڻ وٽان آهي. ڪتابن ۾ ڪيترين ئي شخصيتن جا سندس ڪتابن تي لکيل مهاڳ ۽ رايا ڇاپائين ٿا ته هو پنهنجي ڪم ۾ محنت ڪندڙ آهي.

ڊاڪٽر برڪت جي هر ڪتاب جي شروعات سچي ڏڻيءَ جي ساراهه ۽ محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي ناليٰ سان ٿيل آهي. جيئن چنڊ چمڪي وارن ۾، جي شروع ۾ لکي ٿو ته،

**تنهنجي قدرت مان وڏائي، سبحان الله سبحان الله،**
**رحمت سڀ تي تو وسائي، سبحان الله سبحان الله.**
**تنهنجي ذات بلند ۽ بالا، تنهنجو شان دنيا ۾ اعليٰ،**
**هر ڪنهن جي تو آس اگهائي، سبحان الله سبحان الله.**

”چنڊ چوريو چنگ“، ۾ مٺي مرسل جي واکاڻ ڪندي لکي ٿو تہ

**سهڻا نبي سڳورا، افضل آ شان تنهنجو**
**مالڪ ڪيو مٿانهون، سڀ ڪان تہ مان تنهنجو.**

امام حسين عليہ السلام سان پنهنجي محبت ۽ عقيدت جو اظهار ”چنڊ ڇهري مٿان“، ڪتاب ۾ هن ريت ڪري ٿو.

**سجدي ۾ سر ڪٽائڻ، منظر اهو ڇا هوندو،**
**پر ڪي ڪوئي نہ سگهيو ولايت حسين جي.**
**سر ٻچن سوڌو ڏيئي، ميدان ويو ملهائي،**
**ڇا صبر ۽ سخا آ، شجاعت حسين جي.**

ڊاڪٽر برڪت جي شاعريءَ ۾ سنڌي غزل پنهنجي پوري آب و تاب سان موجود آهي. جيئن تہ جديد غزل ڪي فقط حسن ۽ عشق جا موضوع نہ آهن جيڪڏهن اسان غزل جي باني خليفي گل محمد گل جو ديوان ڏسون يا قادرالڪلام مرزا قليچ بيگ ۽ مير سانگي (غزل جا شهنشاه شاعر)، جي غزلن جا موضوع ڏسون تہ منجهن موضوعن جي حوالي سان وڏي وسعت ڏسڻ ۾ ايندي. هنن حياتيءَ جي مختلف روين کي غزلن ۾ سمايو آهي. ڊاڪٽر برڪت پڻ ڪي موضوع آندا آهن جيئن ظلم جي زيادتيءَ تي چوي ٿو تہ

**ظلم بي انتها برڪت ٿيو معصوم ماڻهن تي،**
**خدا جو قهر پوي تنهن تي اٿي جنهن باهہ آ ٻاري.**

سندس فن انشاء الله وڌيڪ ترقي ڪندو ۽ هُو اڃان بہ موضوعن جي وسعت سان شاعريءَ جي مختلف صنفن ۾ لکي پڙهندڙن جي اڳيان پيش ڪندو.

# بيگم زينت عبدالله چنا

1947ع کان پوءِ جنهن ڪهاڻيڪار عورت جو نالو سنڌ ۾ سڀ کان پهرين ملي ٿو سا بيگم زينت عبدالله چنا آهي. بيگم زينت چنا 1919ع ۾ سيوهڻ ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم سيوهڻ مان حاصل ڪرڻ بعد ٽريننگ ڪاليج فار وومين حيدرآباد مان فائنل پاس ڪيائين. سيوهڻ پرائمري اسڪول جي هيڊ مسٽريس طور ڏهه سال رهيون. 1944ع ۾ سندن شادي عبدالله چنا سان ٿي. عبدالله چنا صاحب روينيو کاتي ۾ ڊپٽي ڪمشنر جي عهدي تي پهتو. انهيءَ وقت ڊپٽي ڪمشنر جي عهدي جي وڏي عزت ۽ اهميت هوندي هئي. بيگم صاحبہ جو اٺڻ ويهڻ سڌريل ۽ پڙهيل ڳڙهيل طبقي ۾ ٿيندو هو. هوءَ پاڻ پڻ سلجهيل ۽ روشن دماغ هئي، کيس مطالعي جو شوق هو ته لکڻ جو پڻ. 1970ع کان پاڪستان رائيٽرز گلڊ جي ميمبر رهي. سندس ادبي سرگرمين کان بہ وڌيڪ سماجي، صحافتي ۽ علمي مصروفيتون وڌيڪ هيون. هن 1950ع ۾ لاڙڪاڻي جي اپوا جماعت جي صدر جي حيثيت سان ڳوٺن ۾ اسڪول ۽ اپوا جون شاخون قائم ڪيون. پاڻ عورتن جي سجاڳيءَ ۽ نياڻين جي تعليم جي لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ عورت هئي. سندس چوڻ هو ته،

**”اڄ جي نياڻين جي اهم گهرج آهي تہ هو هر قسم جي فني توڙي غير فني تعليم حاصل ڪن. جتي کين تعليم حاصل ڪرڻ جون سهولتون موجود نہ آهن، اتي هو هنر پرائين. اڄڪلهہ جي ترقي يافتہ دور ۾ هو پنهنجي پائرن ۽ مردن سان گڏ پاڻهن پيلي ٿي وقت جي تقاضائن کي منهن ڏين. جيستائين سنڌي قوم جي نياڻي ترقي يافتہ نہ آهي، تيستائين اسان جي قوم ترقي نہ ڪندي“.** (1)

صحافتي خدمتن ۾ 1951ع ۾ ماهوار ”مارئي“ رسالي کي جاري ڪرڻ سندن وڏو ڪارنامو هو. هيءُ پهريون سنڌ جو عورتن جو رسالو هو جنهن ۾ عورتن جون ڪهاڻيون ۽ مضمون ڇپجڻ شروع ٿيا. هن رسالي ذريعي بيگم زينت ڪيترين سنڌي لکيڪائن کي اڳيان آڻي سنڌي ادب ۾ متعارف ڪرائي قوم جي خدمت ڪئي. 1961ع ۾ مارئي مخزن مارشل لا جي عتاب جو شڪار ٿي بند ٿيو پوءِ بيگم زينت ڪجهہ عرصي کان پوءِ هفتيوار ”مارئي“ ڪڍيو جنهن ۾ سنڌ جي عورتن، نياڻين ۽ پائرن گهڻو ساٿ ڏنو. هن رسالي جي ايڊيٽر بيگم زينت پاڻ ۽ سب ايڊيٽر حميد سنڌي هيو. حميد سنڌيءَ موجب تہ،

”آئون پاڻ شام جو يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندو هئس تہ صبح جو عبدالله صاحب جي لائبريريءَ ۾ ”مارئي“ رسالي جي ڪم ۾ هٿ ونڊائيندو هئس. بيگم زينت ۽ عبدالله صاحب جي مهربانين ۽ رهنمائيءَ سان نہ فقط مونکي اڳيان پڙهڻ جو شوق ٿيو پر ”روح رهاڻ“ جي اجراءَ جي شوق پويان پڻ انهن ماضيءَ جي ادبي يادن جو هٿ هيو“. (2)

ادبي پورهئي ۾ بيگم زينت جو ڪم نثر ۾ آهي، هن ڪهاڻيون، مضمون، تاثر، ڪالم ۽ ايڊيٽوريل لکيا آهن. ڪتاب ”يادگارِ لطيف“ کي ترتيب ڏنائين. سندس افسانا 1950ع کان پوءِ ظاهر ٿيا. تہ ماهي

مهراڻ، نئين زندگي ۽ ٻين مخزن ۾ ڇپيل افسانن ۾ ”اونداهي“، ”رانديڪو“، ”مني“، ”من اجرو تن اجرو“ اهم آهن.

بيگم زينت ڪي گهڻيون ڪهاڻيون ڪونہ لکيون ۽ نہ ئي سندن ڪهاڻيون ڪتابي صورت ۾ ڇپيل موجود آهن. عام طور اهڙيون ايڪڙ ٻيڪڙ ڪهاڻيون ادب جي وڏي افسانوي ڳاٽيتي ۾ ضم ٿي پنهنجي حيثيت مڃائي ڪونہ سگهنديون آهن. پر سنڌي نثر ۾ سندن ڪهاڻين جو قائم رهڻ ۽ ادبي تاريخ ۾ سندن نالو هئڻ جو اهم سبب اهو آهي تہ هوءَ 1947ع کان پوءِ سنڌ جي پهرين ڪهاڻيڪار عورت شمار ٿئي ٿي، ڪانئن پوءِ ڪجھ عرصي بعد سندن پوئواري ڪندي ڪجھ ليکڪائون سامهون آيون انهيءَ ڪري بيگم زينت جي خانونِ اول ڪهاڻيڪار جي حيثيت ادب جي تاريخ ۾ اهم آهي.

اپريل 1956ع ۾ سندس ڪهاڻي ”رانديڪو“ نئين زندگيءَ رسالي ۾ ڇپي جا عورت ۽ مرد جي محبت ۽ شادي شده زندگيءَ جي رُخن تي روشني وجهي ٿي. ليکڪا موجب تہ اسان جي سماج ۾ عورت بي اختيار آهي مٿس قائدا قانون مڙهيل آهن، سندس جذبن ۽ دل جو مرد وٽ ڪوبہ قدر نہ آهي. هيءَ ڪهاڻي عورت جي بي حيثيت هئڻ تي احتجاج آهي. ليکڪا لکي ٿي تہ،

”اسين آهيون رانديڪو... سماج جي هٿ ۾ ماءُ پيءُ جي هٿ ۾ ۽ محبوب جي هٿ ۾ پڻ... ان بلند خياليءَ جو ڪوبہ داد نہ ملندو... ان مقدس جذبات جو ڪوبہ احترام نہ ڪندو ۽ جتي ڏس ”محبت“ هڪ ڪميڻيءَ خواهش جو مهذب نالو آهي ۽ بس“. (3)

”مني“ ڪهاڻي هڪ معصوم ٻار جي سڌن سادن ۽ فطري جذبن جي نمائندگي آهي جنهن جو پنهنجي بيواهہ ماءُ جي سواءِ ڪوبہ سهارو ڪونهي. دائود نالي نينگر ڪي پنهنجي ۽ پنهنجيءَ ماءُ جي وچ ۾ ڪنهن جي بہ شراڪت منظور ڪونهي. ايتري قدر جو هو پنهنجي ڳل تي ٻئي ڪنهن جي ”مني“ (چمي) بہ نٿو سهي سگهي. ڪهاڻي ٻڌائيندڙ جڏهن پهريون دفعو دائود جو ڳل چمي ٿو تہ دائود کي تمام خراب لڳي ٿو پر جڏهن دائود جي ماءُ ”سوني“ مرڻ مهل سندس هٿ کيس ڏئي وڃي ٿي تڏهن هن جي دل ۾ دائود لاءِ وڌيڪ محبت ۽ احساس پيدا ٿئي ٿو ۽ هو يتيم ٻار کي دل سان سنڀالي ٿو ۽ دائود پڻ سندس ئي چميءَ ۾ راحت ۽ سڪون محسوس ڪري ٿو. ليکڪا جو موقف هن ڪهاڻيءَ ۾ پيار جي جذبي جي اصليت کي پرکڻ جو آهي. سندس موجب تہ ٻار بہ پيار ۽ محبت جو بکيو آهي ۽ هو پيار جي زبان هڪدم سڃاڻي ٿو ۽ انهيءَ کي ئي پنهنجو ڪري ٿو. طبقاتي راڄ جي پس منظر ۾ لکيل هن ڪهاڻيءَ جو مرڪزي خيال وڻندڙ آهي. ”رانديڪو“ ۽ ”مني“ ٻنهي ڪهاڻين ۾ هن محبت ۽ خلوص جي سچي ۽ فطري جذبي کي فوقيت ڏني آهي.

”من اجرو تن اجرو“ ڪهاڻي مهراڻ 3، 1970ع ۾ شايع ٿي، هيءَ ڪهاڻي پڻ اصلاحي نوعيت جي آهي. جنهن ۾ ڪاليج ۾ پڙهندڙ ٻن نينگرين جي صورت ۽ سيرت کي چٽيو ويو آهي. ”شانو“ خوبصورت پر مغرور ترين ڇوڪري آهي جنهن جي شادي هڪ امير ڇوڪري سان ٿئي ٿي، جو نشي جي عادت ۾ ڦاسي شانوءَ کي ڏکن ۽ ڏوجهرن ۾ وجهي ٿو. جا پوءِ سلھ جي مرض ۾ گهڙيون گهاري ٿي ۽ آخر انهيءَ

بنگلي جي سرونٽ ڪواٽر ۾ رهي ٿي جنهن بنگلي ۾ سندس سادي صورت واري ڪلاس فيلو ساهيڙي ڪنهن رئيس جي زال ٿي مالڪياڻي ٿي ويٺل آهي ۽ شانان سندس پٽيوالي جي پيٽ آهي، جيڪا آخري پساهن ۾ آهي. بيگم زينت شائل جي حسن جواني ۽ غرور سان گڏ آخري وقت جي بي وسيءَ کي هن ريت لفظن ۾ چٽيو آهي.

”قدرت ڪيس بي انتها حسن سان نوازيو هو. سندس چال ۾ ايترو ته وقار هو جو اک نه ڪڍڻ تي دل چوندي هئي. سڄو ڪاليج سندس گرويده هو. سروقد حسن جو مجسمو ۽ مٿس ايڏي مغروري هٺ ۽ وڏائي“.

”منهنجي اکين اڳيان پردو هٽي ويو. هڏائين پڃري تي پوش چڙهيل ڪاراٽيل چمڙي هئي، ٻن ڪوپن ۾ پيل ٽمڪندڙ ڏيئا هئا. منهنجو آڏو تضاد هو ته تن جو اوجر ايئن ساڻ ڇڏي ويندو مون کي اها خبر نه هئي“. (4)

بيگم زينت جون ڪهاڻيون گهڻي ڀاڱي سادي سودي نموني اصلاحي انداز جون آهن جنهن ۾ سماج جي برائين جي نشاندهي ڪيل آهي. هن پنهنجي ڪهاڻين ۽ مضمونن معرفت سنڌي عورتن کي نه فقط سجاڳيءَ جا پيغام ڏنا پر علم حاصل ڪرڻ ۽ پيرن تي بيهڻ لاءِ اُڀاريو ۽ خاص طور ڪين لکڻ پڙهڻ ۽ ادب ڏي موڙڻ ۾ هن وڏو ڪم ڪيو. ڊاڪٽر شمس عباسي سندن خدمتن کي مڃتا ڏيندي چيو آهي ته.

”زينت چنا کي اسان وساري نٿا سگهون. اها انگريزي نه پڙهي هئي پر سنڌي ادب سان اهڙو ته لڳاءُ هيس جو ثابت ڪري ڏيکاريائين ته ٻهراڙيءَ جي عورت ڪنهن ڪم ۾ پوئتي نه آهي. اها وڏي همٿ جي ڳالهه هئي“.

## حوالا


1. چنا، بيگم زينت عبدالله، ڪتياڻ مولئ بخش، ”هوندا سي حيات“، 1974ع، عبرت پريس، گاڏي کاتو صہ 235.
2. حميد سنڌي، (ويرو انٽرويو) ميمڻ پروين موسيٰ، (2008_9_26).
3. چنا، بيگم زينت عبدالله، ”رانديڪو“، ”نئين زندگي“، پاڪستان پبليڪيشن، اپريل 1956ع، صہ 43.
4. چنا، بيگم زينت عبدالله، ”من اجرو تن اجرو“، ته ماهي مهراڻ مخزن، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1970/3ع، صہ 52.

# ڊاڪٽر رشيده حجاب

رشيده بيگم، ”رشيده حجاب“ جي نالي سان لکڻ جي شروعات ڪئي. شڪارپور شهر ۾ 21 آڪٽوبر 1942ع تي سنڌس جنم نور محمد مغل جي گهر ۾ ٿيو. ابتدائي تعليم گاڏي کاتو حيدرآباد جي گرلز اسڪول مان ورتائين. 1962ع ۾ بي.ايس.سي زبيده گرلس ڪاليج مان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪرڻ کان پوءِ 1964ع ۾ ايم.ايس.سي، سنڌ يونيورسٽيءَ مان باٽنيءَ جي مضمون ۾ ڪرڻ کان پوءِ پي.ايڇ.ڊي 1970ع ۾ ڪئي. ان کان پوءِ ڊاڪٽر رشيده پوسٽ ڊاڪٽريٽ نيو جرسي آمريڪا مان ڪئي. سنڌس تحقيق جو موضوع (Jute) سڻيءَ جي باري ۾ آهي. کين 1983ع ۾ آمريڪا جي اسڪالرشپ Full Bright جي وسيلي وڌيڪ ريسرچ ڪرڻ ۽ آمريڪا ۾ رهڻ جي آڇ ٿي پر پنهنجي گهرو حالتن جي ڪري ٿيسز مڪمل ڪري واپس موٽي آئي.

رشيده حجاب جي شادي 8 جون 1969ع تي انور علي راڄپر (فاريسٽ آفيسر) سان ٿي. کين چار نياڻين جو اولاد آهي. جيڪي سڀ اعليٰ تعليم يافته آهن. پاڻ ڪاليج پرنسپل جي عهدي کان ڊائريڪٽر ڪاليجز ۽ پوءِ سنڌ حڪومت ۾ ڊائريڪٽر جنرل جي عهدي تي 2002ع ۾ ريٽائر ٿي.

رشيده حجاب جي نالي سان ادبي سفر جي شروعات 1954ع ۾ ”ٻارن جي ٻاري“ صفحي ۾ شعر، قول، چوٽيون ۽ آکاڻيون لکڻ سان ڪيائين. سنڌس پهريون افسانو 1997ع ۾ ”نئين زندگي“ ۾ شايع ٿيو پر پوءِ هن افسانا ۽ مضمون لکڻ شروع ڪيا جيڪي ”مهراڻ“، ”نئين زندگي“، ”روح رهاڻ“، ”سهڻي“، ”فردوس“، ”پيغام“ ۽ ٻين ۾ ڇپيا، جن جو تعداد هڪ سئو کان مٿي آهي. جيڪي موجوده وقت نه ڪتابي صورت ۾ موجود آهن ۽ نه ئي انهن جو ڪو ريڪارڊ صحيح طرح سان محفوظ رهيو آهي ۽ انهن رسالن مان به ڪيترا رسالا بند ٿي ويا آهن. سندن ئي لفظن ۾ ته،

”ڪيتريون ڪهاڻيون اهڙن رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپيون، جيڪي بند ٿي ويا. منهنجي خراب عادت اها هئي (۽ آهي)، ته مان ڪڏهن به پنهنجون شيون فيئر نه ڪندي هيس. هڪ دفعو لکڻ وٺيس ته افسانو پورو ڪري اٿندي هيس ۽ ان وقت ئي پوسٽ ڪرائي ڇڏيندي هيس“. (1)

مضمون نويسي ۽ مقالا نگاريءَ ڏي سنڌس لاڙو وڌيڪ رهيو. هن جا تحقيقي مقالا گهڻي ڀاڱي سائنس جي موضوعن تي آهن جيڪي پاڪستان کان سواءِ آمريڪا جي رسالي ”سائنس“ ۾ ڇپيا، سنڌي ادب جي حوالي سان سندن هڪ قسط وارو مقالو ”نئين زندگيءَ جي افسانن جو تنقيدي جائزو“، آڪٽوبر ”نئين زندگي “ ۾ ڇپيو جو موضوع جي ڪارائتي ڄاڻ مهيا ڪري ٿو. ڪهاڻين ۽ مضمونن کانسواءِ سندن هڪ سفرنامو، ”انور ڪولمبس جي راه تي“ قسطوار شايع ٿيل آهي.

رشيده حجاب جي ڪهاڻين ۾ ”بد صورت“ 1957ع، ”مَڪي روءَ مَر رڙڪي“ 1957ع، ”هڪ سسئي ٻيا سور“ 1958ع، ”هوءَ مري ويئي“ 1958ع، ”ڪنڊن جي سيج“ 1958ع، ”دنيا ۾ هڪ ڏينهن“

(تاثر) 1958ع، ”خوابن جي دنيا“ 1961ع، ”حوا“ 1962ع، ”ڪونہ ايندو“، ”گناھ“ 1963ع، ”رَڪ نہ رهي باقي“ 1965ع، ”پينو نينگر“، ”سچ جي سوليءَ تي“ 1966ع، ”بليڪ آئوٽ“ 1968ع، ”نوَءِ ڏھ“ 1969ع ۾ انهي ڪانسواءِ ٻيون ڪافي ڪهاڻيون آهن. جن ۾ هيٺين ڪهاڻين وڌيڪ مقبوليت ماڻي.

”چٽنگ“، ”ڪندن جي سيج“، ”ديوي ۽ ديوتا“، ”چنڊ چور تارا ٺڳ“، ”جيئڻ جو سهارو“، ”رهزن“، ”سيمينٽ جي پتلي“ ۽ ٻيون آهن. پنهنجي ڪم ڪي ثميره زرين سان پيٽيندي چوي ٿي تہ.

”منهنجا شروع وقت جا افسانا ڪافي ڳالهين ۾ ڪمزور ٿا لڳن. پر ٿوري ئي وقت ۾ هڪ طرف ثميره زرين جي افسانن سان غيرارادي طور مقابلو شروع ٿي ويو تہ ٻئي طرف عمر ۾ شعور بہ وڌڻ لڳو. دل جي حساس هئڻ سبب آسپاس جي واقعن کان متاثر ٿي قلم تلوار جي صورت ۾ هلڻ لڳو“. (2)

رشيده حجاب سماج ۾ عورت ڪي پيش آيل موضوعن تي گهڻي ڀاڱي لکيو آهي. سندس ڪهاڻين جو مکيہ ڪردار عورت ئي آهي، جيڪڏهن هوءَ ڪو موضوع پيش ڪري ٿي تہ بہ ان جو تعلق عورت سان ئي ڳنڍيل آهي. ”سيمينٽ جي پتلي“ جو موضوع غربت آهي جنهن ۾ انسان جي بنيادي حقن، اٽي لٽي ۽ آجهي جي حاصل ڪرڻ جي جدوجهد ڏيکاريل آهي جنهن ۾ پڻ سيمينٽ جي ڪارخاني ۾ ڪم ڪندڙ عورتن جي زندگي ڏيکاريل آهي.

ڪهاڻي ”جيئڻ جو سهارو“ ۾ ليکڪا خان ٻيبيءَ جي هوڙ واري هلت ڪي مهارت سان پيش ڪيو آهي. هن عورت جي داخلي ڪنفيتن ۽ خارجي عملن ڪي ڪاميابيءَ سان موضوع بڻائيندي، ڪٿي ڪٿي مٿس ٿيندڙ زماني جي ظلم ۽ ستم پيش ڪندي ڪيس لاچار بہ ڏيکاريو آهي تہ ڪٿي هُن پنهنجي ٻي زبان صنف ڪي قوتِ گويائي ڏني آهي بعض اوقات، هڪ ئي پهلو پڻ نمايان رکيو آهي جيڪو آهي محروميت ۽ مايوسيءَ جو. جيئن ”ڪندن جي سيج“ ڪهاڻيءَ جو جائزو وٺنداسين تہ معلوم ٿيئي ٿو تہ غزالہ وٽ سندس ناڪاري سوچون آهن. هوءَ انور مان مايوس رهي سدائين ڪارو ۽ سفيد لباس پائي محروميت جو مظاهرو ڪري ٿي جيڪو هاڪاري رويو نہ آهي. خاص طور ڪهاڻيءَ ۾ اهڙا جملا جن مان فنا ٿيڻ جو احساس وڌي ٿو. جيئن ”جڏهن بهار گذري ويندي آهي تڏهن گلن جي شان بہ هلي ويندي آهي“. ”جڏهن چنڊ گم ٿي ويندو آهي تڏهن اُماس جون ڪاريون راتيون اچي ويندون آهن“ مجموعي طور هن ڪهاڻيءَ جو اسلوب سنو ۽ فني تسلسل ڪامياب آهي ۽ ڪهاڻيءَ جي پڇاڙي غير متوقع هئڻ سبب ڪهاڻيءَ جو مجموعي تاثر گهرو ٿي ٻيهي ٿو. اخر ۾ انور جو پڇتاءُ ۽ نتيجي طور ڪيس ٽي.بي جو مريض ڏيکاريل آهي.

رشيده حجاب جي فن جي فڪري سطح بلند آهي. هن ٿورو ٿورو لکندي بہ پنهنجي فن ڪي اڳيان هلي سنواري وڌو. موضوعن ۾ نہ فقط سنڌ جي عورت جي جذبن جي نمائندگي وٽس اهميت رکي ٿي پر هوءَ دنيا جي هر عورت ڪي انساني طور اهميت جوڳو سمجهندڙ آهي. هن عورت ذات جي ٻي حيثيتيءَ ڪي گهڻو محسوس ڪيو آهي.

”رهزن“ ڪهاڻي عورت جي عزت ۽ اهميت جي ڪميءَ بابت آهي. پاڪستان مان ٻاهر تعليم حاصل ڪندي ليکڪا راويءَ طور هن ڪهاڻيءَ ۾ پنهنجو پاڻ ڪي آندو آهي. هوءَ پنهنجي هاسٽل ۾ رهندڙ

شاگرديائي ڪرستين جي استيو سان محبت ۽ آخر ۾ دڪدائڪ پڇاڙيءَ کي بيان ڪري ٿي. هن ڪهاڻيءَ ۾ رشيده حجاب ڪرستين جي نفسياتي مسئلن تي چٽائيءَ سان روشني وجهڻ سان گڏ اولهه ۽ اوڀر جي عورت جي مسئلن جو فرق پڻ واضح ڪيو آهي. ڪرستين جيڪا جسماني خد و خال ۾ گهٽ هئڻ سبب فرسٽريشن جو شڪار هئي گهر مان به ڌڪايل هئي. مطلب ته محروميءَ جي احساسن هيٺ ڪرستين جي تعليم به اڌوري رهي ٿي. انهيءَ جي باوجود هوءَ پنهنجي محبت استيو جي لاءِ قربانيون ڏئي ٿي پر اهو به ڪيس اڪيلو ڇڏي هليو ويندو آهي. آخر ۾ ايئرپورٽ تي ليکڪا کي خدا حافظ ڪندي ڪرستين چوي ٿي ته،

”رشو تو هڪ دفعو لفظ ”رهزن“ جي معنيٰ سمجهائي ٿي. پر مون کي سمجھ ۾ نه آئي هئي. مان سمجهان ٿي ته مون کي هاڻي ان لفظ ”رهزن“ جو مطلب چڱيءَ ريت سمجھ ۾ اچي ويو آهي“. (3)

(”رهزن“ ڪهاڻي مون پنهنجي عورتن جي ڪهاڻين جي ترتيب ڏنل مجموعي ”سون ورنيون سوڍيون“ ۾ ڏني آهي). حقيقت ۾ رشيده حجاب/ڊاڪٽر رشيده راڄپر جو تعلق درس ۽ تدريس سان گهڻو رهيو آهي. ان ڪري هن نوجوان طبقي جي جذبن، مسئلن ۽ نفسيات جو اونهو مشاهدو ڪيو آهي گڏ عورتن جي مسئلن تي لکيو آهي.

ايئن به نه آهي ته رشيده صاحبه فقط عورت جي مسئلن کي فوقيت ڏني آهي. سندس ڪهاڻي ”نوَ ۽ ڏهه“ هڪ مرد جي نفسيات ۽ حاڪماڻي طبيعت جو سنو مثال آهي. هيءُ ڪهاڻي هڪ اهڙي اديب جي آهي جو پنهنجي نالي کان مٿي ڪنهن جو نالو ڏسڻ نٿو چاهي (گهڻي ڀاڱي اديب ايئن ئي چاهيندا آهن پر هتي مقابلو هڪ عورت سان آهي). ساڻس گڏ ڇپجندڙ عورت ناز جبين سان هو حسد وچان ڪيس هميشه لاءِ مات ڪرڻ لاءِ شادي ڪري ٿو ۽ شاديءَ کان پوءِ ڪيس گهڻو گهرداريءَ ۾ لڳائي لکڻ پڙهڻ کان پري ڪري ٿو اهڙيءَ ريت سندس خواهش پوري ٿي وڃي ٿي ۽ هو مشهور ٿي وڃي ٿو پر ڪيس آخر ۾ اها خبر پوي ٿي ته حقيقت ۾ ناز جو ته ڪو ادب سان واسطو ئي ڪونه هو ۽ سندس نالي تي سندس چاچو ڪهاڻيون لکندو هو جيڪو ڪافي وقت کان لکي نه رهيو هو. هيءُ ڪهاڻي مرداڻي مزاج جي ناڪاري رخ جي نشاندهي ڪري ٿي.

رشيده حجاب انساني جذبن جي قلمڪار آهي. هن شروع ۾ رومانوي ڪهاڻيون لکڻ کان پوءِ جلد ئي مهارت سان حقيقت نگاريءَ مطابق اهم ڪهاڻيون لکيون. پنهنجي ليکڪا هئڻ تي ذاتي طور خوشي محسوس ڪندي هڪ هنڌ چيائين ته،

”مان سوچيندي آهيان ته فطري طور مان هڪ ليکڪا (Writer) آهيان. جيڪڏهن پيشه وارانه طور به منهنجو تعلق ڪنهن اهڙي شعبي سان هجي ها ته شايد وڌيڪ خوش ۽ مطمئن هجان ها“. (4)

الطاف شيخ، ”ماسي حاڪم زاديءَ جي ڌيءَ رشيده حجاب“ جي ليک ۾ لکي ٿو ته،

”رشيده حجاب ادبي دنيا ۾ هڪ مڃتاهون نالو آهي. لڳي ٿو نوڪري ۽ ٻارن ۾ ٻزي ٿي وڃڻ ڪري هن بعد ۾ لکڻ ڇڏي ڏنو يا گهٽائي ڇڏيو. نه ته سٺ ۽ ستروري ڏهي ۾ سندن ڪهاڻيون مهراڻ، روح رهاڻ،

مارئي، نئين زندگي، سهڻي ۽ هلال پاڪستان جهڙن رسالن ۽ اخبارن ۾ ايندڙيون رهيون ٿي. ڪي تہ تمام گهڻيون پسند ڪيون ويون. جهڙوڪ، "چٽنگ"، "ڪنڊن جي سيج"، "ديوي ۽ ديوتا"، "مڪي روم رڙڪي" وغيرهہ انهيءَ وقت افسانا لکندڙن ۾ منهنجا جيڪي دلپسند لکندڙ هئا. رشيده حجاب انهن مان هڪ هئي". (5)

رشيده اباڻي گهر ۾، رشيده حجاب ادبي سفر ۾، رشيده انور شادي شده زندگيءَ ۾ ۽ ڊاڪٽر رشيده راڄپر عملي زندگيءَ ۾ رهندڙ پنهنجون جوابداريون منظم طريقي سان نڀايون. هوءَ شخصي طور نهٺي، حليم، ٿڌي ۽ مٺي ڳالهائڻ واري عورت رهي. منجهس سهپ جي وڏي مٺيا هئي.

رشيده حجاب جي ڪهاڻين کي نياز مسرور بدوي ۽ نصير مرزا سهيڙي ڪتاب تيار ڪري ئي رهيا هئا تہ اوچتو اها خبر پئي تہ ڊاڪٽر رشيده پنهنجي نياڻيءَ جي گهر ڪئناڊا ۾ وفات ڪري وئي آهي. ڪهاڻين جو اهو ڪمپوزڊ مسودو حسيب نااياب منگيءَ جي ئي هٿن ۾ پروف پڙهڻ لاءِ رهيو تہ نصير مرزا هڪ سهڻو ڪتاب سندس وفات کان پوءِ روشني پبليڪيشن معرفت ڇپرائي پڌرو ڪيو آهي. "حجاب سراپا حجاب" جو گهڻو مقبول ٿيو آهي. هن ڪتاب ۾ رشيده حجاب جون اٺتيهہ ڪهاڻيون، ٻہ مضمون، هڪ سفرنامو ۽ هڪ انٽرويو پيش ڪيل آهن. مختلف علمي ۽ ادبي شخصيتن جا سندس شخصيت ۽ فن متعلق ڏهہ مضمون ۽ هڪ رپورٽ شامل آهي. ڪتاب جو مهاڳ ۽ رشيده حجاب جو تعارف نصير مرزا لکيو آهي. 392 صنفن جي سهڻي ۽ پڪي ٽائيٽل ڪور واري ڪتاب جي سنڌي سوانح جي ميدان ۾ هڪ خاص اهميت قائم رهندي. ڊاڪٽر رشيده راڄپر عمر جي آخري حصي ۾ ڪئناڊا ۾ رهندڙ هئي، جتي ئي 2019ع ۾ ڪئناڊا جي شهر ائڊمنٽن ۾ وفات ڪيائين.

## حوالا


1.رشيده حجاب: (انٽرويو) "سرتيون" (مخزن)، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 2008ع، صہ 55.

2.ساڳيو صہ 55.

3.رشيده حجاب: (ڪهاڻي) "رهزن" "سهڻي" (مخزن)، الهندو ڪڇو حيدرآباد 1973ع، صہ 65.

4.حوالو نمبر (1) صہ 57.

5.شيخ الطاف: "سنگت ايوارڊ تقريب جون جهلڪيون"، سنگت (مخزن)، سنڌي ادبي سنگت، رابعہ اسڪوائر، گاڏي کاتو حيدرآباد، جون-جولاءِ-2009ع، صہ 42 ۽ 44.

# مهتاب اڪبر راشدي

”ڪل جي هيءَ جوالا مکي جنهن مان ٿهڪڙا ٽانڊن جيان ٻه ٻه ڪندا آهن. پنهنجي ڪل تي ڪوڙن کي ڪامائيندي آهي ڪن کي مُشڪائيندي آهي ۽ ڪجھ کي ان ڪل تي ڪلائيندي آهي بهرحال پاڻ جيئڻ آهي تيئن ئي آهي. هوءَ فقط ٽهڪڙا نہ آهي، منجهس اعتماد آهي، ادائگيءَ جو حسن آهي. فن آهي فڪر آهي. سندس فڪر ۾ سمونڊ جي گهرائي نہ سهي پر گفتار ۾ دريائن جي رواني آهي“.

مٿيان جملا خيرالنساء جعفريءَ، مهتاب اڪبر راشديءَ ڪان ورتل انٽرويو بعنوان ”ڪل-جاڪستوري“ ۾ سندس بابت لکيا آهن.

بدرالنساء/مهتاب چنا سنڌي علم، ادب ۽ فن جي اُفق تي هڪ روشن ستاري جيان جرڪندڙ شخصيت طور اهم نالو آهي 14 آگسٽ 1947ع تي نئين ديري لاڙڪاڻي ۾ محمد عيسيٰ چنا جي گهر ۾ جنم ورتندڙ هن نياڻيءَ ڳوٺ ڪان آمريڪا تائين جو علمي سفر جهاڳيو سندس والد حيدرآباد ۾ تعليم کاتي سان لاڳاپيل رهيو ۽ پنهنجي اولاد جي تربيت تي ڌيان ڏنائين سندس اولاد تعليم يافتہ آهي سڄي کهول ۾ جهڙو نالو مهتاب جو سندس غير معمولي صلاحيتن سبب اڳيان آيو اهڙو مقام تمام ٿورين شخصيتن کي حياتيءَ ۾ ملندو آهي. هوءَ ننڍپڻ کان ئي ذهين، ذمہ دار، باهمت ۽ خداداد خوبين سان نوازيل رهي. حيدرآباد جي ميران هاءِ اسڪول، زبيده گورنمينٽ گرلس ڪاليج ۽ سنڌ يونيورسٽي مان تعليم حاصل ڪرڻ بعد فل برائيٽ اسڪالرشپ تي آمريڪا جي يونيورسٽي مان پوليٽيڪل سائنس ۾ ڊگري ورتائين.

مهتاب عملي زندگيءَ جي شروعات سينٽ ميريز ڪانوينٽ اسڪول ۾ درس وتدريس جي ذريعي 1969ع ۾ ڪئي. 1973ع ۾ انٽرنيشنل رليشنز ڊپارٽمينٽ، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرر جي حيثيت ۾ جوائن ڪيائين جتي پوءِ ايسوسيئيٽ پروفيسر، چيئرپرسن ۽ ڊائريڪٽر انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي رهي. 1988ع کان پوءِ سنڌ حڪومت جي مختلف کاتن ۾ هن انتظامي عهدن تي ڪم ڪيو جنهن ۾ سيڪريٽري ڪلچر کاتو ڊائريڪٽر جنرل -انوائرمينٽل پروٽيڪشن ايجنسي، سيڪريٽري سوشل ويلفيئر، وومين ڊيولمينٽ، سيڪريٽري تعليم، سيڪريٽري انفارمشن، ڊائريڪٽر جنرل محتسبِ اعليٰ، آخر ۾ سيڪريٽري انٽر پراونشل، ڪوآرڊينيشن ڊپارٽمينٽ جي عهدي تي 2007ع ۾ رٽائر ڪيائين. مهتاب صاحبہ 22 سالن جي عمر ۾ عملي زندگيءَ جو آغاز هڪ استاد جي حيثيت ۾ ڪيو ۽ مستقل نوڪريءَ دوران هوءَ 11 سال شاگردن جي دلپسند استاد رهي ۽ باقي سڄو وقت سندس ذمہ داريون انتظامي رهيون ان کان سواءِ هوءَ ڪيترن ئي وڏن ادارن جي رُڪنيت رکندڙ رهي آهي تہ سماجي تنظيمن جي صلاحڪار ۽ تاحيات ميمبر آهي. 20 فيبروري 1981ع تي سندس شادي سيد اڪبر حسين راشدي سان ٿي ڪيس ٻن پٽن جو اولاد آهي.

مهتاب اڪبر راشديءَ جو تعلق فن جي دنيا سان اڻٽٽ آهي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد هن ڏِسَ ۾ سندس ڀرپور سڃاڻپ رهيو آهي 1965ع کان 1967ع تائين ريڊيو جي ڊرامن ۾ ڪم ڪيائين جڏهن ته ڪراچي ٽيليويزن تي 1974ع کان ڪم شروع ڪيائين ۽ ٻين چئنلز جيئن ڪي ٽي اين تي پڻ خاص سندس ورتل سياسي، علمي ۽ ادبي شخصيتن جا انٽرويوز ۽ پروگرام اهم آهن "هم" ٽي.وي مشهور چئينل جي ڪجهه عرصي کان بورڊ آف ڊائريڪٽرز ۾ شامل آهي. سندس ريڊيو ۽ ٽي ويءَ جي اهم پروگرامن ۾ "سگهڙين سٿ"، "سورج شاخون ڪيدون"، "جهڙا گل گلاب جا"، "گيتن ڀريون ڪهاڻيون"، "روشن تارا"، "فروزان"، "اپني بات"، "ساٿ ساٿ" ۽ ٻيا آهن. سياست ۾ 2013ع ۾ پير پاتائين موجوده وقت سنڌ اسيمبليءَ ۾ مسلم ليگ فنڪشنل طرفان عورتن جي مخصوص نشت تان ميمبر طور سرگرم عمل آهي.

مٿي ته هو مئدم مهتاب اڪبر جو تعارف هاڻي مان پنهنجي مضمون جي اصل موضوع تي اچان ٿي. جو آهي مهتاب اڪبر راشديءَ جون ادبي خدمتون- مهتاب چنا جي نالي سان ادب ۾ لکڻ جي شروعات ڪندڙ هن ليکڪا پنهنجي تحرير نويسيءَ جي ابتدا مضمون نويسيءَ کان ڪئي.

شروع دور ۾ چند ڪهاڻيون لکيائين پر پوءِ سندس توجهه مضمون، مقالا، ڪالم، مهاڳ، مقدما ۽ ٻيون تحريرون رهيون سندس سڄو ڪم نثر سان لاڳاپيل آهي ڪيس شاعريءَ سان شغف آهي پنهنجي تحريرن ۾ سهڻا شعر استعمال ڪري ٿي ته ڪيترين تقريرن ۽ ڪمپيئرنگ ۾ سندس زباني سهڻي ادائيگيءَ سان بهترين شعر ٻڌڻ لاءِ ملن ٿا. پنهنجي قلم معرفت هن نثر جي لکڻ کي ترجيح ڏني آهي جو سنڌي، اردو ۽ انگريزي زبانن ۾ موجود آهي. سندس لکيل ڪيترو مواد ٽڙيل پکڙيل آهي، آئون سمجهان ٿي جيڪڏهن انهيءَ کي ترتيب ڏيئي شايع ڪيو وڃي ته هوند نون موضوعن تي سٺا نثري ڪتاب تيار ٿي وڃن.

سندس لکيل ڪهاڻين، مضمونن ۽ ڪالمن ۾، "آزاديءَ جي جدوجهد ۾ سنڌي عورت جو ڪردار" (سرتيون-1990ع)، "تر ۽ اسان" (سرتيون-1990ع)، "تو جنين جي تانگهه سي سڄڻ سفر هليا" (ڪهاڻي-ماهوار نئين زندگي، ڊسمبر، 1963ع)، مهاڳ مراة الجمال، (سيد حسام الدين شاهه راشديءَ جو ڪتاب 1984ع، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي) ۽ ٻيا مضمون، مهاڳ ۽ ڪالم آهن.

عوامي آواز ۾ آيل ڪالمن ۾ "ڪجهه ته ٽيڏو آهي"، "وري مولانا شيراني"، "عينڪ ڪير مٿائي"، "انت جي ابتدا" ۽ ٻيا آهن. هن مسلسل اڍائي سال عوامي آواز ۾ ڪالم لکيا آهن. سندس لکيل ڪهاڻيون نئين زندگي ۽ بادل ۾ شايع ٿيل آهن ته مضمون ۽ ڪالم، عوامي آواز، ڪاوش ۽ اردو اخبار "آج ڪل" ۾ ڇپيل آهن. اردو تحريرن ۾ "ملک تقسیم ہو سکتے ہیں، زمین تقسیم نہیں ہوا کرتی"، "سندھ کی سماجی حالت"، "اجرک کی صنعت" ۽ ٻيا آهن ته انگريزيءَ ۾ پڻ لکيو اٿس.

مهتاب جي تحرير نويسيءَ مان هيٺ چند حوالا ڏيان ٿي ته جيئن پڙهندڙن کي سندن لکيل نثر جي ڄاڻ ملي.

”ڪنوار جي وڳي ۾ تون ڏاڍي خوش ۽ سٺي پئي لڳيئن ۽ منهنجي دل مان اها دُعا نڪتي ته خدا ڪري تون هميشه اهڙي طرح خوش هجين. ڇوڪرين ان ڏينهن ڪيترائي گيت ڳاتا. تمڪندڙن تارن جا گيت، ٽڙندڙ گلن جا گيت، جهونگاريندڙ جهرڻن جا گيت، انتظار جا گيت ۽ لافاني پيار جا گيت! ان وقت تون پاڻ به گيت پئي لڳيئن... بهار جو سريلو گيت! ڪاش تون ڪڏهين ويران خزان جو مرثيو نه ٿيني‌ئن ها!“ (ڪهاڻي، صه 40)

”عورتن جي تذليل ۾ اڄ ڪله پنجاب ۽ سنڌ جو مقابلو زورن تي آهي، لڄالت جي واقعن ۾ اڪين ڪان معذور ڇوڪريءَ کي به ڪو بخشڻ لاءِ تيار ڪونهي ته پير پير پنڌ ڪري پاڙي جي هٽ تان ڪنمنڙا وٺندڙ معصوم نياڻي به وحشي انسان نما جانورن جي جنسي هوس کان محفوظ ناهي“. (ڪالم، عوامي آواز 29 مئي، 2016ع)

مهتاب اڪبر راشديءَ ڪيترن ئي ڪتابن جا مهاڳ ۽ مقدما لکيا آهن. سندس نثر شانائتو سيبتو ۽ دلپذير آهي. ڪتاب تي ڪجھ لکڻ کان اڳ تمام ڌيان سان انهيءَ ڪتاب جو جائزو وٺڻ سندس اولين ڪم هوندو آهي پوءِ ئي به اکر يا مهاڳ اٿس. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر يا سنڌي ثقافت کاتي جي سيڪريٽريءَ جي حيثيت ۾ سندس نگرانيءَ ۾ جيڪي ڪتاب ڇپيا انهن تي لکيل سندس مهاڳ وڻندڙ آهن. جيئن، ”سنڌي صحافت جي ارتقا“، ناٽڪ“، ”لطيفي سير“، ”شاهاڻو شاه“، ”سُر ڏهر“، ”ديسي سيڻ ڪجن“، ”مراة الجمال“ ۽ ٻيا ڪتاب آهن. ”مراة الجمال“ پير حسام الدين راشديءَ جي پسند جي شعرن تي مشتمل ڊائري ڪتابي صورت ۾ 1984ع ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي شايع ڪئي. جنهن ۾ ادي مهتاب لکي ٿي ته.

”پير حسام الدين راشدي مرحوم پياري شخصيت ۽ جڳ ۾ خوشبو وانگر ڦهلجندڙ ڪردار ۽ ذهن جو مالڪ هو. مرحوم نه رڳو تاريخدان پر پنهنجي شخصيت جي مختلف پهلوئن سان تاريخ ساز به هو. پاڻ نه رڳو تاريخ ساز هو پر تاريخ ۾ زنده رهڻ واري شخصيت به هو. پاڻ نه رڳو تاريخ جي صفحن ۾ زنده آهي پر اسان جي دلين ۽ دماغن ۾ پڻ زنده آهي“.

مون کي اهو شرف حاصل آهي جو منهنجي ڪتابن تي جن وڏين شخصيتن مهاڳ ۽ مقدما لکيا آهن انهن ۾ هڪ نالو مئڊم مهتاب راشديءَ جو به آهي. ڪتاب ”وکر سو وهاءِ“ جي مهاڳ لاءِ مون مئڊم سان فون تي ڪانٽيڪٽ ڪيو. پاڻ دل سان هائوڪار ڪيائين. هڪ ته اهو ڪتاب مضمون نويسيءَ جي موضوع تي آهي ۽ هوءَ پاڻ بهترين مضمون نويس آهي ۽ ٻيو ته هيءُ ڪتاب شاگردن لاءِ HEC طرفان منظور ٿيو ۽ شاگردن جي ڀلائيءَ لاءِ مئڊم پاڻ پتوڙيندڙ رهي آهي. سو منهنجي خوشيءَ جي حد ئي نه رهي جو ٿوري ئي وقت ۾ مئڊم مهاڳ لکي موڪليو جنهن ۾ مضمون نويسيءَ جي موضوع تي پڻ عمدا ويچار ونديل آهن. لکي ٿي ته.

”هن ڪتاب جي مهاڳ لکڻ لاءِ پروين منهنجي چونڊ ڇو ڪئي؟ ان جو جواب ته هوءَ پاڻ ئي بهتر ڏئي سگهي ٿي. پر مان پاڻ کي خوشقسمت ٿي ڀانيان ته اسان جي نوجوان نسل جي اڳيان ان بهاني

منهنجي تحرير بہ گذرنديءَ ان موقعي فراهم ڪرڻ لاءِ مان پروين موسيٰ جي ٿورائتي آهيان. اڳيان لکي ٿي تہ.

”ڪنهن بہ مضمون جي اسلوب ۽ تحرير مان لکندڙ جي ذهن جو نظم و ضبط ۽ خيالن جي ترتيب وار پيشڪش جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. مضمون لکڻ بلڪل ائين آهي جيئن ڪو فنڪار رنگ ذريعي پنهنجي تخيل کي ڪينوس تي اُتاري, ان تصوير کي تخليق ڪرڻ ۾ جيئن سوچ جي يڪسوئي, برش ۽ رنگن جي ميلاپ سان نڪتل متوازي ۽ متوازن خطوط جي ضرورت ٿئي ٿي, اهڙيءَ طرح ئي مضمون لکڻ لاءِ بہ موضوع تي بار بار غور ۽ سوچ ۽ ذهن اندر ان کي پچائڻ اولين شرط آهي. سٺي مضمون لکڻ لاءِ حقائق جو گڏ ڪري ان جو ترتيب وار استعمال ۽ پنهنجي تجربي ۽ مشاهدي جو استعمال ئي مضمون کي با مقصد بڻائي ٿو“.

مئدم راشدي هن مهاڳ ۾ منهنجي ڪتاب سان گڏ مضمون نويسيءَ تي جو لکيو آهي اهو سندن علمي شوق ۽ معلومات جو چٽو دليل آهي. آئون سمجهان ٿي تہ ادي مهتاب جي لکيل مضمونن کي سهيڙي جو ڪتاب تيار ٿيندو اهو يقيناً سنڌي ادب ۾ مضمون نويسيءَ جي ڪتابن جي ڪوٽ جي پورائي لاءِ اهم قدم شمار ٿيندو. مئدم جي ادب, ثقافت, ميڊيا ۽ سياست هر هنڌ خدمتن جي فهرست طويل آهي. جنهن جي خبر سندس بابت سوانحي ڪتاب مان پوي ٿي.

**مهتاب شخصيت۔ڪردار۔مجتا:** ڪتاب خوبصورت مضمونن تي آڌاريل آهي. جنهن ۾ ادي مهتاب جي بابت گهرياتين, دوستن, مهربانن, گڏ ڪم ڪندڙن, اديبن ۽ عالمن جا مضمون آهن. جنهن ۾ ڪين مختلف حوالن سان مجتا ڏني وئي آهي. سوانحي ادب ۾ هن اهم ضخيم ۽ لاياڻتي ڪتاب کي پيڪاڪ پرنٽرز ڪراچي, 2015ع جي آگسٽ ۾ شايع ڪيو آهي. جيئن تہ سوانح نگاريون ڪنهن بہ قوم جي تاريخ جو حصو شمار ٿين ٿيون انهيءَ ڪري هيءُ ڪتاب پڻ, سنڌي ادب ۽ سنڌ جي تاريخ جو اهم باب آهي, جنهن ۾ سنڌ يونيورسٽي, ريڊيو پاڪستان, پاڪستان ٽيليويزن, سنڌالاجي, سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتي, تعليم کاتي ۽ ٻين اهم ادارن بابت معلومات ۽ مئدم سان واسطي ۾ ايندڙ شخصيتن جيڪي واقعا يا حقيقتون ٻڌايون آهن سي پڻ تاريخ جو حصو آهن لکندڙن ۾ (آئون شامل نہ آهيان الائي ڇو؟) ڊاڪٽر غلام علي الانا, آغا سليم, امداد حسيني, پروفيسر سليم ميمڻ, ڊاڪٽر ادل سومرو, شمشيرالحيدري, سيد ديدار حسين شاهہ ڊاڪٽر محمد علي شيخ, انعام شيخ, محمود مغل, نصير مرزا, سلطانہ وقاصي, سلطانہ صديقي, روبينہ قريشي, شبنم موتي, نجمہ ميمڻ, نذير ناز, مقصود گل, بيدل مسرور بدوي, اعجاز منگي, نثار حسيني ۽ ٻين جا ليک آهن تہ سندن خاندان مان ياءُ آفتاب چنا, ادي سڪينہ چنا, عزيزه چنا, مهر اڪبر ميمڻ ۽ وَرَ سيد اڪبر حسين راشدي جون تحريرون شامل آهن. 362 صفحن جي هن ڪتاب جو مهاڳ جامي چانڊيو لکيو آهي تہ ”محبتن جا مينهن“ جي عنوان سان مهتاب صاحبہ

پنهنجي مداحن ۽ لکندڙن جا ٿورا مڃيا آهن. ڪتاب جو انتساب سندن والد, والده ۽ ياءُ آفتاب چنا جي نالي آهي.

شمشير الحيدريءَ لکيو آهي ته,

”مهتاب پنهنجي طريقي جي پاسدار, با اصول, بردبار, بيحد ذهين, تيز فهم, حاضر جواب, خوش طبع ۽ خوش لباس آهي. اعليٰ تعليم يافته هجڻ سان گڏ هوءَ شعر ۽ ادب جو عمدو ذوق رکي ٿي“.

ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو ته,

”مهتاب اڪبر راشدي, آپا شمس عباسي ۽ آپا مريم نوحاڻيءَ جي تربيب هيٺ, هڪ قابل, ذهين, باصلاحيت نياڻيءَ طور اڀري مهتاب کي هونئن ته قدرت ننڍپڻ کان ئي بي شمار خوبين ۽ صلاحيتن سان نوازيو آهي. هوءَ هميشه سدا بهار شخصيت رهي آهي. سندس چهري تي مرڪ, هميشه نمودار هوندي آهي. انهيءَ ڪري ئي کيس هر ڪو سدا بهار شخصيت چوندو آهي“.

جامي چانڊيو مهاڳ ۾ لکي ٿو ته,

”ادي مهتاب سياڻي جي روشن خيال, آزاد ۽ باشعور سنڌ جو حسين ۽ باوقار عڪس آهي. مهتاب اڪبر راشديءَ جي شخصيت نهايت گهڻ رخي آهي. ڀلا مهتاب جوتي! چنڊ جو هڪ پاسو ته ٿيندو ئي ناهي! هن زندگيءَ ۾ انيڪ شعبن ۾ ڪم ڪيو آهي ۽ سندس شعبا, منصب ماڳ ۽ ڪرسيون بدليون پر مهتاب سدائين مهتاب ئي رهي! سنڌ ۾ شعور, تحرڪ, فن ۽ ڪردار جي هن مهتاب کي ڪڏهن به ”چنڊ گرهڻ“ نه لڳي ۽ نه وري هوءَ ڪڏهن ڏينهن جي روشنيءَ ۾ بي نور ٿي. زنده دلي, وضعداري, قابليت, تخليقي سگهه ۽ انفراديت سندس رڳ رڳ ۾ ۽ هر انداز ۾ آهي“. هن ڪتاب ۾ مهتاب صاحبه کي ڪنهن نڪريل ۽ سريلي آواز واري صداڪار سڏيو آهي ته ڪنهن کيس لاجواب ۽ بهترين ادائيگيءَ واري ڪمپيئر سڏيو آهي. ڪنهن لکندڙ وٽ هوءَ سدا بهار شخصيت آهي جنهن جا ٻول امرت آهن ته ڪٿي کيس موقائتا شعر پڙهڻ ۽ سهڻن جملن جي ادائيگيءَ واري فنڪار سڏيو ويو آهي.

سوانح جي مد ۾ هيءَ هڪ دلپذير ۽ ڪارائتو ڪتاب آهي. جو ساهه سان سانڍڻ جهڙي سوکڙي آهي مئڊم جي وڏي مهرباني جو پاڻ مون کي ٽيليفونڪ ٽاڪ کان پوءِ هيءَ ڪتاب ٻن ڏينهن ۾ هن جملي سان پوسٽ ڪيائين ته ”نهايت سڪ سان ڊاڪٽر پروين موسيٰ لاءِ“ مئڊم جا ٿورا آهن جو ڪتاب جي مطالعي جو شرف بخشائين ۽ ڪمائتي ڪتاب کي آئون پنهنجي لائبريريءَ ۾ حسين اضافو سمجهان ٿي. جيئن ئي هي ”مهتاب-شخصيت-ڪردار-مجتا“ ڪتاب مون کي مليو مون هيءُ ليک لکيو. مئڊم جون ادبي خدمتون اثرائتيون آهن. سندس لکيل نثر ۾ حرف تجنيس ۽ سهڻن لفظن جي سونهن ۽ مواد سان مطابقت شامل آهي. سندس لکيل تحريرون ڪتابي صورت ۾ اچڻ کپن.

ادي مهتاب کي گهڻو اصرار ڪيم ته پنهنجون لکڻيون خاص طور ڪالم ڪتابي صورت ۾ آڻيو ۽ کين اهو ارادو به هو پر منهنجي چوڻ کان پوءِ وڏيڪ ڏيان ڏنائين, 2021ع ۾ سندن ڪتاب جا ٻه جلد ”ڪالهه اڄ ۽ سياڻي“ جي عنوان سان ڇپيا آهن. جنهن ۾ ڪتاب بابت شيخ عزيز, يوسف شاهين, نصير

اعجاز نصير ميمڻ، زرار پيرزادو جا ليک آهن. 2016ع، 2017ع ۽ 2018ع جا لکيل ڪالم شامل آهن. مئڊم مهتاب ”ڪالھ اڄ ۽ سڀاڻي“ ڪتاب جا ٻئي جلد مون کي حيدرآباد پوسٽ ذريعي موڪليا. سندن وڏي مهرباني، ٻن جلدن ۾ هيءُ ڪتاب وٽندڙ ۽ ڪالم نويسيءَ ۾ سهڻو اضافو آهي.

**قلم تازو:** هيءُ مضمون رحمت پيرزادي کي موڪليو هئم ھُو مئڊم مهتاب جي باري ۾ ”ريڪائون“ جو خاص نمبر ڪڍي رهيو هو. پر انهيءَ جو پتا ئيو؟ اها مون کي خبر ناهي ۽ نہ ئي رحمت ڪا اطلاع ڏني، انهيءَ ڪري پيهر سوڌي ۽ سنواري هن مضمون کي همسري مئگزين ۾ موڪليم جن اپريل 2021ع ۾ شايع ڪيو ۽ پوءِ يوٽيوب تي بہ وڊيو ھاڻي هن ڪتاب ۾ شامل ڪري رهي آهيان.

# وينا شرنگي

وينا شرنگي 16 فيبروري 1948ع تي لاڙڪاڻي شهر ۾ مهراج گوپي ڪرشن جي گهر ۾ جنم ورتو هن شهدادڪوٽ مان ئي تعليم حاصل ڪئي، بي.اي سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪيائين 1971ع ۾ سندس گهرياتي سنڌ مان لڏي دهلي، هندوستان ۾ وڃي رهيا. جتي وينا پنهنجي ادبي ۽ ميڊيا جي ڪيريئر جي شروعات ڪئي. سندس سڃاڻپ هڪ سفرنامانگار، ڪهاڻيڪار، شاعره، ڪلاسيڪل شاعريءَ جي پارکو ۽ ڪمپيئر طور آهي. 1976ع ۾ آل انڊيا ريڊيو سروس تي ترجمانگار ۽ انائونسر طور پرتي ٿي ۽ ڪيترن ريڊيو جي پروگرامن جي ڪمپيئرنگ ڪيائين. هن ريڊيو اسٽيشن جي جاري ٿيل ”سنڌي سروس“ ۾ ڪاميابيءَ سان ڪم ڪيو ۽ انهن ريڊيو جي يادن کي ”منهنجي پيشي جا گل و خار“ جي عنوان سان لکي ادب ۾ هڪ اهم موضوع جو اضافو ڪيو. وينا جي ڳالهائڻ جو انداز منو ۽ متاثر ڪن آهي جنهن ڪري سندس آواز ٻڌڻ لاءِ ماڻهو ريڊيو جا هن جا پروگرام شوق سان ٻڌندا هئا. سندس ڀيڻ شالني ساگر پڻ ريڊيو جي هن سنڌي سروس ۾ ساڻس گڏ ڪم ڪندي هئي گڏ ٽيليويزن تي ٻه ڪم ڪيائين. وينا شرنگي ريڊيو تي ڪم ڪرڻ سان گڏ ادبي حلقن ۾ خود کي مڃايو هن مارئي تنظيم ٺاهي عورتن لاءِ سيمينار ڪرايا. وينا پنهنجي لکڻ جي شروعات ننڍپڻ کان ڪئي هن شروع ۾ ڪهاڻيون لکيون سندس پهريون ڪتاب 1984ع ۾ شايع ٿيو جو ”ڪيئن وساريان ويڙهيچن“ يادگيرين تي مشتمل آهي.

1986ع ۾ ڇپيل ”منهنجي پيشي جا گل و خار“ ڪتاب ريڊيو جي زندگيءَ جي واقعن ۽ مشڪلاتن، تجربن ۽ براڊ ڪاسٽنگ سان لاڳاپيل شخصيتن بابت ڄاڻ ڏئي ٿو. ”پکا ۽ پنهوار ڏني مون ڏينهن ٿيا“، وينا جو ڪتاب سنڌ ياترا بابت آهي. هن سفرنامي ۾ سنڌ مان مليل محبتون ۽ مانَ هُن وڏي ذوق ۽ شوق سان بيان ڪيا آهن. هيءُ سفرنامو هُن جي سنڌ ۽ سنڌين سان محبت جو لازوال داستان آهي، سندس ٻين ڪتابن ۾ ”زندگي هڪ ناٽڪ“ (ڪهاڻيون)، ”اڌ ڪليون اکيون“ (ڪهاڻيون)، ”واسنا جو واسِنگ“ ( ڪهاڻيون)، ”پڇتاءُ“ (ڪهاڻيون)، ”ڏاهيون ڏک ڏسن“ (ڪهاڻيون)، ”بدلو“ (ڪهاڻيون)، ”بختاور“ (ڪهاڻيون)، ”وارث لاوارث“ (ڪهاڻيون)، ”اجتنا جي مورت“ (شاعري)، ”ڪيچان آيو قافلو“ (مارئي تنظيم پاران لطيفي ڪانفرنسن جا مقالا)، ”سنڌو ڪناري نئون تاريخي باب“ (سفرنامو)، ”گيسٽ ايڊيٽر“ (ترتيب)، ”منڙي مُرڪ“ (ٻال ڪهاڻيون)، ”تون ڇپر تون چانءَ“ (مضمون) ۽ ٻيا ڪتاب آهن. عربي-سنڌي لپيءَ جي ڄاڻو وينا شرنگي هند ۽ سنڌ ۾ ساڳي مقبوليت رکي ٿي ڏيهه پرڏيهه ۾ پڻ سنڌيت جي سفير ٿي ناماچاري ماڻي چڪي آهي.

1990ع ۾ سانا ڪانفرنس ۽ 1995ع ۾ ورلڊ سنڌي ڪانگريس لنڊن ۾ پڻ هن پيپرز پڙهيا پوءِ ٻين ملڪن جي ڪانفرنسن ۾ شرڪتون ڪيون اٿائين. پنهنجي ناهيل عورتن جي ”مارئي تنظيم“ جي

صدر جي حيثيت سان هوءَ ادبي محفلون ۽ سيمينار ڪوئائيندڙ آهي. جنهن ۾ لطيفي سيمينار ”عالمي شاهه لطيف ڪانفرنس“ (1987ع)، ”شاهه-سچل-سامي ڪانفرنس“ ۽ ٻيون آهن. موجوده وقت ريڊيو تان رٽائرمينٽ باوجود بہ وينا ميڊيا ۽ سوشل ميڊيا تي بلڪل سرگرمِ عمل رهندڙ آهي.

وينا شرنگي ڪيترائي مضمون ۽ مقالا لکيا آهن ته شاعري پڻ ڪئي آهي. سندس تحريري مواد مختلف اخبارن، رسالن ۽ سندس لکيل ڪتابن ۾ محفوظ آهي. وينا شرنگيءَ بابت ڪونج مئگرين ائڊيشن ڪڍيو. جنهن ۾ سنڌ ۽ هند جي نالي وارن اديبن سندس بابت لکيو آهي جن ۾ فتاح ملڪ، ڊاڪٽر فهميده حسين، نصير مرزا، ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ، شمشيرالحيدري، ڊاڪٽر سليمان شيخ، الطاف شيخ، امين لاکو نذير ناز لڇمڻ ڪومل، ٺاڪر چاولا، ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي، واسديو موهي، ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ ٻين جا ليک آهن. جن سان سندس شخصيت ۽ فن تي وڏي روشني پوي ٿي.

وينا ڪي سندس خدمتن تي ڪيترائي ايوارڊ ۽ انعام مليا آهن، جن ۾ 1994ع ۾ نقد انعام ۽ 1995ع ۾ گولڊ ميڊل ۽ آل انڊيا سنڌي ڪلچرل سوسائٽي جئپور راجستان پاران مليل ٽرافي شامل آهن.

وينا جون ڪهاڻيون مختصر، اثرائتيون ۽ سنڌي سماج خاص طور (هند) جي ماحول جي عڪاسي ڪن ٿيون جيئن مثال طور سندس ڪهاڻي ”زندگي هڪ ناٽڪ“ هڪ اهم موضوع تي آهي نياڻيءَ جو بيواهه ٿيڻ ۽ مائيٽن جي گهر اچي وڃڻ، هن ڪهاڻيءَ جو موضوع آهي. جنهن ۾ خاص طور وينا هڪ ماءُ کي تنبيهه ڪئي آهي تہ ٻين جي دل آزاريءَ کان باز اچي. مطلب تہ سوچي سمجهي ڳالهائڻ گهرجي، رچنا جي ماءُ جو فخر ۽ وڏائيءَ وڏا جملا ڳالهائڻ کان پوءِ جڏهن ستن سالن بعد سندس شادي ٿيل نياڻيءَ جو گهر اجڙي ٿو وڃي تڏهن ڪيس احساس ٿيئي ٿو تہ هن پنهنجي نياڻيءَ جو بوجهه تہ لاٿو پر اڄ دليپ جي وفات ٿي وڃڻ سان رچنا تي تہ پهاڙ جيڏو بوجهه اچي ويو آهي.

”رچنا جي ماءُ هر وقت چوندي هئي تہ مون تہ پنهنجي ٻارن جا گهر آباد ڪري ڇڏيا آهن مان تہ اصل وِهاڻو سيرانديءَ ڪري آرامي آهيان، مون تہ پنهنجي ٻارن جي ٽانگهه لاٿي آهي“. رچنا جي ماءُ صحيح فرمايو تہ مان پنهنجي ٻارن جي ٽانگهه لاٿي آهي. مون پنهنجون جوابداريون پوريون ڪيون آهن. ”پر رچنا کي تہ پنهنجي جوابداري اڃا نباهڻي آهي. رچنا جي ناٽڪ جي شروعات تہ اڃا هاڻي ٿي آهي“. (سرتيون، جولاءِ-ڊسمبر-1991ع، صه-11).

وينا شرنگيءَ جي فن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو استعمال سهڻائيءَ سان موجود آهي، هيٺ سندس ڪتاب ”تون ڇپر تون ڇانءَ“ جو جائزو ڏجي ٿو.

هن ڪتاب **”تون ڇپر تون ڇانءَ“** جو عنوان شاهه لطيف جي سُر ڏهر جي هيٺين بيت مان ورتل آهي.

**جيڏو تنهنجو نانءُ، ٻاجهه بہ اوڏيائي مڱان،**
**رِءَ ٿنيين، رِءَ ٿوڻين، تون ڇپر تون ڇانءَ.**

## ڳُجاڙو ڪهاڻ؟ توکي معلوم سڀ ڪا.

(2_8 سرُ ڏهر)

"تون ڇپر تون ڇانءَ" ۾ آيل ٽيويهن مضمونن ۾ گهڻي ڀاڱي سوانحي مضمون آهن. جن ۾ امر شهيد ڪنور، سنت سائين چانڊورام، ماهري ديوي، تيرت بسنت، دلگير، گوبند مالهي، اُتم، پريم اپيچنداڻي، ڊاڪٽر موتي لالَ جوتواڻي، گورڌن ڀارتي، ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي، پارو چاولا، ناڪر چاولا، ڊاڪٽر سليمان شيخ، ڪملا ڪيسواڻي ۽ ٻين جي ڪيل پورهئي کي ميڄتا ڏيڻ لاءِ وينا شرنگيءَ جيڪي مضمون ۽ مقالا لکيا يا مختلف گڏجاڻين ۾ پڙهيا، سي هن ڪتاب ۾ سهيڙي پيش ڪيا ويا آهن. انهيءَ کان سواءِ ٻين مضمونن ۾ ڪرشن جي پوتر ڀومي، شاهه جون سورميون، بزرگ رحمت يا زحمت ۽ سندس سفرنامي "وايون وڻجارن جون" تي امين لاکي جو تبصرو پڻ هن ڪتاب ۾ شامل آهي.

وينا نثرنگار ته آهي ئي آهي پر ڪيس شاعريءَ سان پڻ سنو شغف آهي، شاهه صاحب جي ته اصل شيدائڻ آهي. هن پنهنجي ڪيترن ڪتابن جا عنوان شاهه جي رسالي مان چونڊيا آهن جيئن، "پاڻ سڃاڻج سپرين"، "پکا ۽ پنهوار ڏني مون ڏينهن ٿيا"، "ڪيئن وساريان ويڙهيچن"، "سارنگ سار لهيج"، "وايون وڻجارن جون" ۽ "تون ڇپر تون ڇانءَ" آهن. هن ڪتاب ۾ آيل مضمونن مان پڻ ڪيترن جا عنوان شاهه جي بيتن مان ورتل آهن جيئن، "مون سي ڏٺا ماءِ"، "سڄڻ سفر هليا"، "ڪاپائتي سڀ ڪا"، "جووهي سولهي" هن سڄي ڪتاب ۾ انيڪ هنڌن تي شاهه صاحب جي بيتن جو ڪتب موقعائتو ۽ ملهائتو آندل آهي. جنهن مان سندس لطيف شناسيءَ جي خوبيءَ کي داد ڏيڻو پوي ٿو. ان کانسواءِ هن ڪتاب جي مضمونن ۾ ڪيترن هنڌن تي ٻين شاعرن جو ڪلام پڻ مثال طور ڏنل آهي. جن ۾ تلسيداس، سچل، سامي، ڪوي ڀهلاج، شيخ اياز، دلگير، ٻيوس، استاد بخاري ۽ ٻيا آهن. خاص طور وينا پنهنجي شعر جا پڻ سنا نمونا شامل ڪيا آهن. ڪتاب مان ڪجھ حوالا هيٺ پيش ڪجن ٿا، ته جيئن پڙهندڙن کي ليکڪا جي مضمونن جو مدعا معلوم ٿيئي. سنڌي ادبي سنگت جي پهرين سيڪريٽري ۽ سنڌ ۾ ترقي پسند ادب جو پايو وجهندڙ مشهور ناول نگار گوبند مالهيءَ جي باري ۾ لکيو اٿائين ته.

"مالهيءَ جي سڀ کان وڏي خوشقسمتي، ڪاميابي ۽ حاصلات منهنجي نظر ۾ سنڌ جو دورو هيو. جيڪو هر ڪنهن کي نصيب نٿو ٿي سگهي. پنهنجي جهونن ساٿين سان ملاقات، درگاهن جي زيارت، علمي ادبي بئنڪن ۾ شرڪت، پنهنجي ڳوٺ جو درشن، اهو موقعو ڪين سچل ڪانگريس دوران نصيب ٿيو. سنڌس ڇهري ۾ اکين جي چمڪ جي مان چشم ديد گواهه رهيس". (70...)

دادا اي جي اتم جي باري ۾ لکيو اٿس ته.

"سنڌي ٻولي ۽ ساهت زندگي ۽ موت جي ڪشمڪش ۾ آهي. ڪيترن اڳڪتي ڪئي ته ڏهن سالن ۾ ٻولي مري ويندي، پر اُها ختم نه ٿي آهي مان آشاوادي آهيان ٻولي ختم ٿيڻ جي ناهي. هي ويچار بزرگ ليکڪ، ڪالم نگار، دادا اي جي اُتم پنهنجي ريڊيو ملاقات دوران ظاهر ڪيا هئا. داد اُتم جي جاءِ

تي اگر ڪو پيو هجي ها تہ موجوده دور جي ناسازگار حالتن ڪي ڏسي آشاوادي لفظ بدران نراشاوادي رُخ اختيار ڪري ها“. (ص76).

اخلاقي قدرن جي باري ۾ شاهہ جي سورمين جي مضمون ۾ لکي ٿي تہ،

”اڄ جنهن کي جتي موقعو مليو اُتي اک اڙائين، دل ترڪي ٿي کنيو پيا گهمن. جنهن جو نتيجو نونٺ لڳي ساهيڙي پڳي. پرديسي پريتم سان ڇو پريت جو پيچ پاتم لاءِ سرُ سسئي ۾ فرمايو آهي.

## ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي کهڙا پرين

اسان کي متي مائٽي رشتو سوچي سمجهي ڪرڻ گهرجي، بُڻ بنياد ڇاتل سڃاتل سان ڏسي ڪري ئي سنگ ڳنڍجي، ان طرف واضح اشارو آهي. اڄ جي سماج ۾ زندگيءَ جا اتوٽ بندڻ ڇو ٽٽا ٽٽن؟ هر ڪو ٻاهرين ڏيک ويک تي هرکي ٿو. متان موقعو هٿان ڪسڪي وڃي جلدي ڪري ٽپو ڏيون. ٻاهرين چمق دمق جي حوالي سان شاهہ جي سورميءَ ليلا جي هار تي هر ڪجڻ واري ڳالهہ اسان جي اڳيان آهي. غلطي ڪري سينو ساهڻ بدران نوڙت ۽ نياز سان محبوب کي پائي سگهجي ٿو“. (ص158)

وينا شرنگيءَ جي سوانحي مضمونن ۾ جڻ انهيءَ شخصيت جي سچيءَ حياتيءَ جو خاڪو موجود آهي. هوءَ ٿوري ۾ گهڻو چوڻ جي قائل ڏسڻ ۾ اچي ٿي. هن وٽ اصطلاحن، پهاڪن ۽ چوڻين جو چڱو استعمال آهي. جيئن، ”ٻاهران چکي مکي، اندر ٻڙبڙ دکي“، ”لڏ بہ ڏي تہ لڏاٽي بہ“، ”جيئري نہ سنوَ مئي دٻ دٻ ڪري پٽيو“، ”پنج ئي آڱريون برابر نہ آهن“، ”مهر جا مينهن وسڻ“، ”اک اڙائڻ“، ”پريت جو پيچ پائڻ“، ”سينو ساهڻ“، ”هٿان ڪسڪي وڃڻ“، ”پاتال ۾ پيهي وڃڻ“، ”ڏونگر ڏورڻ“ ۽ ٻيا آهن.

هيءُ ڪتاب نثر جي اهم صنف مضمون نويسيءَ متعلق آهي ۽ مضمونن جي اهم خوبي، سونهن ۽ سوڀيا، موقعاتن شعرن، پهاڪن، چوڻين، قولن ۽ حرف تجنيس جي سينگاريل جملن سان موضوع کي مڃائڻ ۾ آهي. سو وينا پڻ هن ڪتاب ۾ ڪيترن هنڌن تي اهڙن اصطلاحن جو خوبيءَ سان استعمال ڪيو آهي. باقي اڄڪلهہ هند ۾ ڇپيل اڪثر ڪتابن ۾ پروف جون ڪجهہ غلطيون ضرور ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. جنهن مان ايئن سمجهڻ ۾ اچي ٿو تہ يا تہ ڪمپوزنگ ڌيان سان نہ ٿي ڪيل هجي يا پروف خبرداريءَ سان چڪاسيل نہ آهن.

ڪجهہ معمولي ڪمين جي هوندي بہ وينا شرنگيءَ جو هيءُ مضمون نويسيءَ جو 190 صفحن جو ڪتاب نثر ۾ اهميت جوڳو آهي. خاص طور سوانح جي مد ۾ لکيل هي ادبي مضمون، سنڌي ادبي تاريخ جو اهم حصو شمار ٿيندا.

وينا شرنگي سنڌي، اردو، انگريزي ۽ هنديءَ ۾ لکيو هن گهڻو لکندڙ ۽ گهڻو پڙهجندڙ ليکڪا جون ڪهاڻيون سنڌي سماج جي مختلف مسئلن جي نشاندهي ڪن ٿيون. سندس فن سنڌي ادب ۾ جوڳي جاءِ والاري ٿو.

# زاهده تاج ابڙو

زاهده تاج نامور قانوندان، ليکڪ ۽ سماجي ڪارڪن تاج محمد ابڙو جي گهر 29 مئي 1970ع تي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. هن لاڙڪاڻي، نوابشاهه، سکر ۽ حيدرآباد مان تعليم حاصل ڪئي. شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان 1992ع ۾ ڪميشن جو امتحان پاس ڪيائين. موجوده وقت سنڌ ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ ۾ درس و تدريس جي حوالي سان خدمتون سرانجام ڏيئي رهي آهي. سنڌي ادب ۾ زاهده جي سڃاڻپ هڪ ناول نگار، ڪهاڻيڪار، ڪالم نويس ۽ شاعره طور آهي. سندس فن مختلف اخبارن جيئن سوڀ، عبرت، ڪاوش ۽ سرتيون، سوجهرو ۽ عبرت مئگزين ڪانسواءِ ٻين اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندو رهيو آهي. سندس 2 ڪتاب ’دنيا آڪيرو‘ (شاعري 2016ع)، ’عشق لامحدود‘، (ناول 2018ع) ڇپيل آهن ته موجوده وقت هڪ ناول عبرت مئگزين ۾ قسطوار شايع ٿي رهيو آهي. مهراڻ ٽي وي تي اينڪرپرسن طور ’بنت حوا‘ پروگرام معرفت ڪيس مشهوري ملي آهي. ميڊيا سان تعلق هوندي هوءَ مطالعو ۽ مشاهدو رکندڙ سنجيده ۽ علمي ۽ ادبي ذوق رکندڙ شخصيت آهي، سندس فن ۾ سنڌي سماج جي سڌاري جو پيغام آهي .

**زاهده جي ڇپيل ٻن ڪتابن جو جائزو هيٺ پيش ڪجي ٿو:**

**”دنيا آڪيرو“** زاهده جو پهريون شاعريءَ جو مجموعو آهي، جنهن جي ارپنا سندس والد ڪامريڊ تاج محمد ابڙو، وَرَ ڊاڪٽر محمد اسماعيل ميمڻ ۽ ٻارن، عبدالباسط، عبدالصمد، سسئي ۽ سونهن جي نالي آهي. 128 صفحن جو هيءُ ڪتاب ڪنول پبليڪيشن 2016ع ۾ شايع ڪيو. جنهن جو مهاڳ محمد ابراهيم جويو لکيو آهي، ٻه اکر ڄام ساقي جا ۽ الحاج شاهنواز مسافر طرفان سندس شخصيت ۽ فن کي مڃتا ڏنل آهي جو سندن شاعريءَ ۾ استاد پڻ آهي. ان ڪانسواءِ مير نادر علي ابڙو (ليڪڪا جو پيءُ) جا ۽ مشهور شاعر ع.غ تبسم جا ڪتاب جي باري ۾ خيال شامل آهن. هن شعري مجموعي جي شروعات رب پاڪ جي واکاڻ يعني حمد ۽ پوءِ نعت مبارڪ سان ٿيل آهي. باقي غزلون، نظم، آزاد نظم ۽ 2 گيت شامل آهن. نمونو هيٺين ريت آهي.

**حمد:**

**ڪر بخشش اي خداوند هر ڏوهه ۽ گناهه**
**ڪر نور جي نوازش، بي نور آهيان،**
**رحمان ڪر رحم تون، رحمت گهران پئي،**
**ڪر مهر ’زاهده‘ تي مشڪور آهيان.**

نعت جو نمونو هن ريت آهي:

**وڃائي نيڻ قدمن تي ٻڌايان نعت بسم الله،**
**محمد مير مرسل کي عطا درجا بسم الله.**

هن ڪتاب ۾ آيل شاعري احساسن، محبتن، جفائن ۽ فطرت جي رنگينن جي اڻ ڳڻيل رنگن ۾ رڱيل آهي. زاهده وٽ زندگيءَ جا مختلف رنگ آهن جن جا عڪس هن دنيا آڪيرو جي شاعريءَ ۾ چٽيا آهن. زاهده هن ڪتاب ۾ به پُر ترنم گيت ڏنا آهن. ”سنڌڙي منهنجي ٻولي“، ”منڙا موتي اڇجان“ جتي دنيا جا ڪيترائي محقق ۽ ٻوليءَ جا ماهر سنڌي ٻوليءَ جي قدامت تي ريسرچ ڪري پنهنجي کوجنا موجب مختلف نتيجا ڏيئي رهيا آهن اُتي زاهده تاج دل جي سچن جذبن ۽ آسان لفظن سان فقط چند سٽن ۾ حتمي نتيجو ڏيئي ڇڏيو.

**جهوني موهن جي دڙي جهڙي،**
**اونهي سنڌوءَ جي تري جهڙي،**
**دشمن لاءِ ڪا گولي آهي،**
**سنڌي منهنجي ٻولي آهي.**

بنيادي طور آئون شاعره ناهيان 22 ئي ڪتاب نثر ۾، لطيف شناسي، مضمون نويسي، تحقيق ۽ تنقيد ۽ ٻاراڻي ادب ۾ لکيا اٿم. (2015ع کان 2018ع تائين چار ڪتاب ڇپائيءَ جي سنڌيءَ جي مضمون ۾ به لکيم.) پر زاهده جي شاعري پڙهڻ کانپوءِ هڪوار دل چاهيم ته جيڪر آئون به شاعري ڪيان، سادن سودن، سلوڻن ۽ اثرائتن لفظن ۾ چيل زاهده جا گيت، غزل ۽ نظم، ’دنيا آڪيرو‘ ڪتاب جي سونهن جو سبب بنيا آهن .

**عشق لامحدود:** زاهده تاج جو ناول مئي 2018ع ۾ سنڌيا پبليڪيشن شايع ڪيو. هڪ حساس موضوع تي ليکڪا جي قلم مان نڪتل ’عشق لامحدود‘ جو فلسفو مجازي عشق کان حقيقي عشق جو بيان آهي. عينيءَ جي ڏکويل حياتي جي ڪهاڻيءَ ذريعي ليکڪا هڪ جوان بيوه عورت جي حياتيءَ جي حالتن کي چٽيو آهي جا ٻي شادي ٿيڻ کان پوءِ مسئلن جي انبار ۾ جڪڙجي وڃي ٿي. مختصر ڪردارن جيئن عيني، اقرا، صنم، آفاق، مصطفيٰ جي ذريعي ناول جي ڪهاڻيءَ جي اوک ڊوک ٿي آهي. ’قرات العين ننڍي لاڪون يتيم ٿي ٿيئي، سندس مامو اظهر ڪيس ۽ سندس ماءُ سيما کي پنهنجي گهر آڻي ٿو. سيما جي عمر ننڍي هئڻ ڪري اظهر ۽ سندس ماءُ سيما جي ٻي شادي هڪ با حيثيت ۽ نيڪ طبع شخص ايوب سان ڪرائين ٿا. جنهن جي زال وفات ڪري ويئي آهي ۽ کيس ٻن نياڻين صنم ۽ اقرا جو اولاد آهي، سيما کي ايوب مان هڪ پٽ شهباز ۽ هڪ نياڻي پيدا ٿيئي ٿي، هاڻي انهيءَ گهر ۾ اهي ٽي نياڻيون ۽

هڪ پٽ شهباز ماءُ ۽ پيءُ جي اکين جو تارو آهن، وٽن ڪو به ويڳو سسٽم ڪونهي پاڻ ۾ محبت سان رهن ٿا.

قرات العين / عيني شروع کان دولت کي اهميت ڏيندڙ آهي، جا پنهنجي مامي جي پٽ کي به غريب سمجهي منهن گهٽ ٿي ڏئي حالانڪه هو کيس چاهيندو پڻ آهي. دولت کي سڪون سمجهندي آفاق سان شادي ڪندي آهي، جو کيس ڪئناڊا وٺي ٿو وڃي جتي خوب گهمي ڦري زندگي مان لطف اندوز ٿي ٿيئي. پنهنجي مرد جي پيشي ۾ گهڻي مشغوليت سبب هوءَ اڪيلو گهمڻ ڦرڻ به لڳندي آهي، جنهن ۾ کيس ڊاڪٽر مصطفيٰ پاڻ ڏي متوجه ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ٿو ۽ پوءِ کيس آفاق بيوقوف ۽ سادو لڳندو آهي ۽ مصطفيٰ عقلمند ۽ Confident ۽ ان ريت هوءَ آفاق سان بحث ڪري طلاق وٺندي آهي ۽ مصطفيٰ سان ٻي شادي ڪندي آهي، جنهن مصطفيٰ ڊاڪٽر لاءِ هُن پنهنجو نهيل گهر تباهه ڪيو اهو هرجائي نڪتو. کيس غير عورت جي ٻانهن ۾ ڏسي عينيءَ جون وايون ٻتال ٿي وڃن ٿيون، ناول نگار لکي ٿي ته:

”اف! انسان ڪيڏو نه مطلب پرست ۽ خودپرست آهي، خوشين ۾ صرف پاڻ سان محبت ڪري ٿو ۽ جڏهن غم جي دونهاتيل شام ۾ وڪوڙجي وڃي ٿو تڏهن کيس غم جو صحرا نظر اچي ٿو. شايد تڏهن ئي محل ۾ رهندڙن کي جهوپڙي نظر نه ايندي آهي ۽ انڌيري ۾ ئي ديپ ٻارڻ جي ضرورت پوندي آهي.“ (ص_ 63)

عينيءَ جي خوشين ۾ ڏار پئجي وڃن ٿا، هوءَ بلڪل پڄي پُري ويندي آهي، کيس دنيا جي عيش عشرت پاتال جو ترو محسوس ٿيڻ لڳي ٿي، هوءَ موٽ کائي پنهنجي خالقِ حقيقيءَ ڏي مڙي ٿي.

اِتان ئي ناول جي موضوع جي مقصديت ظاهر ٿئي ٿي، شاهه جو رسالو پڙهندي عينيءَ کي شدت سان احساس ٿئي ٿو ته هوءَ مورک هئي جنهن پنهنجي پالڻهار جو در ڇڏي ڪوڙا دَرَجانچيا. دولت جي موهه کيس پنهنجي اصل کان پري ڪري ڇڏيو. شاهه جي ته هر سورميءَ ۾ خدا لڪيل هو ۽ شاهه جي لڪيل هر عشق ۾ حقيقي عشق موجود هو. رابعه بصري، منصور حلاج، عبدالقادر جيلاني ۽ ٻين صوفين جي مطالعي کيس الستي راز اربي ڇڏيا. مطالعي جو سبب اهو مجازي عشق جي چوٽ هئي، جنهن کان پوءِ هوءَ هڪ نئين دڳ تي هلڻ لڳي هئي. ۽ هاڻي هوءَ ان نتيجي تي پهتي هئي ته دولت کان وڌيڪ اهم انسان آهي ۽ انسان جي محبت کان وڌيڪ انسانيت جي محبت اُتم آهي ۽ اهو ئي ’عشق لامحدود‘ آهي. هوءَ انسانيت جي خدمت ۾ جنبي ويئي ڪائنات سان گڏ يتيم خاني جي سار سنڀال سان کيس سچو سڪون مليو هوءَ پنهنجي حياتي ’سوئيٽ هوم‘ جي ٻارن کي سهارو ڏيڻ ۾ گذارڻ لڳي، سندن پيرن تي بيهڻ کيس لامحدود خوشي ڏني.

جيئن ته ناول هڪ طويل صنف آهي، جنهن ۾ ناول نگار کي ناول جي سڀني جُزن تي توجهه ڏيڻي پوندي آهي، ڪردارن جي ڀرپور موجودگي جو احساس ڏيارڻ، ڪهاڻيءَ ۾ ربط قائم ڪرڻ، مڪالمن جي

اٽت فنڪاريءَ سان ڪرڻ، منظر نگاري، ٻوليءَ جي سهڻي استعمال ۽ ٻين فني ضرورتن جو خيال رکڻ ۽ خاص طور مقصديت جو خيال رکڻ، هڪ سٺي ناول لاءِ ضروري آهي .

زاهده تاج ابڙو هڪ ذهين قلمڪار آهي، اجائي ڊيگهه کان پاسو ڪندي هوءَ مقصدي طور جيڪو ادب تخليق ڪري ٿي ان ۾ سماجي اصلاح جو پهلو موجود آهي. هيءُ ناول پڻ نيڪ نيتيءَ جو پيغام آهي، جنهن ۾ هُن مادي ڊوڙ واري زندگيءَ ۾ پڙهندڙن کي روحانيت ڏي موڙيو آهي ۽ لامحدود عشق جو نظريو هلندڙ حالتن هيٺ سهڻائيءَ سان بيان ڪيو آهي. زاهده جو هيءُ پيار جو پورهيو انشاءَ الله ادبي تاريخ ۾ مقام ماڻيندو.

حصو پيو

(ادبي ۽ علمي مضمون)

# سنڌي عورت جي سماجي حيثيت جو مطالعو

قدرت هن دنيا جي واڌ ويجهه کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ انساني زندگيءَ جي شروعات مرد ۽ عورت جي تخليق سان ڪئي، جنهن سان اڳيان هلي نسل جي واڌاري سان سماجي گروهن جو بنياد پيو. ارتقا جي شروع دور ۾ عورت ۽ مرد بلڪل ساڳي حيثيت رکندا ۽ زندگيءَ جي ڪاروهنوار ۾ برابر جا شريڪ رهيا. پر اڳيان هلي هو مختلف سماجي طبقن ۾ ورهائجي ويا ۽ ان ريت دنيا جي سيني سماجن ۾ عورت ذات جي حيثيت مختلف وقتن ۾ الڳ الڳ نمونن جي رهي آهي. ڪڏهن ڪيس "ماءُ" ۽ "ديوي" جي روپ ۾ پوڄيو ويو ته ڪڏهن مٿس بي جا پابنديون مڙهي ظلم ڪيا ويا. مجموعي طور هوءَ مظلوم ئي رهي.

سنڌي سماج جي تهذيبي اوسر جي مطالعي مان پروڙ پوي ٿي ته موهن جي دڙي جي عورت جي حيثيت مثانهين درجي جي هئي. ماتا ديويءَ جي حيثيت طور سندس پوڄا ڪئي ويندي هئي ته ويدڪ دور ۾ پڻ عورتن جي گهڻي عزت ڪئي ويندي هئي. آهستي آهستي برهمڻ دور کان سندس عزت ۽ حيثيت تبديل ٿيندي ويئي. آرين مطابق پٽ نه ڄڻيندڙ ماءُ کي نياڳو تصور ڪيو ويندو هو. اڳيان هلي "ستيءَ" جي رسم رائج ٿي. اهو به رواج پيو ته عورت کي پنهنجي عصمت پروريءَ جي ساک لاءِ باهه مان گذرڻو پوندو هو. اهڙيءَ ريت اڳيان هلي سماجي رسمن، قانون ۽ مذهب کي پاڻ ۾ ڳنڍي طريقي سان جوڙي عورتن جو استحصال ڪيو ويو.

ڏٺو وڃي ته سنڌي عورت همت، جرئت، وفاداري، عقلمندي ۽ حب الوطنيءَ جي ڪرداري خوبين سان واڳيل آهي. ٻاگهل ٻائيءَ جي سياڻپ، سنگهار جي ڀيڻ تارا ٻائيءَ جو ڏهه سال حڪومت هلائڻ، همون ٻائيءَ جو درڪ جي قلعي جي حفاظت ڪندي شهيد ٿي وڃڻ، "ڪوبل" جو پنهنجي مڱيندي "ننگر" سومري کي موڙ ٻڌائي ڌرتيءَ لاءِ قربان ٿيڻ لاءِ موڪلڻ، مارئيءَ جو وقت جي بادشاهه سان مهاڏو اٽڪائڻ، مائي بختاور شهيد جو چوڌري محمد جي هارين سان مقابلو ڪري شهادت حاصل ڪرڻ، سنڌ جي اسپيڪر مائي ڄيٺي سپاهيملائي کان شهيد بينظير ڀٽو تائين سنڌي عورت باهمت، باسمجهه، باڪردار ۽ بااصول رهي آهي.

موجوده وقت سنڌ جون ڪيتريون نياڻيون علمي ۽ سماجي حيثيت جي بلنديءَ لاءِ ڪوششون ڪري رهيون آهن ته به سندن رستن ۾ ڪي رڪاوٽون ضرور آهن جن تي ڌيان ڏيڻ ضروري آهي. خاص طور اسان جي ملڪي آئين ۾ ڪين مليل ڪيترائي اهڙا حق آهن جن جي پوئواري نه ٿيڻ سبب عورتون عدم تحفظ جو شڪار آهن. جيئن ته ملڪ جي آباديءَ جو وڏو حصو عورتن تي مشتمل آهي جنهن ۾ ستر

سيڪڙو عورتون ڳوٺن ۾ محروميءَ واري حياتي گهاري رهيون آهن. شهر جي عورت ڏي ڏسنداسين ته اها پڻ وڏيءَ محنت سان علم ۽ رزق جي ڪوشش سان گڏ فرضن ۽ جوابدارين ۾ جڪڙيل آهي. هن مرداڻي سماج ۾ عورتن جي فرضن ۽ ذمه دارين جي فهرست ته ڊگهي آهي پر ڪيس مليل قانوني ۽ مذهبي حقن تي ڪنهن جي اک به نٿي پوي، هٺ ٺوڪين رسمن ۽ رواجن جي اوٽ ۾ عورت نظرانداز ٿي رهي آهي. جيئن مثال طور عورت کي پسند جي شاديءَ جو حق نه هئڻ، نڪاح نامي جي اختيارين ۽ حق مهر جو تحفظ نه هئڻ، مردن جي گهڻين شادين سان عورتن جي نفي ٿيڻ، ننڍيءَ عمر جي يا بي جوڙ شادي ٿيڻ، نياڻيءَ کي ڏاج ڏيئي وراثت ۾ حصو نه ڏيڻ، طلاق يافته يا بيوهه کي ڪمتر سمجهڻ، حق بخشرائڻ، ڪارو ڪاريءَ جو ظلم هئڻ، خون عيوض جي بدلي ۾ عورت ڏيڻ، علم جي حاصل ڪرڻ ۾ رڪاوٽون هجڻ، گهريلو ذهني، جسماني ۽ نفسياتي دٻاءُ هئڻ ۽ ٻيا انيڪ مثال آهن جن جي ڪري اج ايڪويهين صديءَ جي سنڌي عورت پڻ پنهنجي حقن لاءِ اڃان جاکوڙي رهي آهي.

اهو ضرور ٿيو آهي ته موجوده دور ميڊيا جو آهي جنهن وسيلي ڪجھ حد تائين ٿيندڙ ڪارن ظلمن کي پڌرو ڪيو پيو وڃي ۽ ماڻهن ۾ پڻ سجاڳي آئي آهي ڪجھ نه ڪجھ احتجاج پڻ ٿين ٿا، پر جيستائين عورتن تي ٿيندڙ ظلمن خلاف قانوني ڪاروائيون جلد نه اُڪلائيون وينديون ۽ مجرمن کي سزائون نه ڏنيون وينديون اسان جي ملڪ ۾ عورت جي حفاظت جا مسئلا حل نه ٿيندا.

تعليم هڪ ايڏي وڏي طاقت آهي جا ماڻهوءَ جي شعور جا در کولي پاڻ پرو ڪري ٿي اسان کي وڌ کان وڌ پنهنجي نياڻين ۽ ڀينرن کي علم ڏي موڙڻ گهرجي سنڌن جي لاءِ ان ۾ سهوليتون پيدا ڪرڻ گهرجن ته هو علمي ۽ عملي سجاڳيءَ سان هڪ مثبت تبديليءَ ڏي مڙن. ته جيئن سماج ۾ سنڌن حيثيت مظبوط ٿي بيهي.

# سنڌ محبت جي سرزمين آهي

**مُحبّت جي ميدانَ ۾، سِرَ جو گرِ مَ سانگُ،**
**سُوريءَ سپرينءَ جي، چَڙهُ تہ تيين چانگُ،**
**عشق آهي نانگُ، خَبَرَ ڪاڏنِ ڪي پوي،**

(17ـ6، يمن ڪلياڻ)

”سنڌ محبت جي سرزمين آهي“ جي موضوع جي وضاحت ڪان اڳ ضروري آهي تہ اهو ڏسون تہ محبت ڇا آهي؟ ۽ محبت جي دلي جذبي جي انساني حياتيءَ جي گذر ۾ ڪهڙي اهميت آهي؟ ڇا محبت ۾ اهڙي طاقت آهي جو اها بقا جي حيثيت ماڻي سگهي؟ اڃو تہ محبت ۽ نفرت جي تفاوت ڪي پرکيون ۽ اهو ڄاڻون تہ سنڌ جو خطو محبت جي مٽيا سان ڪيئن واڳيل آهي؟

**”محبت“** انساني ڪردار جي هڪ اعليٰ وصف ۽ **”خداشناسيءَ“** جو ذريعو آهي. رحم دلي، عفو و درگذر، سچائي ۽ اخلاص محبت جا ٿنيا آهن. جن سان ماڻهو باڪردار ٿي انسانيت جي تعمير ڪري ٿو ۽ انسانيت جي خدمت ئي خدا پاڪ جي عبادت آهي. هيءُ اهو فهم آهي، جنهن سان بنا روزن نمازن جي **”پرين پسڻ“** سهل آهي. حضرت عيسيٰ عليہ السلام موجب تہ: ”جڏهن تون پنهنجي انسان ڀاءُ ڪي پيار نٿو ڪرين، جنهن ڪي تو ڏٺو آهي تہ تون اڻ ڏٺي خدا ڪي ڪيئن ٿو پيار ڪري سگهين؟“

سهڻي سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي تہ ”دل ڏيئي دل وٺي آهي“، سو پيار مان ئي پيار پيدا ٿئي ٿو. ڏٺيءَ سڳوري بہ پنهنجيءَ عبادت ۾ ذڪر ڪي افضل ۽ پنهنجيءَ ياد ڪي مشروط ڄاڻايو آهي. قرآن پاڪ ۾ آيل آهي تہ:

**فَاذْكُرُونِي اَذْكُرْكُمْ** (سورة البقرہ: آيت 152، رڪوع 2)

**(ترجمو) پوءِ توهين مون ڪي ياد ڪريو تہ آءٌ اوهان ڪي ياد ڪريان.**

محبت جي آفاقي جذبي ڪان سواءِ معرفت ماڻڻ محال ۽ محبت ئي سيني دردن جي دوا ۽ وصال جو سچو وسيلو آهي تہ بقا جو پروانو پڻ. محبت ۽ نفرت جا ٻيئي جذبا هڪٻئي جو ضد آهن. محبت پاڪ روحاني ۽ لطيف احساس تہ نفرت دنيا پرستين جي غلاظتن جو ڪارو نقاب. محبت جي الهامي جذبي جي ابتدا تہ پوريءَ دنيا جي قائم ٿيڻ جو ثبوت آهي. انسان سان ڏٺيءَ سڳوري جي محبت ۽ ابليس جي آدم عليہ السلام سان بي انتها نفرت ڪل ڪائنات ڪي وجود ۾ آندو. حقيقت ۾ محبت جي بيمثال قوت جو انت نہ آهي ۽ محبتين جا ميڙا ئي ڪل عالم ۾ خوشبو پکيڙين ٿا.

**هَنج مڙوئي هَنج، ميرو منجهن ناه ڪو**
**جتي رهن سنجهہ، سو سَرُ ڳن سرهو.** (شاه ڪريم)

ازل کان ئي نبين، پيغمبرن، ولين مبلغن، رهبرن، رهنمائن، اديبن، شاعرن مطلب تہ هن ڌرتيءَ جي اڪابرن ماڻهن کي محبت ۽ پيار جا درس ڏيندي نفرت کي ڌڪار جوڳو ۽ محبت کي سونهن ۽ سچائي سڏيو آهي. جنهن کي پرکڻ، پروڙڻ ۽ پنهنجو ڪرڻ هر ڌرتي واسيءَ جي اهم ضرورت آهي.

Beauty is truth, truth beauty. That is all.

Ye, know on earth, and all Ye need to know.

دنيا جا سڀ فلاسفر، شاعر، اديب ۽ رهنما انهيءَ موقف جا آهن تہ جيون جو بنياد فقط ۽ فقط محب، سچ ۽ اخلاص جي سونهن تي مبني آهي. محبت جو سچو جذبو ئي آهي جو انساني حياتيءَ کي سنئين دڳ تي لائي ٿو. **سقراط، ارسطو افلاطون، پلئٽو والٽيئر، شيڪسپيئر، ٽالسٽاءِ، شيلي، ڪانٽ، ڪارل مارڪس، سرلزيس، لائوزي، ايزرا، ڪنفيوشس، گرجيف، جي ڪرشنا مورتي، ڪاليداس، گوتم ٻڌ، جلال الدين رومي، ابونصر فارابي، حافظ شيرازي، مولانا جامي، سعدي، خيام، ابن سينا، رازي، محمد بن يحييٰ، زڪريا، جنيد بغدادي، ذوالنون مصري، بايزيد بسطامي، داتا گنج بخش علي هجويري، سيد بختيار ڪاڪي، بابا فريد شڪر گنج، خواجہ معين الدين چشتي، (خواجہ غريب نواز)، خواجہ حسن بصري، بيبي رابعہ بصري، حسين بن منصور حلاج، محي الدين ابن العربي، نظام الدين اولياء، سليم چشتي، مجدد الف ثاني، شاهہ ولي الله، قلندر شهباز، قاضي قادن، مخدوم محمد زمان، شاهہ ڪريم، شاهہ لطف الله قادري، شاهہ عنايت شهيد، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست، ڀائي چين راءِ سامي، غالب، علامہ اقبال، شيخ اياز، تنوير عباسي، استاد بخاري** ۽ ٻين ڪيترن جي پيغام ۾ پيار جي پرچار آهي. مٿي ڄاڻايل هنن ڏاهن جي تعليم جا اثر سنڌ جي خطي تي پيا ۽ ڪافي شخصيتون تہ سڌوسنئون هن ڌرتيءَ سان واسطو رکندڙ آهن.

سنڌ جي سرزمين جي تاريخ هزارين سال پراڻي آهي. نئين ڪند جي هن اهم خطي جي جاگرافيائي پکيڙ صديون اڳ وسيع ايراضيءَ تي مشتمل هئي. موهن جو دڙو، هڙاپا، آمري، ڪوٽ ڏيجي، ڪاهوءَ جو دڙو ۽ ٻين قديم ماڳن جي کوٽائيءَ سنڌو ماٿر (Indus Valley) جي سڀيتا (Civilization) تي روشني وڌي آهي. جاگرافي دانن، تاريخ دانن، آڪيالاجيڪل ماهرن موجب هزارين ورهيہ پراڻي هن پرڳڻي جي تهذيب سڌريل رهي آهي ۽ سنڌ جا هر دور ۾ مختلف ٻولين ۽ تهذيبن سان لاڳاپا رهيا آهن. ڪيترين قومن جيئن آرين، يونانين، ايرانين، عربن، ارغونن، ترخانن، انگريزن ڪاهي اچي هتي قبضو ڪيو تہ موجوده وقت بہ ڪيترائي برمي، بنگالي، افغاني، سوڊاني، آفريڪي، پنجابي ۽ پناهہ گير هتي آباد ٿيا آهن. مطلب تہ ڪي پنهنجي ئي ڌرتيءَ تان ڌتڙيل (IDPS) آهن تہ ڪي هتي جي ڏيهہ ڌڻين جا تخت تاراج ڪري قبضو ڪري آيا آهن تہ بہ لالچ لوڀ کان پري صوفياڻي مزاج سنڌين کين هر دور ۽ هر وقت جيءَ ۾ جايون ڏنيون آهن. صوفين ۽ ولين جي هيءَ سرزمين ملتي نيشنل ماڻهن جو ماڳ هوندي بہ خاص طور سنڌي قوم ۽ سنڌو درياءَ جي حوالي سان سنڌ جي سرزمين سڏجي ٿي، جنهن جي فضائن ۾ سُونهن ۽ سرهاڻ آهي، جنهن جي شناخت لطيف جون وايون، ساميءَ جا سلوڪ ۽ سچل جا سڏ آهن. جنهن جي بقا سنڌوءَ جي امرت ڌارا آهي.

صدين کان مان ۽ شان سان قائم هن زمين جا رهواسي محبت/پيار جي عظيم طاقت سان مالامال آهن. پاڪستان جي هن صوبي واسين جو خمير محبت جي مٽيءَ مان ٺهيل آهي. سنڌن فطرت ۾ سادگي، نيڪ نيتي، مهمان نوازي، امن پسندي، رحم دلي، فرض شناسي، قرباني ۽ پيار جا جذبا موجود آهن. ماڻهپي وارين اهڙين سهڻين خاصيتن سبب مٿن قدرت بہ مهربان آهي.

هن ڌرتيءَ تي پيار جي ٻج جو ڇٽجڻ ۽ ان جي وڌڻ ۽ قائم رهڻ جا ڪافي سبب هوندي بہ چند اهم سبب جيڪي آهن، انهن ۾ سنڌ خطي جي زرخيزي، تهذيبي ۽ تمدني روايتون/روحانيت/مذهب ۽ ماڻهپي جون خوبيون آهن.

سنڌ سونهاري قدرتي نعمتن سان مالامال آهي. هنري، معدني ۽ زرعي طور نوازيل هن خطي جي وڌڻ ويجهڻ، سائي ۽ سرسبز ٿيڻ ۾ فطرت جو وڏو هٿ آهي. انيڪ قومون هتي اچي آباد ٿيون آهن ۽ ٿي رهيون آهن تہ بہ هن ڌرتيءَ جي بقا جو بندوبست رب پاڪ ڪندو اچي. قدرتي آفتن کان هن زمين جي ٽڪري ڪي صوفين ۽ نيڪ نيت واسين جي صدقي بچائيندو اچي. هن سرزمين ۾ سنڌ جي هزارين سالن جي تهذيبي ارتقا جون ڪڙيون، روحانيت جون روايتون ۽ تجربا موجود آهن. انيڪ ٻوليون ڳالهائيندڙ مختلف ثقافتي ۽ تهذيبي پس منظر رکندڙ قومون ۽ ماڻهو هتي اچي رهيا آهن تہ بہ سنڌي قوم ۽ سنڌي تهذيب ۽ ثقافت هن پرڳٽي جي سڃاڻپ رهي آهي. پيار ۽ عشق جي داستانن، تمثيلي قصن ۽ واقعن کي هن ڌرتيءَ تي هر دور ۾ هينئين سان هنڊايو ۽ ڳايو ويو آهي.

هتي جون تهذيبي ۽ تمدني روايتون ايتريون تہ مضبوط رهيون آهن، جو انهن عوام جي ذهنن ۽ دلين تي سڌو سنئون اثر قائم رکيو آهي. شاعرن، سگهڙن ۽ پانن طرفان بيان ڪيل عشق ۽ محبت جي لازوال داستانن، جيئن "سهڻي ميهار"، "سسئي پنهون"، "سورٺ راءِ ڏياچ"، "مومل راڻو"، "ليليٰ چنيسر"، "نوري ڄام تماچي" ۽ ٻين قصن هتي جي ماڻهن جي دلين تي اڻ مٽ نقش ڇڏيا آهن. "هٿين هٿ ڪڙول، پيرين زنجيرون" هوندي بہ باضمير مارئي سون تي سيڻ نٿي مٽائي سندس هڪ ئي صدا آهي تہ "**مُيائي جياس جي وڃي مڙهه ملير ڏي**". محبت، وفا، قرباني ۽ همت جهڙين وصفن کي ڳائي سنڌ جي صوفين ۽ شاعرن سنڌين جو هڪ محبتي مزاج ٺاهيو آهي. مٿين داستانن کانسواءِ ٻيا بہ ڪيترائي عشقيہ قصا عام جي زبانن تي رهيا آهن، جيڪي ڪچهرين محبتي ميڙاڪن، سماع جي محفلن جي سونهن هئڻ سان گڏ سنڌي علم و ادب جو اهم حصو آهن.

حقيقت ۾ ڪنهن بہ ملڪ/رياست جي ترقيءَ جو دارومدار مذهب ۽ تهذيب تي هوندو آهي، جن ٻنهي ۾ بہ تهذيب جو شمار ٻهرين درجي تي ٿئي ٿو. مذهب سان بہ ماڻهو واڳيل تڏهن ٿيندو، جڏهن منجهس مهذب هئڻ جون خاصيتون هونديون، يعني ٻيئي هڪ ٻئي لاءِ لازم ملزوم آهن. جن جي وڌڻ ويجهڻ ۽ صحيح عمل ۾ اچڻ لاءِ "روحانيت" جي خاص اهميت آهي. روحانيت ئي ماڻهوءَ کي ڳنڍڻ ۽ جُڙڻ سيکاري ٿي. ماڻهوءَ جا احساس ۽ جذبا عملي روين ۾ ظاهر ٿين ٿا. جيڪڏهن سندس سرير ڳنڍڻ ۽ جوڙڻ نٿو سکي تہ هو "**لوامه**" قوتن جي حوالي ٿي "**فوق البشر**" جي بجاءِ هڪ عام انسان ٿي وڃي ٿو.

روحانيت ماڻهنجي اندر ۾ محبت جي جذبي جو ٻج ڇٽي ٿي. محبت جو تعلق دماغ جي بجاءِ دل سان آهي ۽ دلي جذبو/روحاني قوت کي وڌائڻ ۾ ڪارگر هوندو آهي. انصاف، سچ، فلاسافي، ڏاهپ، گيان ۽ پيار جهڙين قوتن ۾ ئي روحانيت جو بنياد پوشيده آهي، جيڪڏهن اسين هن سرزمين جو جياپو محبت، سڪون ۽ امن وارو چاهيون ٿا ته اسان کي مذهب ۽ تهذيب جي واڌاري لاءِ روحانيت کي وڌائڻو پوندو. جيڪو هن مشيني دور ۾ ناممڪن نه ته مشڪل ضرور آهي.

جڏهن انسان، انسانيت جي ڀلي ۽ هن ڌرتيءَ جي سک ۽ امن لاءِ ابو بن ادهم جيان **”پرينءَ جي پيارن کي پيار ڪري سندن خدمت ڪندو“** تڏهن ئي سندس دل صحيح معنيٰ ۾ روحانيت ڏانهن مائل ٿيندي. ديني عبادتن سان ته فقط ايمان اجري ٿو پر ماڻهوءَ جو من اجري اوجل تڏهن ٿئي ٿو جڏهن هو بي غرض ٿي ٻين جي خدمت ڪري. حديث پاڪ ۾ آهي ته:

**خَيْرُالنَّاسِ مَن يَّنْفَعُ النَّاسَ**

**(ترجمو) توهان مان چڱو ماڻهو اهو آهي، جيڪو ٻين لاءِ ڀلائيءَ وارو هجي.**

مطلب ته فاني انسان جي بقا فقط انسانيت جي بچاءُ ۾ آهي. جيڪا هو پيار ۽ محبت جي پکيڙڻ سان حاصل ڪري سگهي ٿو. ڪيس هن سنسار جي سونهن ۽ جتاءَ تي سوچڻ گهرجي جَرَ تي ڦوٽو جيئن جهڙي جيون کي دائمي بنائڻ لاءِ بقا ۽ فنا جي فلسفي تي جڏهن غور ڪبو ته پوءِ من از خود نيڪ ۽ مثبت لاڙن ڏانهن مڙندو ۽ پوءِ ئي روحانيت جي سڪيا عمل ۾ ايندي.

سنڌ جي صوفين، ولين، روحاني رهبرن هتي جي تهذيب ۽ تمدن ۾ قوم جي اجتماعي وجود جي بچاءُ جو پيغام روحانيت وسيلي قائم ڪيو آهي. هن ڌرتيءَ تي ڌارين جي ڪاهن، خونريزين ۽ رتوڇاڻن جي باوجود به هنن عام ماڻهن جا اعتماد بحال ڪيا. ڪين فرقيواريت ۽ انتهاپسنديءَ جي لاڙن کان بچايو آهي. محبت، مروت ۽ خلوص جي جذبن سان ڪين مالامال ڪري پنهنجين انفرادي ڪوششن سان هن سرزمين جي اجتماعيت کي سنئين دڳ تي لاتو آهي.

**وَڳر ڪيو وَتَنِ، پرت نه ڇنِن پانَ ۾،**
**پَسو پکيئڙن، ماڻهنئان ميٺ گهڻُو.** (5-4، سُر ڏهر)

تهذيبن جي ترقيءَ، تعمير ۽ مستقل روشن ۽ پائنده رهڻ جو هڪ اهم وسيلو ٻڌيءَ سان گڏ پيار جي ڏيڻ ۽ وٺڻ ۾ آهي. ڪيترين ئي انساني تهذيبون تاريخ جي تختيءَ تان ميسارجي ويون، سي فقط وحشياڻن عملن، بداخلاقين ۽ نفرتن جي پرچار ڪري، انساني تهذيب جي تاريخ ۾ ڪڏهن به اهڙين قومن کي چڱن لفظن ۾ ياد نه ڪيو ويندو آهي ۽ نه ئي انهن جي اڳواڻن ۽ انسانيت جي قاتلن کي قارون، نمرود، فرعون، هٽلر، هلاڪو چنگيز خان، يزيد ۽ ٻيا انهن جهڙا ڀلي اقتداري رهيا ۽ وقتي سک ماڻيائون پر هميشه جي ڦٽڪار ۽ ڌڪار سندن مقدر رهي آهي.

**جي ظلم ڪري ظالم، وقتي ڪٿي ٿو**
**سدا مينهن نفرت جو ان تي وسي ٿو**
**جي مظلوم اصولن تي ڪٿجي مري ٿو**
**سدا مينهن محبت جو اُن تي وسي ٿو.** (استاد بخاري)

روحانيت جي وڌڻ ويجهڻ ۾ مذهب پنهنجو ڪردار ڪيئن ادا ڪري ٿو؟ انهيءَ لاءِ اسين اهو چئي سگهون ٿا تہ دنيا جي سڀني الهامي ڪتابن جو مول متو مفتي منجهہ ويهاري، من جو محاسبو ڪرڻ، روحانيت جي حاصلات، دنيا جي وهنوار ۾ سچائي ۽ سنائيءَ جي پرچار ۽ پيار ونڊڻ ۾ آهي. انهيءَ تي جن دل سان عمل ڪيو، سي (Legend) مهان ماڻهو ناممڪن کي ممڪن بنائي تڙپندڙ انسانيت جي خدمت ڪري امر ٿي ويا. وٽن پيار، سچائي، سونهن، قرباني، اخلاص ۽ انصاف مٿانهون رهيو تہ ظلم، بيدردي، بي رحمي، بڇڙائي ۽ برائي نفرت جوڳي رهي.

تاريخ شاهد آهي تہ دنيا جا سڀ مذهب محبتن، نيڪين ۽ اخلاقي قدرن جي پرچار ڪندڙ رهيا آهن. بيشڪ اهي سڀ مذهب ماڻهن کي الڳ الڳ فرقن ۾ تہ ورهائين ٿا، پر سڀني مذهبن جون فلاسافيون ڳنڍڻ ۽ جوڙڻ سيکارين ٿيون. ڪنهن بہ مذهب ۾ نفرت جي سکيا شامل ڪونهي، بلڪ انهن ۾ عبادت، يقين جي قوت، گيان، محنت ۽ محبت کي افضل ڄاڻايو ويو آهي، جيڪي پلائيءَ ڏانهن راغب ڪن ٿا. دنيا جي مذهبي ڪتابن جيئن: **"قرآن پاڪ"**، **"توريت"**، **"انجيل"**، **"زبور"**، **"ويد"**، **"پراڻ"**، **"اپنشد"**، **"رامائڻ"**، **"مهاڀارت"**، **"گيتا"**، **"دمپد"**، **"ڪلپ سوتر"**، **"ٽين ڪمانڊمينٽ"**، **"گروگرنٿ"**، **"تائو يہ چنگ"**، **زيند اويستا"**، **"بوڪ آف اسپرنگ"** ۽ **"آتم"** وغيره جو هڪ ئي مقصد آهي دان، ديا، عبادت، اندر جي سچائي، صفائي ۽ پيار ونڊڻ. اسين پالڻهار کي "رب پاڪ" چئون يا "گاڊ" (God) يا "ايشور" چئونس، هو سڀني جي سڏ تي پهچي ٿو فقط دل جو سچو پچو تعلق ڪپي.

ڌرمي طور سنڌ خطي جي قديم تاريخ ۾ ويدن، مهاڀارت، رامائن ۽ اپنشدون هتان جي ماڻهن کي پئي متاثر ڪيو آهي. ڪرشن ڀڳتي، رام ڀڳتي، ناٿ پنٿني ۽ نرگن واد هندي ادب ۽ شاعريءَ جون تحريڪون رهيون آهن ۽ عرب دور يعني اسلام اچڻ کان پوءِ هن خطي ۾ سماع ۽ ذڪر جا سلسلا شروع ٿيا، جن جو سنڌ جي عوام تي تمام گهڻو اثر ٿيو. سنڌ جي پکيڙ وسيع هئڻ سبب سنڌ جا ذاڪر ۽ قوال ملتان ۽ لاهور تائين پهتا، جو شيخ فريد شڪر گنج ۽ غوث بهاءُالدين جي دوهن ۾ سنڌي لفظ موجود آهن ۽ خواجہ فريد جو گهڻو ڪلام سنڌي نما پراڻي پنجابيءَ ۾ آهي. سنڌ جي اساسي شاعر قاضي قادن جي پاڻيجي ميان مير سنڌيءَ جو مقبرو لاهور ۾ آهي، جتي اڄان تائين ميلو لڳندو آهي. برِصغير جي ڪيترن مسلمان شاعرن هنديءَ ۾ شاعري ڪئي. جيئن بابا رحمان، ملڪ محمد جائسي، امير خسرو ۽ ٻيا. ڀڳت ڪبير، گرو نانڪ، دادو ديال، تلسي داس، ڪالوءِ ٻين جا دوها سنڌ واسين ۾ عام مقبول هئا. مطلب تہ سنڌ ڌرتيءَ تي مختلف ماڻهن، ٻولين ۽ مذهبن جا اثر قائم ٿيا، جن جو وڏو وسيلو اهي رهبر، رهنما صوفي ۽

درويش بزرگ هئا، جن جي ڪلام ۾ پيار جا پيغام هئا. وٽن مذهبن جا ويڇا، نفرتون ۽ تفرقا نه هئا. هنن مذهبن کي فائدي لاءِ استعمال ڪرڻ کان روڪيو. انهن روحاني ۽ مذهبي رهبرن جو مسلڪ ظاهري مذهبي رسمن ۽ مذهبي پيشوائن جي هٺ ڌرميءَ کان هٽي ڪري اصلي طور **"پرين پسڻ"** جي منزل هو. وٽن مذهبي، اخلاقي قدرن ۾ منافقي ممنوع ۽ رياڪاري حرام هئي. پيار ۽ خلوص جي چاشنيءَ سان **"جز ڄڃايو جوڳئين ڳُل سين آهين ڪم"** جي مصداق هو پوريءَ ڪائنات جي ڀلي جا حامي هئا. سندن پيغام **"سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سُڪار"** سان گڏ **"عالم سڀ آباد ڪرين"** آهي.

هن سرزمين جي جياپي لاءِ جن ولين ۽ صوفين پاڻ پتوڙيو انهن ۾ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو نالو وڏي فخر ۽ شان سان ورتو ويندو آهي. جيئن لکن ٿا.

**"شاهه جو رسالو"** دنيا جي سڀني مذهبن جي تعليم جو عڪس آهي. هن پيغام تي نه ڪڏهن هندوئن کي اعتراض ٿيو نه ڪڏهن مسلمانن کي، نه شيعن آواز اٿاريو نه سُني ڪُڇيا، نه سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ کي هن ڪلام ۾ ڪو نقص نظر آيو نه ئي غير سنڌين اج تائين هن رسالي تي ڪا تنقيد ڪئي آهي. مطلب ته جڏهن جڏهن، جنهن جنهن ٻوليءَ ۾ به هن شاعريءَ کي پڙهيو ۽ پرکيو ويو آهي ته پوريءَ ڪائنات جي لاءِ پيار جو پيام ئي ظاهر ٿيو آهي.

**"جي تو بيت ڀانيان، سي آيتون آهين"** جي دعويٰ ڪندي هن اعليٰ پايي جي بزرگ سنڌ واسين کي "اهل ڪتاب" هئڻ جي شرف سان نوازيو آهي. هو فقط شاعر نه هو بلڪ سنڌ ڌرتيءَ جو رهبر، رهنما ۽ وڏي ۾ وڏو **سماج سڌارڪ** هو جنهن سنڌي سماج کي **"مهذب ۽ ترقي يافته سماج"** بنجڻ جا طريقا ڏسيا آهن. هن چاهيو ٿي ته، **هتي جا ماڻهو آزادين جي نعمتن سان نوازيل هجن. هتي خوشحاليون ۽ خودمختياريون ڳَرَ ڪٽي اچن، هتي جو هر شخص مقصدي واٽ ڏانهن ڪاهيندڙ ۽ همٿائيندڙ هجي، ته هتي محبتون ۽ محنتون مرادون ماڻين. هيءُ اهڙو سماج هجي، جتي هاريءَ جي هر ڪيڙڻ ۽ شاعر جي شاعريءَ ۾ فرق نه هجي، جتي حجم، هاري، لوهار، ڪڙمي، ڪاسبي ۽ ڪنڀار جي عزت مٿانهين هجي، تڏهن ئي ته هُن سنڌ جي عام طبقي جي معرفت محبت جا درس ڏنا.**

**ڳڙو منجهه ڪڙي، جيئن لوهار لپيٽيو.**
**منهنجو جيءُ جڙي، سپريان سوگهو ڪيو.**
(5_2، برو سنڌي)

**هلو ته هلون ڪورئين، نازڪ جن جو نينهن،**
**ڳنڍين سارو ڏينهن، ڇنڻ مُور نه سکيا.**

محبت جي عظمت نهائينءَ جي معرفت سمجهائيندي شاهه صاحب چون ٿا ته:

**نينهن نهائينءَ کان سک منهنجا سپرين،**
**سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نه نڪري.**

خوديءَ کي راهه مان هٽائيندي، نياز نوڙت ۽ نينهن وڏائڻ جا سبق ڏنائون ته محبت ۾ فنا کي **”حياتِ جاودان“** سڏيائون. **”پاڻ ۾ ڪٽج پاڻسين وسيلا سڀ وسار“**، **”هيڪر هئڻ ڇڏ ته اوڏي ٿيئين عجيب کي“**، **”مون سين مون پرين پورائيءَ ۾ پال ڪيا“**، **”پيڪين سوڏو پاڻ، گهر تڙ گهوريان پرِ تان“**، **”سوري آهه سينگار اصل عاشقن جو“**، **”ڏوريندن ڪان ڏور پرين پرانهون نه ٿيئي“** ئي سندن پيغام آهي. مذهبن ۽ مسلڪن تان ٿيندڙ فسادن کي هتي هفت زبان شاعر هن ريت ٻنجو ڏنو.

**مذهبن ملڪن ۾ ماڻهو مُنجهايا،**
**شيخي، پيريءَ، مريديءَ بيحد ڀُلايا،**
**ڪي نوڙي نمازون پڙهن، ڪن مندر وسايا،**
**اوڏو ڪين آيا، عشق وارا عمل کي.**

(سچل سرمست)

ظاهري مذهبن جي پرچار جي بجاءِ هنن روحاني طور ماڻهن جون دليون ڪٽي ڪين مضبوط ڪيو. سماع ۽ ذڪر جي سلسلن ذريعي معرفت ۽ محبت جا سنيها عام ڪيا. شاهه ڪريم ۽ شاهه ڀٽائيءَ ته سماع کي حياتيءَ جو لازمي جز قرار ڏنو انهن سيني جي تعليم جا اثر اڄ به قائم آهن.

سنڌ جي ماڻهن ۾ محبت جي موجودگيءَ جو وڏو سبب ”ماڻهپي“ جي وصف جو هئڻ آهي. نيڪ اخلاقي وصفن جو مجموعو، جنهن ۾ پيار جي وصف سرِفهرست آهي، سو ئي **”ماڻهپو“** آهي. انسانن سان پريل هن دنيا ۾ ماڻهپي جي خوبي هر انسان ۾ موجود ناهي هوندي. انسان سڀ برابر آهن، پر ماڻهو سڀ برابر نه هوندا آهن. ماڻهپي جون کي خاصيتون آهن، جيڪي هڪ انسان کي ٻئي کان اعلیٰ بنائين ٿيون. شاهه سائينءَ جي ئي لفظن ۾ ته:

**ماڻهو سڀ نه سهڻا، پکي سڀ نه هنج،**
**ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه، اچي بوءِ بهار جي.**

بهار جي ٿڌيءَ هير جهڙن ماڻهن جي ڪري مذهبي، لساني، علائقائي، نفرتون متجي محبتن ۾ تبديل ٿين ٿيون. دليون ڪٽڻ واري عظيم ماڻهپي جي قوت سان رنجشون، ڏک، ڏوراپا گهٽجي ڏورانهيون ڏور ٿين ٿيون. اهڙن **ڪاڪ ڪڪوريل ڪاپڙين** سان ئي هن سرزمين تي سوجهرو آهي، بلڪ تنوير عباسيءَ جن ته اجان به به قدم اڳتي وڌي پر اميد هوندي اهو چئي ويا آهن ته:

**هر ڪو ماڻهو موتيءَ داڻو**
**هر ڪا دل هيرن جي کاڻ،**
**ڇاڻي ڏس ته سهي اڻ ڇاڻ،**
**هر ڪا دل درياهه**
**ٿو جنهن ۾ ڇوليون ماري پيار**
**هر ڪو سينو سمنڊ،**

## تري ۾ جنهن جي ڪئي اسرار.

حاصل مطلب ته اسين بلڪل يقين سان چئي سگهون ٿا ته صوفين ۽ نيڪ نيتن جي هيءَ سرزمين پيار، امن ۽ سڪون جي سرزمين آهي، جنهن ۾ مختلف وقتن ۾ افراتفري ۽ بدامني بيشڪ رهيا به آهن، پر انهيءَ جو مقصد اهو هرگز ڪونهي ته سنڌ جو مستقبل تاريڪ آهي. اهڙي سوچ، مايوسي، نااميدي ۽ بي همٿيءَ جي علامت آهي. هن ڌرتيءَ تي قدرت جي مهر آهي. **اڄ به اهڙا املهه ماڻڪ موجود آهن، جي هن سرزمين کي سرڳ سمان بنائڻ جا جتن ڪري رهيا آهن. جيڪي مفلسين ۽ جهالتن جون پاڙون پٽڻ لاءِ ڪوشان آهن. تتيءَ ٿڌيءَ ويهڻ عبث ٿا ڄاڻن. اعلیٰ مقصدن لاءِ جيون کي انمول ڪرڻ جو امر راز ڄاڻن ٿا. اهڙن سڄاڻن جي ئي ڪري هيءَ خطو صدين کان پيار ۽ امن جو هندورو آهي.**

**اچو ته گڏجي عهد ڪريون ته نفرتن جي پاڙ پٽي، محبتن جا ميڙا مچايون، علم، ادب ۽ تهذيبي وسيلن وسيلي لطيف جي ڌرتيءَ جي ايندڙ نسل کي محبت ۽ محنت جي سوجهري سان منور ڪريون. ناحق کان نفرت ڏياري، پنهنجي حقن جي حفاظت ڪري، امن ۽ پيار جا گل وکيريون.**

(هن مضمون تي مون کي ڪينيڊين ايسوسيئيشن ۽ جَسِ جي اشتراڪ سان ٿيل پروگرام ۾ مضمون نويسيءَ جي مقابلي تي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ۾ ايوارڊ ڏنو ويو)

# سنڌي ٻولي ۽ ادب جي ترقيءَ جي راهه ۾ رڪاوٽون
## (ڇپائيءَ جي ادارن جي ڪوٽ ۽ ادبي ڪتابن جي مقدار جو جائزو)

ٻولي انساني اظهار جو اهم ذريعو آهي، تہ ذهني ۽ علمي شعور پڻ. ٻوليءَ جي ئي وسيلي انسان پنهنجي خيالن جو اظهار زباني ۽ تحريري طور ڪري ٿو. ڪنهن بہ سماج جي مهذب هئڻ جي تصوير ان سماج ۾ ڪتب ايندڙ ٻولين جي ادب ۾ ڏسي سگهجي ٿي ۽ تحقيق اهو ادب ئي آهي جنهن جي تخليق سان نہ فقط سماج ۾ هاڪاري تبديلي اچي ٿي پر خود انهيءَ ٻولي جي واڌ ويجهہ تي پڻ حيرت انگيز اثر ٿين ٿا. مطلب تہ ٻوليءَ ۽ ادب جو پاڻ ۾ گهاٽو سٻنڌ آهي. انهيءَ ڪري هن مقالي جي موضوع کي اڳتي وڌائڻ کان اڳ ضروري آهي تہ ٻوليءَ ۽ ادب جي گڏيل تعلق تي ڪجهہ مختصر روشني وجهجي تہ جيئن موضوع جي وضاحت آسان طريقي سان ٿي سگهي. ڊاڪٽر فهميده حسين ٻولي ۽ ادب جي لاڳاپي تي لکي ٿي تہ.

”لکڻ جي فن سان ٻوليءَ جو تمام گهاٽو لاڳاپو آهي. ڇاڪاڻ تہ ٻولي ان جو وسيلو آهي، خاص ڪري سهڻا سهڻا لفظ جنهن سان ذات ڏٺي هڪ سگهارو فارم يا گهاڙيٽو اختيار ڪري ٿو جيڪو ماڻهوءَ جي جذبن ۽ سوچن تي اثرانداز ٿي منجهس انسان جي تخليقي صلاحيت تي حيرت، فخر ۽ خوشيءَ جا جذبا اڀاري ٿو“. (1)

مٿئين حوالي مطابق اها چٽائي ٿيئي ٿي تہ هر عام ڳالهايل ٻولي ادب جي اظهار جو ذريعو نہ آهي. بلڪ سهڻن لفظن واري ادبي ٻولي ادب جي اظهار جو ذريعو آهي ۽ عام ۽ ادبي ٻوليءَ ۾ واضح فرق هجي ٿو. ادبي ٻولي هنڌائتن حسين لفظن، اصطلاحن، پهاڪن، چوڻين، گفتارن، تشبيهن، اصطلاحن، استعارن ۽ ٻين انيڪ خوبين سان سينگاريل هجي ٿي. جنهن ۾ اثرانگيزيءَ جي قوت خاص حيثيت رکي ٿي. ادبي ٻولي ۽ ادب جو دائرو هڪٻئي سان مضبوط جڙيل آهي. جيئن ڊاڪٽر عرساڻي انهيءَ ڳانڍاپي تي لکي ٿو تہ: ”ٻولي ۽ ادب ٻئي پنهنجي پنهنجي دائرهِ عمل ۾ هڪٻئي تي اثر انداز ٿين ٿا“. (2)

ادب ۽ ٻوليءَ جي انهيءَ ٻوليءَ جي گڏيل عمل (Interaction of language & literature) معرفت ڪيترائي اثرانگيز ۽ اٿملهہ فن پارا انساني حياتين کي سنئين دڳ تي لائي ويا.

ٻولي ۽ ادب جي ترقيءَ جي ذريعن ۾ اهم ذريعو ڪتابي علم آهي، دنيا جي اها قوم ترقي يافتہ شمار نٿي ٿي سگهي جا پنهنجي ٻوليءَ جي علمي ۽ ادبي خزاني کان وانجهيل هجي. جنهن ٻوليءَ ۾ وڏي مقدار ۾ علمي ۽ ادبي ڪتاب نہ آهن، سا سگهي ۽ سچي ٻولي آهي ۽ اهڙو سماج ڪڏهن بہ ترقي ڪري نہ سگهندو جنهن جي ترجماني انهيءَ سماج جي سڄاڻن، سمجهوڻن، عالمن، اديبن ۽ شاعرن معرفت نہ ٿيندي هجي. انهيءَ ترجمانيءَ جو وڏو وسيلو ڇپيل ڪتابن جي موجودگي آهي ۽ اهوئي ادب يا لٽريچر يا ساهتيہ آهي، جيڪو نثر ۽ نظم جي ٻن اهم شاخن ۾ ورهايل آهي.

سنڌي ٻولي هڪ علمي ۽ ادبي ٻولي آهي، جنهن جي نظم واري حصي ۾ ڳاهه، ڳيچ، بيت، وايون، ڪافيون، غزل، دوها، قطعا، ٽه سٽا، چوسٽا، ترائيل، سانيٽ، منظوم ناٽڪ ۽ ٻيو نظمي مواد شامل آهي ته نثر جي پاڱي ۾ ڏند ڪٿائون، داستان، آکاڻيون، قصا، ڪهاڻيون، ناول، ناٽڪ، مضمون، مقالا، سوانح عمريون، آتم ڪهاڻيون، خاڪا، سفرناما، انٽرويو، تقريرون، ساروڻيون، مقدما، مهاڳ، خط، ڊائريون، لوڪ ادب، تنقيد، تحقيق، لطيفيات ۽ ٻيو نثري مواد شامل آهي. ادب جو اهو مٿيون شعوري خزانو اسان وٽ ڪتابن جي صورت ۾ محفوظ ٿيو آهي. اڄ جيڪڏهن نثر ۽ نظم جي انهن صنفن ۾ ڇپيل ڪتاب اسان وٽ موجود نه هجن ها ته يقيناً ٻولي ۽ ادب جي ارتقائي صورتحال هن ريت نه هجي ها جهڙيءَ ريت هلندڙ وقت ۾ موجود آهي. اسان جيڪو پنهنجي ماضيءَ جي تخليقي ادبي ورثي تي خوش ۽ مطمئن آهيون يا انهيءَ ورثي تي فخر سان ڪنڌ ڪڍي هلي پيا سگهون ۽ اڄ ٻوليءَ ۽ ادب جي مسقبل تي سوچ ويچار ڪرڻ جي قابل ٿيا آهيون انهيءَ جو سبب صرف انهيءَ شاندار ادبي سرمايي جي موجودگي آهي، جنهن جي حفاظت ۽ وڌائڻ ويجهائڻ ۾ سڄاڻن، عالمن، محققن، اديبن، شاعرن، استادن ۽ شاگردن سان گڏ انهن ٻوليءَ ۽ ادب سان چاهه رکندڙ پڙهندڙن جو وڏو حصو آهي. جيڪي انهيءَ کي جيئارڻ لاءِ جتن ڪندڙ ۽ ڪتب خانا قائم ڪندڙ آهن. ڪتابي دنيا جي هن مڪمل نيٽ ورڪ ۾ ڇپائيءَ جي ادارن، ڪتابن ڇپائيندڙن ۽ عام تائين وڪرو ڪري پهچائيندڙن جو جيڪو هٿ آهي، اهو ادب ۽ ٻوليءَ جي واڌاري ۾ تمام اهميت جوڳو آهي. مطلب ته اهي ڇاپخانا، پبلشرز، پرنٽرز ۽ ڊسٽريبيوٽرز ئي آهن، جن جي ڪري ليکڪن جون تخليقي قوتون ڪتابي صورت وٺي عام تائين پهچي مجتا ۽ مان ماڻين ٿيون.

ڇپائيءَ جا ادارا سنڌ ۾ ڪڏهن قائم ٿيا؟ عام جام ڪتاب ڪهڙي وقت کان ڇپجڻ شروع ٿيا؟ هيستائين جي ڇپيل ڪتابن جو مقدار ۽ معيار ڪهڙو رهيو آهي؟ ڇا هلندڙ وقت ۾ ادبي ڪتابن جي ڳاڻيٽي ۽ معيار کان مطمئن ٿي اهو چئي سگهجي ٿو ته سنڌي ادب ترقيءَ ڏي روان آهي، يا تحقيق کي رڪاوٽون موجود آهن؟ انهن سوالن سان گڏ ٻيا ڪيترا سوال آهن، جن جي تفصيلي جوابن جي گهرج اهم آهي. مٿي ڏنل تمهيد جو حاصل مطلب اهو آهي ته تخليقي ادب جي تيز رفتار اشاعت ادب ۽ ٻوليءَ جي ڪاميابيءَ ۽ واڌاري جي ضمانت آهي هاڻي اچو ته ماضيءَ جي حوالي سان موجوده وقت جي ڇپيل تخليقي ادب جي ماپن جو جائزو وٺون جنهن کي 1947ع کان اڳ ۽ پوءِ جي ٻن دورن ۾ ورهايو اٿم منظوم ديني ادب ۽ آخوند عزيزالله جي قرآن پاڪ جي نثري ترجمي ۽ ڪجهه ٻئي نثري مواد کان پوءِ سنڌي ادب جي ڪتابن جو باقاعده ڇپجڻ انگريز دور کان شروع ٿيو. جڏهن کان ڇاپخانا قائم ٿيا نه ته انهيءَ کان اڳ جا ڪتاب دستخط ڪتابن جي صورت ۾ هئا. خانبهادر صديق ميمڻ موجب ته:

”سنڌي ادب جي نظم واري دور کان پوءِ هي نئون دور وري نثر کان شروع ٿيو جنهن جي پٺيان نظم جا نوان نوان ڪتاب به شايع ٿيندا رهيا. انگريز سرڪار جي حڪومت شروع ٿيڻ سان سنڌ جو لاڳاپو بمبئي سان ٿيو جنهن ڪري پهرئين دور وارو لٽريچر جو ٽي سئو کن ورهيه رڳو دستخط ڪتابن جي صورت ۾ پيو هلندو هو، سو بمبئيءَ ۾ ليٿوگراف ڇاپخانن جي جاري ٿيڻ ڪري ڇاپجڻ ۽ سنڌ ۾ عام جام

نيڪال ٿيڻ لڳو هڪڙي پاسي سرڪار طرفان اهل قلم جي همت افزائي جون قيمتي ڪوشِشون ٿيون ۽ ٻئي پاسي علم دوستن ڪي پاڻئون تصينفات جو دلي شوق جاڳيو تنهن ڪري نوان نوان سنڌي ڪتاب لکجڻ ۽ ترجمو ٿيڻ شروع ٿا". (3)

اهڙيءَ ريت انگريز حڪومت طرفان ڇاپخانن جو قائم ٿيڻ, سنڌي ٻوليءَ لاءِ هڪ مقرر رسم الخط مقرر ڪرڻ مادري زبان ۾ تعليم ڏيڻ, سرڪاري ادارن ۾ سنڌي ٻوليءَ کي مقرر ڪرڻ, تعليم کاتو قائم ڪرڻ, درسي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ لکائڻ, مترجمن ۽ اديبن کي انعام ۽ اڪرام ۽ اعزاز ڏيڻ, لغتون ۽ گرامر جا ڪتاب تيار ڪرائڻ, اخبارون ۽ رسالا جاري ڪرائڻ ۽ خاص طور علمي ۽ ادبي ڪتابن جي ڇپرائڻ تي ڏيان ڏرڻ سندن اهم ڪارناما هئا. 1852ع ۾ سنڌي صوتخطيءَ جي مقرر ٿيڻ کان پوءِ 1853ع کان 1875ع تائين 22 سالن جي عرصي ۾ ڪل 66 ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي نثر ۽ نظم ۾ شايع ٿيا. بيشڪ انهن ڪتابن ۾ درسي ڪتابن جو انگ وڌيڪ هو ته به آکاڻين قصن, داستانن ۽ تاريخ جي ڪتابن سان گڏ ناول "راسيلاس" (مترجم نولراءِ آڏواڻي, اڌارام ٿانورداس مير چنداڻي) سان ناول نگاريءَ جي صنف جو بنياد پيو ۽ "شاھ جو رسالو" پهريون دفعو ڊاڪٽر ٽرمپ 1866ع ۾ جرمنيءَ جي شهر لپزگ مان ليٿوپريس مان ڇپرايو. اهڙيءَ ريت ڪجھ ڪتاب ٻاهران ڇپيا پر پوءِ گهٽي ڀاڳي هتان جي ڇاپخانن ۾ ڇپجڻ لڳا.

پهريون ليٿو گراف پريس مرزا مخلص علي قائم ڪيو. سرڪاري طور پهريون ڇاپخانو 1866ع ۾ تعليم کاتي طرفان قائم ٿيو ۽ انهيءَ کان پوءِ آهستي آهستي گڏيل هندوستان ۾ ڪيترائي ڇپائيءَ جا ادارا قائم ٿي ويا. جن اخبارن جي ڇپائيءَ سان گڏ وڏي مقدار ۾ نثر ۽ نظم جا ڪتاب شايع ڪيا. شاھ عبدالڪريم, قاضي قاضن, شاھ عبداللطيف ڀٽائي, سچل سرمست, سامي ۽ ٻين ڪيترن شاعرن جي ڪلاسيڪل شاعريءَ جو مواد شايع ٿي عام تائين پهتو ۽ نثر ۾ به نيون صنفون متعارف ٿيون, جنهن ۾ افساني, آتم ڪهاڻي ۽ سفرنامي جي شروعات ٿي ته ٻاراڻي ادب, لطيفيات, تنقيد ۽ تحقيق ۾ معياري پر مناسب مقدار ۾ ڪم ٿيو. سوانح, مضمون ۽ ناول عروج ماڻيو. هن دور جا گهڻا تڻا ناول نگار هندو هئا ۽ سندن ذاتي ڇاپخانن سبب ناول جي صنف وڏي ترقي ڪئي. سون جي ٻڪاٽيتي ۾ ترجما ڇپيا ۽ اصلوڪا ناول ڇپيا. جيئن "زينت" (مرزا قليچ بيگ), "نور توحيد", "سسي نيزي پاند" (محمد عثمان ڏيپلائي), (ڏيپلائي صاحب سنڌي ناول نويسيءَ جو سرواڻ ناول نگار سڏجي ٿو هن ڪل منو سئو ناول لکيا جن ۾ گهڻا اسلامي ۽ تاريخي ناول 1947ع کان اڳ لکيا ۽ ٻين قومي, اخلاقي ۽ سماجي موضوعن تي 1947ع کان پوءِ لکيائين) "نورجهان" (ڊاڪٽر گربخشاڻي), "غريبن جو ورثو" (نارائڻ داس ميوا رام ڀمڀاڻي) ۽ ٻيا ڪيترائي ناول هئا. مضمون نويسيءَ ۾ گل ڦل, (مرتب پرمانند ميوا رام), "گلدستو" (ليلارام), "مقالات الحڪمت" (ترجمو مرزا قليچ بيگ), "سير ڪوهستان" (الهچايو سمون), "ادبي آئينو" (ڪشنچند عزيز) ۽ ٻيا ڪتاب آهن.

اهڙيءَ ريت مختلف موضوعن تي نثر ۽ نظم ۾ ڪتاب ڇپيا. نثر جا لکندڙ ديوان نديرام سيوهاڻي، ڪوڙومل، ڏيارام گدومل، محمد صديق ميمڻ، ديوان نولراءِ آڏواڻي، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، ڄيٺمل پرسرام گلراجاڻي، ڀيرومل آڏواڻي، پرمانند ميوا رام، لالچند امرڏنومل، آخوند وفا عباسي، عثمان علي انصاري، محمد عثمان ڏيپلائي، مولانا دين محمد وفائي، ڊاڪٽر گربخشاڻي، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو، ڪيولرام سلامت راءِ ۽ ٻيا هئا. ته شاعريءَ ۾ خليفو گل محمد، سيد فاضل شاهه، مير حسن علي خان، مير عبدالحسين خان سانگي، سيد غلام مرتضيٰ شاهه، فقير قادر بيدل، محمد حسن بيڪس، سيد مصري شاهه، پير محمد اشرف شاهه، شمس العلّماء مرزا قليچ بيگ، ليکراج عزيز، ڪشنچند بيوس، حمل فقير لغاري، غلام محمد شاهه گدا ۽ ٻين ديوانن جا ديوان لکيا.

انگريز دور جي عالم، اديب، شاعر ۽ محقق مرزا قليچ بيگ جو سنڌي ادب تي وڏو احسان آهي. جو هن نثر ۽ نظم ۾ انيڪ موضوعن تي طبعزاد توڙي ترجمي جي صورت ۾ مڪمل ڪتاب لکيا ۽ سندن ڪتابن کي وڏي مقبوليت ملي. اڄ به 150 سال گذرڻ کان پوءِ مرزا صاحب جا لکيل ڪتاب ”زينت“، ”سائو پن يا ڪارو پنو“، ”مقالات الحڪمت“، ”ديوانِ قليچ“ ۽ ٻيا ڪيترا تاريخ، لسانيات، گرامر، لطيفيات جا ڪتاب ۽ شيڪسپيئر جي ڪتابن جا ترجما اهميت رکندڙ آهن. ڊاڪٽر الانا لکيو آهي ته:

”هن دور ۾ مرزا قليچ بيگ سنڌي نثر نويسيءَ واري حصي جو علمبردار هو. هن صاحب شاعريءَ ۾ پڻ جديد صنفن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ آندو. سندس اها ڪوشش سنڌي شاعريءَ ۾ جدت مڃي ويئي آهي. مرزا صاحب سنڌي ٻوليءَ کي رباعيون، مثنويون، مسدس نظم ۽ گيت ڏنا. انگريزي ٻوليءَ جي مشهور ۽ نمائنده شاعرن جا چونڊ نظم، سانيٽ ۽ ترائيل وغيره سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري انهن صنفن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ متعارف ڪرايو“. (4)

سنڌي ادب جي تاريخ جو اونهو اڀياس اها ڄاڻ ٿو ڏئي ته 1947ع کان اڳ نثر توڙي نظم ۾ ڪتابن جو معيار ڇپائيءَ جي لحاظ کان بلند هو. انهن ڪتابن ۾ صورتخطيءَ جون غلطيون نه هئڻ برابر آهن. ڪتابن جا پروف ڏيان سان چڪاسيل آهن ۽ انهن ۾ بيهڪ جون نشانيون سهڻائيءَ سان ڏنل آهن. مثال طور جيڪڏهن فقط ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ وارو ”شاهه جو رسالو“ جي ٽن جلدن (ڪمشنر ڇاپو) جو مطالعو ڪبو ته معيار کي داد ڏيڻو پوندو. انهيءَ دور ۾ ادب جي ترقيءَ ۾ ڪيترن سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارن ڇپائيءَ جي ڪم کي هٿي ڏني هئي جن مان ڪي هن ريت آهن.

ڪمشنر آفيس ڇاپخانو ڪراچي، سنڌ گزٽ ڪمرشل پريس، گورنمينٽ بڪ ڊيو حيدرآباد، سنڌ گزٽ پريس سکر، آسا ساهت منڊل، ايجوڪيشنل پبلشنگ پريس، سنڌ مسلم سوسائٽي، نئين سنڌ لائبريري، سنڌي ساهتيه سوسائٽي ڪوڙومل سنڌي ساهيته منڊل، سنڌ پبلشنگ هائوس، ڀارت پريس، جارج پرنٽنگ پريس، هند سڀا، سنڌي اديبن جي مجلس، سڌار سڀا، گرسنگت، سک ٽريڪٽ، رتن ساهتيه منڊل، ڀارت جيون، سنڌي ڪتاب گهر، پوڪرداس ڀوڄرداس، سنڌ ساهت ٿيوسافيڪل سوسائٽي، رابندر ناٿ ٽئگور سوسائٽي، مرڪن تائيل سوسائٽي ۽ ٻيا ڪيترائي ڇپائي جا ادارا هئا. سيد

مظهر جميل ”جديد سنڌي ادب“ ۾ 1005 صفحي تي ڄاڻ ڏني آهي ته ”1947ع کان اڳ فقط سنڌ جي وڏن شهرن ۾ سرڪاري ۽ غير سرڪاري ڇپائيءَ جي ادارن جو انگ هڪ اندازي مطابق 115 جي قريب هو“. (5)

هاڻ جيڪڏهن 1947ع کان پوءِ وارن ڇپائيءَ جي ادارن جو جائزو وٺبو ته وڏي تبديلي نظر ايندي. پاڪستان ٺهڻ بعد صورتحال بلڪل مختلف ٿي ويئي، سرحدن جي ورهاست سان سنڌي ادب جو ڇپجڻ لکجڻ بن حصن ۾ ورهائجي ويو. سنڌ ۾ ڇپائيءَ جي ادارن جا مالڪ گهڻي ڀاڱي سنڌي هندو هئا جن جي هندوستان لڏي وڃڻ سان اهي ادارا قائم رهي نه سگهيا ۽ گهڻا انهن مان بند ٿي ويا. هندوستان لڏي ويلن لاءِ اتي وڏا معاشي مسئلا هئا. ٻنهي ملڪن جي سياسي، سماجي، علمي، ادبي ۽ معاشي حالتن جي ابتريءَ سبب ادب ۾ وقتي ماٺار اچي ويئي پر پوءِ ڪجھ وقت کان پوءِ ڇپائي جي ادارن جو قائم ٿيڻ شروع ٿيو.

”پارٽ کان لڏي آيل واپارين مان ڪن واپارين نه فقط ڪتابن جا دوڪان کوليا پر انهن سنڌي ڪتابن جي ڇپائڻ جو سلسلو پڻ هٿ ۾ کنيو. هن سلسلي ۾ حيدرآباد ۾ آر.ايچ احمد اينڊ برادرس، ميشرس يوسف اينڊ برادرس، ڪتابن جي ڇپائيءَ جي سلسلي ۾ اڳيان اڳيان هئا. انهن کان سواءِ مولانا محمد عثمان ڏيپلائي ۽ بشير احمد اينڊ سنز وارن پڻ هن ڏس ۾ وڏو ڪم ڪيو. ڏيپلائي صاحب، شاهه جي رسالي جو انتخاب ڇپايو. ان کان سواءِ ڏيپلائي صاحب ناولن ڇپائڻ جو سلسلو پڻ شروع ڪيو. آزاد بڪ ڊيپوءَ طرفان محترم غلام محمد شهواڻي جي ترتيب ڏنل شاهه جي رسالي جو نسخو ڇپايو ويو“. (6)

اهڙيءَ ريت آهستي آهستي سرڪاري ۽ غير سرڪاري ڇاپخانا جاري ٿيا جي هن ريت آهن.

”اسلاميه دارالاشاعت، سنڌ سڌار سوسائٽي، ماڊرن سنڌ پبلشنگ هائوس، زندگي پبليڪيشن، جيلاني پبليڪيشن بدين، جميعت الشعراءَ لاڙڪاڻو ايجوڪيشن بڪ ڊيو، زيب ادبي مرڪز انجمن فروغ ادب هالا، موتي رام ايس راماڻي، سردار پرنٽنگ پريس گاڏي کاتو فردوس پبليڪيشن هالا، سهڻي پبليڪيشن، روح رهاڻ پبليڪيشن، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد/ڄامشورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، سنڌ ثقافت کاتو، سنڌي ادبي سنگت، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد، سنڌي ساهت گهر، نيو ٿنڪرس فورم، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز جي ايم سيد اڪيڊمي، آزاد ڪميونيڪيشن، اردو سنڌي فائونڊيشن، مارئي سماجي سنگت ڪراچي، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور، واڳڙو در، روشني پبليڪيشن، گنج بخش پبليڪيشن، ادبيات حيدرآباد، پيس پبلشرز، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ذڪي پرنٽرز، ساحل پبلشرز مارئي اڪيڊمي، پوئٽ پبلشنگ خيرپور، ڪاڇو پبليڪيشن، سنسار پبليڪيشن، پيڪاڪ پرنٽرز، ڪويتا پبليڪيشن، ڪاٺياواڙ اسٽور ڪراچي، پاپولرز پرنٽرز ۽ هندستان ۾ ساهتيه اڪيڊمي دهلي، بمبئي ڪونج پبليڪيشن، پرميلا پبليڪيشن، الهاس نگر ۽ ٻيا ادارا قائم ٿيا جن ڪيترائي ڪتاب شايع ڪيا آهن.

ورهاڱي کان پوءِ جي لکندڙن ۾ علامه آءِ آءِ قاضي، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو، جي.ايم سيد، حسام الدين راشدي، علامه غلام مصطفىٰ قاسمي، محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ،

محمد عثمان ڏيپلائي، مخدوم محمد صالح ٻٽي، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، جمال ابڙو، سراج الحق ميمڻ، حميد سنڌي، امر جليل، طارق اشرف، نسيم کرل، ڊاڪٽر فهميده حسين، نورالهدیٰ شاهه، نصير مرزا، الطاف شيخ، عبدالحئي پليجو، عطا محمد ڀنڀرو، بدر ابڙو، ولي رام ولڀ، مخدوم طالب المولیٰ، محمد بخش ”واصف“، شيخ اياز، عبدالڪريم گدائي، محمد صديق مسافر، استاد بخاري، تنوير عباسي، فتاح ملڪ، تاجل بيوس، ملڪ نديم، امداد حسيني، سحر امداد، اياز گل، ڊاڪٽر ادل سومرو ۽ ٻين جا ڪتاب شايع ٿيا آهن. انهن ڇاپخانن معرفت نثر ۽ نظم جا شاهڪار ڪتاب شايع ٿيا، جن کي وقت جي دراج تائين لٽي نہ سگهي آهي. جيئن ڪهاڻي، ناٽڪ، ناول، سفرنامي، مضمون نويسيءَ ۾ ”پشو پاشا“ (جمال ابڙو)، ”آبِ حيات“ (غلام رباني آگرو)، ”بلو دادا“ (اياز قادري)، ”ڊمي“، ”چوٿيهون در“، ”شبنم شبنم ڪنول ڪنول“ (نسيم کرل)، ”جڏهن مان نہ هوندس“، ”دل جي دنيا“، ”تيون وجود“ (امر جليل)، ”لهر لهر زندگي“ (ماهتاب محبوب)، ”جلاوطن“، ”ڪربلا“ (نورالهدیٰ شاهه)، ”سانگهڙ“ (محمد عثمان ڏيپلائي)، ”شڪنتلا“ (رشيد احمد لاشاري)، ”پڙاڏو سوئي سڏ“، ”مرڻ مون سين آ“ (سراج ميمڻ)، ”همہ اوست“ (آغا سليم)، ”اندر جنين اڄ“ (ماهتاب محبوب)، ”ڏوري ڏوري ڏيهہ“ (تنوير عباسي)، ”هو جي وڃ ولات جا“ (عبدالحئي پليجو)، ”بندر بازاريون“ کان (الطاف شيخ جا هڪ سئو سفرناما)، ”سنڌي سڀاجهڙا“ (اسماعيل عرساڻي)، ”ڳالهہ ٻولهہ“ (گرداس واسواڻي)، ”ويچار“ (هرومل سدارنگاڻي) ۽ ٻيا تنقيد، تحقيق، لطيفيات، ٻاراڻو ادب ۽ ڪيترن موضوعن تي سوين ڪتاب شايع ٿيا آهن. نظم ۾ پڻ شاعرن پاڻ ملهايو آهي. شيخ اياز سنڌي شاعريءَ کي ”ڀؤنر ڀري آڪاس“، ”ڪلهي پاتم ڪينرو“، ”پتڻ ٿو پور ڪري“، ”اٿي اور الله سين“ ۽ ٻين شاهڪار ڪتابن سان مالا مال ڪيو آهي تہ مخدوم طالب المولیٰ، ڊاڪٽر تنوير عباسي، امداد حسيني ۽ ٻين جي شاعريءَ جي مجموعن سان ادب جي نظم واري پاڳي ۾ وسعت آئي آهي.

مٿين هن بنيادي تفصيل کان پوءِ آئون پنهنجي اصل موضوع يعني ڇپائيءَ جي ادارن جي ڪوٺ ۽ تخليقي ادب جي ڪتابن جي مقدار ۽ معيار ڏي اچان ٿي. مٿي جيڪو جائزو ڏنو ويو آهي، اهو پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ۽ پوءِ جي دور جو آهي. پر هتي جيڪڏهن 1947ع کان جي دور جي ڇپيل ادب کي بہ ٻن حصن 1947ع کان 1980ع ۽ 1980ع کان 2010ع تائين ۾ ورهائي ڇنڊڇاڻ ڪبي تہ ڪي نيون حقيقتون سامهون اينديون جن سان نہ فقط موضوع جي چٽائي احسن طريقي سان ٿيندي پر هن اهم مسئلي کي حل ڪرڻ ۾ پڻ مدد ملندي.

حقيقت ۾ سنڌي ادب جي اشاعتي ترقيءَ جو درجي وار اڀياس هڪ وڏو اڀياس آهي، جو هڪ مقالي ۾ آڻڻ ممڪن نہ آهي، پر هتي مختصر طور هن ڪانفرنس وسيلي چند اهم نڪتن کي ٻڌندڙن کي ذهن نشين ڪرائڻ چاهينديس جيڪي هلندڙ وقت ۾ ڇاپخانن ۾ ڇپيل ادب جي ڪميءَ بابت آهن ۽ اهو بہ ڄاڻائينديس تہ ڪهڙا اُپاءَ عمل ۾ آڻجن جن سان اسين ٻيهر هڪ شاندار ادب جي ورثي جا مالڪ ٿي سگهون.

ڇپائيءَ جي ادارن جي کوٽ جي حوالي سان سپ کان پهرين آئون اهو ٻڌائڻ چاهيان ٿي ته مٿي بيان ڪيل ادارن مان هن وقت ڪيترا ڇپائيءَ جا ادارا جيئن, اداراءِ انسانيت, زيب ادبي مرڪز, سهڻي پبليڪيشن, انجمن فروغ ادب هالا ۽ سردار پرنٽنگ پريس ۽ ٻيا بند ٿي ويا آهن. باقي جيڪي موجود آهن انهن ۾ گهڻن ادارن وٽ ساليانو ڇپيل ڪتابن جو ڳاٽيتو چار کان پنج تائين آهي. اهو سروي مون روبرو ۽ ٽيليفون ذريعي ڪيو ته گنج بخش پبليڪيشن جي عمران قلندري, نيو فيلڊس جي فيروز ميمڻ, ناري پبليڪيشن جي نذير ناز, نسيم بڪ ڊپو جي نسيم صاحب ۽ ٻين کان معلومات ملي ته ادارن ۾ ڇپيل ڪتابن جو انگ ساليانو چار کان پنج يا ان کان به گهٽ آهي. "سنڌيڪا جهڙي مشهور اداري جي مالڪ نور احمد ميمڻ سان ٽيليفونڪ گفتگو موجب ته,

"هن وٽ ساليانو ڇپيل ڪتابن جو ڳاٽيتو ٻارنهن تائين مَس آهي ۽ وٽس ڇپائي لاءِ پيل ڪتابن جا مسودا پنجاهه کان به مٿي آهي". (7)

هاڻي انهيءَ مان اها وضاحت ٿي ته اسان وٽ فقط چند ادارا اهڙا آهن جن وٽ ڪجهه قدر ڇپائيءَ جو ڪم مقدار ۾ اهميت جوڳو آهي. جيئن سنڌي ادبي بورڊ, سنڌي لئنگويج اٿارٽي, سنڌ ثقافت کاتو (سرڪاري ادارا), روشني پبليڪيشن. هاڻ هتي ڌيان جوڳي ڳالهه اها آهي ته, سرڪاري ادارن وٽ هر عام ماڻهوءَ جي نه پهچ آهي نه سنڌن ڪتاب شايع ٿين ٿا ۽ نه ئي انهن ادارن جو طريقه ڪار ڪو اهڙو آهي جو ان مان هر لکندڙ ڪي فائدو ٿي سگهي. ذاتي پبليڪيشن/ذاتي ادارو ظاهر آهي, ته تجارتي بنياد تي ڪم ڪن ٿا ۽ انهن جا هلائيندڙ گهڻي ڀاڱي ته ليڪڪن کان پئسا وٺي ڪتاب ڇاپين ٿا ۽ اهڙين حالتن جي ڪري ڪيترا معياري لکندڙ به ڪتاب ڇپائڻ جي همت ساري نٿا سگهن. انهيءَ ڪري انيڪ ڪتاب مسودن جي شڪل ۾ پبلشرن ۽ ليڪڪن وٽ موجود آهن. جنهن سان ادب جو وڏو نقصان ٿي رهيو آهي جو چند ڏهاڪن ۾ وڏيڪ واضح صورت اختيار ڪندو.

سنڌي قوم پڙهيل ڳڙهيل قوم آهي, اسان وٽ ادب پڙهندڙن جو هڪ وڏو طبقو آهي, پر ڇپائيءَ جي ادارن جي کوٽ, وڌندڙ مهانگائي, ملڪ ۾ وڌيل ڪرپشن ۽ غير محفوظ سماجي, سياسي ۽ معاشي حالتون ۽ ٻين ڪيترن سببن جي ڪري پڙهندڙن تائين سٺن ڇپيل ڪتابن جو اهو انگ نٿو پهچي جيترو پهچڻ کپي. هلندڙ وقت ۾ تحقيق ڏانهن وڌندڙ لاڙي سبب پڻ تخليقي ادب ۾ ڪجهه ڪمي آئي آهي, انهن سڀن نڪتن جي نشاندهي ادبي تاريخ جي اوسر ۾ اڳيان هلي ضرور ٿيندي پر اجان, به وقت ويو نه آهي انهيءَ تي سوچڻ, حل ڪيڻ ۽ اُپائن تي عمل ڪرڻ جون ڪوشش ڪرڻ گهرجن. هيٺ انهيءَ مسئلي جي حل لاءِ نڪتا پيش ڪيان ٿي.

1. انگريز حڪومت ڇاپخانن کي قائم ڪرڻ طرف تمام گهڻي توجهه ڏني هئي, جنهن سان سنڌي ٻولي ۽ ادب جي وڏي ترقي ٿي. موجودو وقت سنڌي ٻولي ۽ ادب کي بچائڻ لاءِ سنڌ حڪومت کي سرڪاري ڇاپخانن جي وڌيڪ قائم ڪرڻ لاءِ ڪوشش ون گهرجن ۽ انهن ادارن کي وڏي مالي مدد ڏني وڃي.
2. ادبي ادارن ۽ جماعتن پاران گڏيل ڇپائيءَ جا ادارا قائم ڪرڻ گهرجن.

3. سرنديءَ وارن کي شخصي طور هن نيڪ ڪم ۾ مدد ڪرڻ گهرجي.
4. ملڪ جي ڪجهه حصن ۾ خاص طور پنجاب ۾ ڪاغذ سستو موجود آهي. ڇپائيءَ جي ادارن کي سنڌ حڪومت کان ڪاغذ کي سستي اگهه حاصل ڪرڻ تي مدد ونڻ گهرجي.
5. پوري صوبي ۾ ڪتاب جي قيمت جو هڪ معياري ماپو مقرر هئڻ ضروري آهي، جيئن مناسب قيمت جي ڪري هر ڪتاب هرهڪ پڙهندڙ تائين پهچي.
6. ڪتاب جي ٻاهرين سونهن ۽ سوڀيا پنهنجي جڳهه تي اهم ضرور آهي پر جيڪڏهن ڪتاب جي موضوعن ۽ مواد تي وڌيڪ ڌيان ڏنو ويجي ته معياري ادب تخليق ٿيندو.
7. ادبي ڪتابن جي کوٽ جي سببن ۾ اهم سبب نون ليکڪن جو گهٽ اسرڻ آهي. جيئن ته اسان وٽ وڏن ليکڪن جيئن محمد عثمان ڏيپلائي، مخدوم طالب المولي، شيخ اياز، جمال ابڙو، نسيم کرل، اياز قادري، ڊاڪٽر تنوير عباسي، ڊاڪٽر نجم عباسي، استاد بخاري، پوپٽي هيرا نندائي ۽ ٻين جي وفات سبب تخليقي ادب ۾ وڏو خال اچي ويو آهي ۽ هلندڙ وقت ۾ موجود پراڻا ليکڪ پڻ گهٽ لکي رهيا آهن ۽ ان کان سواءِ نون لکندڙن کي ڇپائيءَ جي مسئلن جي ڪري اُسرڻ جو موقعو گهٽ ملي رهيو آهي، انهيءَ ڪري نون لکندڙن جي همت افزائيءَ لاءِ موقعا فراهم ڪرڻ گهرجن.
8. مختلف موضوعن تي لکيل ڪتابن جا انعامي مقابلا ڪرايا وڃن ۽ ادبي نشستون ۽ ڪلاس منعقد ڪيا وڃن.
9. سنڌي ڪتابن جي ڇپائيءَ ۽ وڪري جي مسئلن جي ڪري ٻوليءَ ۽ ادب جي ترقيءَ جي راهه ۾ رڪاوٽون ڏينهون ڏينهن وڌي رهيون آهن. هن اهم موضوع تي خاص طور سيمينار ٿيڻ ضروري آهن ته جيئن ڪي چڱا سڌارا عمل ۾ اچن. منهنجي نظر ۾ جيڪڏهن مٿين نڪتن مان چند تي به عمل ٿيو ته يقيناً سٺا نتيجا سامهون ايندا ۽ سنڌي ادب وڌيڪ وڌندو ۽ ويجهندو.

## حوالا


1. ميمڻ فهميده حسين، ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ“، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز 1993ع، صہ_227.
2. عرساڻي شمس الدين، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻولي ۽ ادب جو باهمي ميل“، ته ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ جامشورو، 1975ع، صہ_119.
3. ميمڻ، خانبهادر محمد صديق، ”سنڌ جي ادبي تاريخ“، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور، 2003ع، صہ_206.
4. الانا، غلام علي ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا“، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، 2006ع، صہ_330.
5. سيد، مظهر جميل، ”جديد سنڌي ادب“، اڪيڊمي بازيافت ڪراچي، 2007ع، صہ_1005.
6. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا“، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، 2006ع، صہ_351.
7. ميمڻ، ڊاڪٽر پروين موسیٰ /نور احمد ميمڻ، ٽيليفونڪ گفتگو 4_3_2011.


**(سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي پروگرام ۾ پڙهيل پيپر)**

# سنڌي نثر ۾ ليکڪائن جي شموليت

قدرت هن دنيا جي واڌ ويجهه جي امر کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ انساني زندگيءَ جي ابتدا مرد ۽ عورت جي تخليق سان ڪئي. ارتقا جي شروع دور ۾ مرد ۽ عورت بلڪل ساڳي حيثيت رکندڙ ۽ زندگيءَ جي هر وهنوار ۾ برابر جا ڀاڱيوار فرد رهيا آهن.

دنيا جي ارتقائي تاريخ جي اڀياس مان اها خبر پوي ٿي ته انساني تهذيب ۽ ارتقا جي اوسر ۾ عورت جي ڪردار جي مختلف روپن جي خاص اهميت رهي آهي ۽ هُن پنهنجي تخليقي ۽ ذهني صلاحيتن سان پاڻ کي مڃايو آهي. اها به حقيقت آهي ته ڪيس مختلف سماجن ۾ مجموعي طور ريتن رسمن، عقيدن، مذهبن، ثقافتي ۽ معاشرتي قدرن جي آڙ ۾ ڪچلڻ، هيسائڻ ۽ دٻائڻ جون ڪوششون به ڪيون ويون آهن، پر هن پنهنجي بقا جي جنگ ۽ اظهار جي آزاديءَ لاءِ هميشه ڪان ڪوشش ڪئي آهي ۽ ڪري رهي آهي.

سنڌي عورت جي تحرير نويسيءَ جي حوالي سان جيڪڏهن جائزو ورتو وڃي ته معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ جي عورت هتي جي جاگيرداري نظام، قبيلائي ماحول، معاشي پسماندگي، ذات پات جي فرق ۽ تعليم جي ڪميءَ باوجود ذهني ۽ جسماني غلاميءَ کان بچاءُ جي ڪوشش ڪندي پنهنجي اظهار کي عمل جو جامو پهرايو آهي. جنهن ۾ باشعور ۽ پڙهيل لکيل عوتن علم ادب جي معرفت پنهنجن خيالن ۽ سوچن کي عام جي اڳيان آندو آهي. اسان جي اديبائن جي فن ۽ فڪر جي جائزي مان سندن مطالعي، مشاهدي، تخليقي صلاحيتن ۽ ذهني اوسر جي ڄاڻ پڻ پليءَ پت پوي ٿي. ڪلاسيڪل شاعري ۽ لوڪ ادب کان سنڌي نثر و نظم جي مختلف صنفن ۾ ليکڪائن پنهنجي ذهني بلنديءَ جا ڪمال پيش ڪيا آهن. مائي مرڪان شيخڻ جا صوفياڻا ڳيچ، مائي ملياٽي نيامت جو سنڌ جي عظيم ڪلاسيڪل شاعريءَ جي ورثي کي سهيڙڻ ۽ خود شاعره هئڻ ۽ ڪيترين گمنام شاعرائن جا چيل ڳيچ، سهرا ۽ گيت ڄاڻائين ٿا ته اسان جي ڀينرن بياني ۽ قلمي قوت سان پنهنجي وجود کي مڃرائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سنڌي عورت جي سمجهه، سياڻپ، صبر، ذهانت، همت ۽ جرئت کي مڃيندي شاهه سائينءَ ڪيس سسئي، سهڻي، مارئي، مومل، نوري، سورٺ ۽ ليليٰ جي روپ ۾ هڪ منفرد ۽ لازوال حيثيت عطا ڪئي آهي.

سنڌي ادب ۾ شاعريءَ ڪانپوءِ نثر ۾ به عورتن جو وڏو حصو آهي، جنهن جا بنيادي اهڃاڻ ڊاڪٽر فهميده حسين موجب، هن ريت آهن:

> ”ڪيترن ڳيچن ۾ سنڌي عورت جي پڙهيل هئڻ بابت اشارا ملن ٿا جن ۾ پاڻ خط لکڻ يا خط پڙهڻ جو ذڪر ملي ٿو“. (ڊاڪٽر فهميده حسين: ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ“)

باقاعدي طور، سنڌي نثر ۾ عورتن جون خدمتون، انگريز دور کان شمار ڪري سگهجن ٿيون. هن دور ۾ اسڪول ۽ ڪاليج قائم ٿيا ۽ زناني تعليم لاءِ ڪوششون ورتيون ويون. انگريزن جي شروعاتي دور ۾ هندو عورتن ۾ تعليم جي لاءِ گهڻي سجاڳي هئي، پر پوءِ مسلمان رهنمائن جيئن، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ، ميران محمد شاهه، عبيدالله سنڌي، شمس العلماء دائودپوٽو عبدالواحد سنڌي ۽ ٻين جي ڪوشش سان مسلمان عورتون اڳيان آيون. ”سنڌ مدرسة البنات“ ۽ ٻيا اسڪول قائم ٿيا. مرد ليکڪن زناني تعليم جي فائدي ۾ مضمون ۽ مقالا، ناول ۽ ناٽڪ لکيا. جن ۾ مرزا قليچ بيگ جو ناول ”زينت“ ۽ ڪوڙومل چندن ڪلناڻيءَ جو ”پڪو پهه“ ۽ ٻيون تحريرون اچي وڃن ٿيون.

شريمتي گلي سدا رنگاڻي پهرين سنڌي عورت هئي جنهن ساهت جي ميدان ۾ انهيءَ وقت قدم رکيو هو. هو اهڙيءَ ريت اڳيان هلي، موهني دوداڻي، پاروتي آڏواڻي، ايشوري جوتواڻي، ساوتري مير چنداڻي، ڪملا ڪيسواڻي، تارا مير چنداڻي، پوپٽي هيراننداڻي دادي ليلى ، سندري اتم چنداڻي، روشن آرا مغل، بيگم طاهرا آغا، آپا ڊاڪٽر شمس عباسي، ڪلا پرڪاش، ثميره زرين، خانم خديجه دائود پوٽو، زيب.اي شيخ، رشيده شيخ، امينا خميساڻي، ڊاڪٽر حميده کهڙو مريم نوحاڻي، دُرشهوار سيد، رشيده حجاب، خيرالنساءِ جعفري، نذير ناز، ماهتاب محبوب، نورالهديٰ شاهه، مهتاب اڪبر راشدي، نعيمه جمع تيجاڻي، ثرياسوز ڏيپلائي، فهميده حسين، تنوير جوڻيجو نورافروز خواجه، سحر امداد، پروين موسى ميمڻ، قمرجهان مرزا، تهمينا مفتي، خورشيد عباسي، ج.ع منگهاڻي، غلام فاطمه شيخ، نيلوفر جويو سلطانه وقاصي، سنڌو پنهور، شبنم گل، زيب نظاماڻي، ناهيد مغل، تانيه ٽيپو نائل، فهميده شرف بلوچ، ومي سدا رنگاڻي، ريتا شهاڻي، وينا شرنگي، عطيه دائود، ثمينه ميمڻ، تسليم زنئور، حميرا نور، سحر گل پٽي، ڪزبانو سنڌي، ساجده جبين، سيما عباسي، سيما ابڙو زاهده تاج ابڙو نجمه شيخ، نورالصباح قاضي، ارشاد سعيد عباسي، خديجه شيخ، شبانه سنڌي، شگفته شاهه ريحانه ملاح ۽ ٻين نئين زندگي، سه ماهي مهراڻ، سوجهرو، سرتيون، اديون، ڪلاچي، سنڌي ادب، پارس، نئون نياپو، سپون (بمبئي) ۽ ٻين رسالن ۽ روزاني اخبارن ۾ لکيو.

مٿين ليکڪائن مان ڪيترين جا لکيل ناٽڪ، ناول، آتم ڪهاڻيون، ڊائريون، سفرناما ۽ افسانوي مجموعا ڇپجي چڪا آهن. جن مان چند عنوان هن ريت آهن.

**مقالن ۽ مضمونن جا مجموعا:** مضمون نثر جي اهم صنف آهي، جنهن ۾ مضمون نگار پنهنجي پسند، مطالعي ۽ مشاهدي سان ڪنهن موضوع تي خيالن جو اظهار ڪندو آهي. مقالو فني ڇنڊڇاڻ سان لکيل نثر جو ليک آهي. سنڌي ليکڪائن انهن ٻنهي صنفن ۾ گهڻو ڪم ڪيو آهي. ڪتابي صورت ۾ سندن ڇپيل مضمونن ۽ مقالن جي مجموعن مان چند هن ريت آهن:

”يادگار لطيف“ (سهيڙيندڙ: بيگم زينت عبدالله چنا)، ”شاعرن جو سرتاج“ (سهيڙيندڙ: خانم خديجه دائود پوٽو)، ”خوش خصلت خاتون“، ”شڪستهءِ زندگي“ (بادام ناتوان)، ”ٻچپين سدا ٻچ“ (ڊاڪٽر حميده کهڙو)، ”شاهه لطيف تي تحقيق“ (ڊاڪٽر درشهوار سيد)، ”يارت ۽ روس ٻانهن ٻيلي“ (سندري اتم چنداڻي)، ”هڪ پشپ پندرهن پنکڙيون“، ”چڻن چٽڪن چٽ ۾“، ”زنده جا قوم رهندي“، ”ٻولي منهنجي ماءُ“، ”ڏاهي مَر ٿيان“ (پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي)، ”ورهاڱي جو ورجاءُ“ (ماهتاب محبوب)، ”عورت سماج ۽ ڏاڍ“ (تنوير جوڻيجو)، ”پائي پٽ ڪٽا“ (ڊاڪٽر نور افروز خواجه)، ”ادبي اهڃاڻ“، ”ادبي ويچار“ (ڊاڪٽر خورشيد عباسي)، ”اخلاقي قدر“، ”وکر سو وهاءِ“، ”گلدستو“، ”عالم سڀ آباد ڪرين“ (ڊاڪٽر پروين موسیٰ ميمڻ).

**سوانح عمريون، آتم ڪهاڻيون ۽ ڊائريون:** سوانح نگاري نثري ادب جو اهم حصو آهي. سنڌي ليکڪائن سوانح عمري، آتم ڪهاڻي، خاڪن ۽ ڊائرين جي صنف ۾ پڻ لکيو آهي، جيئن: ”تاريخ جو وساريل ورق“ (غلام فاطمه شيخياڻي)، ”جيتامڙيءَ جي ڊائري“، ”سام سان ٻه گهڙيون“ (ڊاڪٽر سرلايوي)، ”منهنجي حياتيءَ جا سونا روپا ورق“ (پوپٽي هيرانندڻي)، ”منهنجي پيشي جا گل و خار“ (وينا شرنگي)، ”گهنڊ ڇاڻ وڳو“، ”ٻيهريءَ جا ٻه پل“ (ريٽا شهاڻي)، ”ڳالهيون پيٽ ورن ۾“ (ڊاڪٽر شمس عباسي)، ”منهنجو سورج مکيه“ (شبنم گل). ”جيءَ جهروڪا“ (ماهتاب محبوب)، ”قيدياڻيءَ جي ڊائري“ (اختر بلوچ) ۽ ٻيا ڪتاب آهن.

**سفرناما:** سفرنامي جي صنف ۾ سفرناما نگار پنهنجي سير ۽ سفر جو احوال، ذاتي مشاهدي، بياني قوت ۽ علمي ۽ ادبي انداز سان پيش ڪندو آهي. ليکڪائن سفرنامي جي صنف ۾ طبع آزمائي ڪري چڱا سفرناما لکيا آهن. سندن لکيل سفرنامن ۾،
”روس جي نئين سيپيتا جو سفر“ (سندري اتم چنداڻي)، ”مارو جي ملير جا“ (خيرالنساء جعفري)، ”هوائن جي آڌار تي“ (فهميده حسين)، ”اندر جنين اڃ“، ”سرهي سرهي سار“، ”راهون چنڊ ستارا“ (ماهتاب محبوب)، ”هينئڙي منجهه هرن“ (ڪلا پرڪاش)، ”پکا ۽ پنهوار ڏني مون ڏينهن ٿيا“ (وينا شرنگي)، ”جتي منهنجا اونيڙا“ (ريٽا شهاڻي)، ”تي مسافر تي شهر“ (مريم پليجو اختر پليجو) ۽ ٻيا سفرناما شامل آهن.

**افسانن جا مجموعا:** افسانو سنڌي نثر جي هڪ سگهاري صنف آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ هزارن جي تعداد ۾ افسانا ڇپيل صورت ۾ موجود آهن، جن ۾ عورتن جو ڪيل ڪم گهٽي تعداد ۾ آهي. ڪيترين اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيل افسانن ڪانسواءِ سندن گهٽائي افسانوي مجموعا شايع ٿيا آهن، جن مان چند هن ريت آهن:

”اڇا وار ڳاڙها گل“، ”تو جنين تات“، ”پوري“، ”ٻنڌڻ“، ”ڪرنڊڙ ديوارون“ (سندري اتم چنداڻي)، ”رنگين زماني جون غمگين ڪهاڻيون“، ”مون توکي پيار ڪيو“، ”خزان جو دور پورو ٿيو“، ”شهناز“ (پوپٽي هيرانندڻي)، ”مرڪ ۽ مامتا“، ”وارن ۾ گل“ (ڪلا پرڪاش)، ”ڪيئن وساريان ويڙهيچن“، ”زندگي ناٽڪ“ (وينا شرنگي)، ”پڇڻ کي پڇاڙ“، ”ببليءَ جون آڪاٽيون“، ”منع ٿيل ميوو“ (ريتا شهاڻي)، ”گيت اجايل مورن جا“، ”روشن چانورو“، ”آءُ اهائي مارئي“ (ثميره زرين)، ”منهنجو تخليقي سفر“، ”تخليق جو موت“ (خيرالنساء جعفري)، ”پره کان پهرين“، ”چانديءَ جون تارون“، ”لهر لهر زندگي“ (ماهتاب محبوب)، ”جلاوطن“، ”ڪربلا“، ”رڻ ۾ رڃ جو اتهاس“ (نورالهديٰ شاهه)، ”امرت منجهه ڪڙاڻ“، ”عيبن هاڻي“ (پروفيسر تنوير جوڻيجو)، ”هيلو ڪو وري آءُ“ (نذير ناز)، ”هڪ حوا ڪيئي ڪهاڻيون“ (ڊاڪٽر فهميده حسين)، ”تنهنجي ڳولها تنهنجون ڳالهيون“ (جيجي زرينہ بلوچ)، ”سوچن جي صليب تي“، ”مارئي ۽ مان“ (ميمڻ روشن تبسم)، ”تلاش“ (تبسم ماهتاب قريشي)، ”ڪوڪو جيون سواليہ نشان“ (ناهيد مغل)، ”مشعل ٻرندي رهندي“ (صنوبر سيد)، ”اکيون ميگهه ملار“ (خديجہ شيخ)، ”سامائي تہ ساک ويا“ (نيلوفر جوبو)، ”نرڳ“ (زبيده ميتلو)، ”منهنجي وس ناهي جيڏيون“ (سڪينہ ميمڻ)، ”اڻ ڇاتل شهر جو نقشو“ (شبنم گل) ۽ ٻيا ڪافي افسانوي مجموعا آهن.

**ناول:** ناول جي صنف، سنڌي نثر ۾ انگريزي ناول ”راسيلاس“ جي ترجمي سان متعارف ٿي. هن صنف ۾ سنڌي ليکڪائن جي ڪافي شموليت رهي آهي.ورهاڱي کان اڳ بہ عورتن سنڌي ناول لکيا، چند مشهور ناول ۽ ناول نويسڪائون هن ريت آهن:

”گورا“ (ڪماري ڪرپالاڻي)، ”اتحاد“ (ساڳي ليکڪا شاديءَ کان پوءِ گلي سدا رنگاڻي جي نالي سان)، ”پريم جيون“ (آشا ديوي)، ”نماڻي نار“، ”رنم رت ڦڙا“، ”خلوت ۾“ (بادام ناتوان)، ”هڪ سسئي سئو سور“، ”ٽٽل ساز“، ”پريت پراڻي ريت نرالي“ (سندري اتم چنداڻي)، ”منجو“، ”حسرتن جي تربت“، ”جيءَ ۾ جهوري تن جي تات“، ”سيلاب زندگيءَ جو“ (پوپٽي هيرانندڻي)، ”هڪ دل هزار ارمان“، ”وقت وٿيون ۽ وڇوٽيون“، ”حياتي هوتن ريءَ“ (ڪلاپرڪاش)، ”منهنجا معصوم سڄڻ“ (وينا شرنگي)، ”پنڃرڪي جي پڻ پڻ“، ”پره جا پياڪ“ (ريتا شهاڻي)، ”خواب خوشبو ۽ ڇوڪري“، ”پيار پناهون چانورا“ (ماهتاب محبوب)، ”منهنجي چاهتن جي منزل“ (ڪزبانو سنڌي)، ”سپنو ساپيان ساڻ“ (شبانہ سنڌي).

**ناٽڪ:** عورتن جا لکيل ڪيترائي سنڌي ناٽڪ، اسٽيج، ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي مختلف چئنلن تان پيش ٿي رهيا آهن، جن ۾ ڇپيل ڊرامن جو تعداد تمام گهٽ آهي. چند ڇپيل ناٽڪ هيٺيان آهن:

”جهانگير ۽ نورجهان جي اوائلي زندگي“ 1919ع (ساوتري جهانگياڻي)، ”وڻجارا“ (سندري اتم چنداڻي)، ”ليک“ (نور شاهين)، ”چنڊ ۽ رلي“ (غزاله شاهين پٽو)، ”بي افعالي“ (ثريا سوز)، ”لهرن جو گيت“ (شبنم گل).

مٿئين احوال مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌي ليکڪائن جو سنڌي نثر ۾ وڏو اهم ڪردار رهيو آهي. هتي فقط نثر جي چند چيپل ڪتابن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جيڪڏهن سندن ڪيل ڪم جو اونهو اڀياس ڪيو وڃي ته ڪيترائي اهم نقطا نروار ٿي سامهان ايندا. جن مان خبر پوندي ته اسان جي قلم ڪارائن جي قلمي پورهئي سان سنڌي نثر ڪي ڪهڙي هتي ملي آهي؟ يا سندن لکڻين ۾ ڪهڙيون اوڻايون يا چڱايون آهن؟ هنن ڪهڙا نوان موضوع متعارف ڪرايا آهن؟ يا وتن مسئلي ۽ موقف جي پريزنٽيشن جو ڏانءُ ۽ ڏات ڪهڙي آهي؟ سندن تحريرن ۾ اثر انگيزي آهي يا نه؟ يا ڇا هو سنڌي عورت جي مسئلن کي پنهنجي لکڻين ذريعي اجاگر ڪري سگهيون آهن؟ سڀ کان وڏي ڳالھ ته سنڌي نثر جون خوبيون ۽ لفظن جا ذخيرا سندن تحريرن ۾ آهن يا نه؟ اهڙن گهڻن سوالن جي جوابن سان پڙهيل لکيل سنڌي عورت جي ذهني بلندي ۽ قلم جي وسعت سامهون ايندي ته گڏ ايندڙ اديبائن لاءِ هن ڏس ۾ مختلف پهلوئن کان رهنمائي ٿيندي.

صحافتي نثر جي خدمتن ۾ به سنڌي عورت اڳيان اڳيان رهي آهي. ورهاڱي کان اڳ گلي سدا رنگاڻي، پاروتي گدواڻي، رڪي سي ٽڏاڻي، ڪملا ڪيسواڻي ۽ ٻين عورتن سنڌي صحافت جي ميدان ۾ خدمتون سرانجام ڏنيون. 1947ع کان پوءِ بيگم زينت عبدالله ”مارئي“ رسالي جي ايڊيٽر جي حيثيت سان، بيگم خانم خديجه دائود پوٽو ماهوار ”اديون“، گلبدن جاويد مرزا ”سرتيون“ ۽ فهميده حسين ميمڻ ”سگهڙين ستٿ“ جي صفحي (هلال پاڪستان ڪراچي اخبار) جي ذريعي گهڻين قلمڪارائن کي اڳيان آندو. مٿين رسالن کان علاوه به ڪيترن ئي ماهوار رسالن ۾ عورتن لکيو. ڪافي عورتن ڪالم لکيا جن ۾ خاص طور مهتاب اڪبر راشدي، ماهتاب محبوب، ثريا سوز، نورالهديٰ شاهه، فهميده حسين، انيتا شاهه وينگس، ارشاد سعيد عباسي، سيما عباسي، زاهده ابڙو، سميرا مختيار، شهربانو ۽ ٻيون اڳي وڃن ٿيون.

سنڌي سماج ۾ عورت گهڻي وقت کان ذهني ۽ جسماني پيڙاءُ جو شڪار رهندي پيئي اچي هر دور ۾ عورت جو استحصال ڪيو ويو آهي. جڏهن اسلام هن پرڳڻي ۾ نه پهتو هو. تڏهن به سنڌي عورت ظلم ۽ ڏاڍ جو شڪار رهي ستي هئڻ جي رسم جو هجڻ، بيواه يا وڏوا کي نياڳو سمجهي، مٿس زندگيءَ جون ضرورتون به حرام هئڻ، ڌيءَ جي ڄمڻ کي بي عزتي ۽ منحوسيت سمجهڻ، عورتن کي ملڪيت جي ورهاست ۾ حق نه ڏيڻ، تعليم کان محروم رکڻ، مطلب ته نه صرف بنيادي حقن کان محروم رکيو ويو پر کيس انسان هئڻ جي ناتي سان انسان به ڪري نه سمجهيو ويندو هو.

دنيا جي تاريخ ۾ اسلام اهو ثابت ڪيو ته عورت ذات اعليٰ مرتبي جي مالڪ آهي، ماءُ، ڌيءَ، زال، هر رشتي جي مناسبت سان کيس حق ڏنا وڃن. کيس مرضيءَ سان شاديءَ جو حق ڏيئي، ماءُ جي حيثيت ۾ جنت سندس پيرن هيٺ قرار ڏني ويئي. ملڪيت ۾ کيس حصيدار ڪيو ويو. انهيءَ جي باوجود هن ترقي

يافته دور ۾ جيڪڏهن سنڌ صوبي جو جائزو ورتو وڃي ٿو ته حيرت ٿي ٿيئي. اڄ به اسان وٽ عورت کي تعليم جي حق کان محروم رکڻ، ڏيءَ کي جائداد ۾ حصو نه ڏيڻ، پسند جي شادي نه ڪرڻ، حق بخشائڻ، بدلي جي شاديءَ ۾ عورت قربان ڪرڻ، ڪارو ڪاريءَ جي رسم ۽ ٻين انيڪ ذهني ۽ جسماني غلامين ۾ جڪڙيو وڃي ٿو. جنهن جو وڏو سبب تعليم جي ڪمي آهي.

تعليم يافته ۽ باشعور عورتن سنڌي سماج جي انهن مسئلن جو گهرائيءَ سان اڀياس ڪيو ۽ کين معلوم ٿيو ته اهو سندن لاءِ ئي Challenge آهي ته هو پنهنجيءَ صنف جي مسئلن کي اثرائتي نموني عام جي اڳيان ڪٿي اچن، جنهن تي هنن عمل ڪيو ۽ ڪافي سنڌي اخبارن ۽ رسالن ۾ عورتن جي سماجي مسئلن تي لکيو.

مٿي ڄاڻايل صنفن کان علاوه هنن خطوط نويسي، ترجما نگاري، لطيفيات ۽ نثر جي ٻين صنفن ۾ ڪم ڪيو آهي ته ڪيترن ئي ڪتابن جا مقدما، مهاڳ ۽ پيش لفظ ڪمائتا لکيا اٿن.

ڪوبه سماج تيستائين ترقي يافته ۽ مڪمل طور سڌريل نٿو سڏي سگهجي جيستائين ان جي اڌاوت ۾ مرد ۽ عورت جي گڏيل سوچ، سگهه ۽ صلاحيتون ڪتب نٿيون اچن. انهيءَ حوالي سان هن مختصر جائزي کان پوءِ چئي سگهجي ٿو ته، سنڌي نثر ۾ اديبائن سماج جي اهم مسئلن تي قلم آزمائڻ، عورتن ۾ شعور ۽ سجاڳي پيدا ڪرڻ ۽ خاص طور عورت جي تعليم ۽ تربيت جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ ۾ ڪافي ڪم ڪيو آهي ۽ سندن تحريرن مان ذاتي مطالعو مشاهدو، خيال، ويچار ۽ فني ۽ فڪري صلاحيتون سامهون اچن ٿيون ۽ معلوم ٿئي ٿو ته عورت پڙهيل لکيل ۽ باشعور هئڻ سان گڏ اثرائتي قلمڪار آهي.

نثر جي حوالي سان سنڌي ليکڪائن تقريباً نثر جي سيني صنفن ۾ قلم ڪاريءَ جا جوهر پيش ڪيا آهن. نثر نويسيءَ جي خوبين ۽ موضوعن جي لحاظ کان ڏٺو وڃي ته چند قلمڪارن جي لکڻين ۾ وڌي پختگي ملي ٿي. ايتريقدر جو سندن تحريرون باقاعده ترجمو ڪري، ٻين ٻولين جي ادب سان پيٽڻ جي قابل آهن، پر ڪجهه ليکڪائن وٽ اجان لفظن جي مقدار ۽ ان جي استعمال ۽ ڏانو جي ڪمي آهي. انهيءَ لاءِ ضروري آهي ته هو پنهنجو مطالعو وسيع ڪن ۽ نثر جي جنهن به صنف تي قلم کڻن، انهيءَ ۾ پيرائتي معلومات حاصل ڪري پوءِ لکن. وٽن تخليقي صلاحيتون آهن، پر فقط انهن جي ڪتب تي ڌيان جي ڪجهه ضرورت آهي. ڪجهه حد تائين موضوعن ۾ پڻ کوٽ ملي ٿي. سندن لکڻيون گهڻي ڀاڱي زناني عالم کي سماج ۾ پيش آيل مسئلن بابت آهن ۽ ڏيهي ۽ پرڏيهي ادب جي مطالعي تي جيڪڏهن توجه ڏين ته ممڪن آهي وٽن نوان موضوع اچي وڃن.

سنڌي سماج، تهذيب، تمدن ۽ عورتن جي مسئلن کي ليکڪائن پنهنجي مضمونن، افسانن، ڪالمن، ناولن ۽ ڊرامن ۾ چٽيءَ طرح آندو آهي. سندن گهريلو ٻوليءَ جي استعمال (جنهن ۾ خاص طور، پهاڪا ۽ چوڻيون شامل آهن) سنڌي ٻوليءَ جي لغت جي خزاني کي ضايع ٿيڻ کان بچايو آهي. جيئن ته ٻوليءَ جي شروعات هر ٻار ماءُ جي طرفان ڪري ٿو ۽ عورتن وٽ ڪيترن ئي اهڙن لفظن جو استعمال هجي

ٿو جيڪي عام طور ڪاروباري، وهنواري ۽ ڪتابي ٻولين ۾ نہ ايندا آهن. اهڙا لفظ ۽ جملا گهرو زناني ماحول جو صدري خزانو آهن. وقت جي تبديليءَ سان اهڙن لفظن ۽ چوڻين جو استعمال هاڻي ختم ٿيندو پيو وڃي ۽ نئين نسل ۾ انهن کي ورجائڻ ۽ ڪم آڻڻ جو رجحان ڪونهي. جڏهن تہ اسان جي ليکڪائن جي فن ۾ گهڻن اهڙن لفظن، پهاڪن ۽ چوڻين جو استعمال ملندو، جنهن سان چئي سگهجي ٿو تہ هنن سنڌي ٻوليءَ جي نثر کي جيئاريو آهي.

(منهنجي پي.ايچ.ڊي جي تحقيقي مقالي ”سنڌي نثر جي تاريخ ۾ عورتن جو حصو“ مان ورتل هڪ مضمون، هيءُ مقالو ڪتابي صورت ۾ 2020ع ۾ پيڪاڪ پرنٽرز شايع ڪيو آهي.)

# نثر ۾ بياني اسلوب جي اهميت

نثر ۾ سهڻي بياني اسلوب جي وڏي حيثيت ۽ اهميت آهي. اهو تحرير جو اسلوب ئي آهي، جو ڪنهن ليکڪ کي ٻئي کان ممتاز ۽ منفرد حيثيت عطا ڪري ٿو. اسلوب ڇا آهي؟ انهيءَ لاءِ اهو چئي سگهجي ٿو تہ مصنف جو طرز تحرير/عبات آرائي يا ٻين لفظن ۾ بياني ڍنگ اسلوب بيان (Style) آهي. اسلوب ليکڪ جي ذات جو چٽو آئينو/شخصي عڪس آهي. انهيءَ کي وڌيڪ هن ريت سمجهي سگهجي ٿو تہ، مثال طور جيڪڏهن هڪ ئي موضوع تي مضمون لکڻ لاءِ ٻن الڳ علمي ۽ ادبي شخصيتن کي ڏنو وڃي تہ هر هڪ جو بيان جو طريقو الڳ هوندو ۽ انهيءَ جو سبب ان فرد جي علمي، ادبي سگهہ ۽ اهي شعوري ۽ لاشعوري قوتون آهن، جن تحت هو لکي ٿو. معنيٰ تہ هر ليکڪ جو مطالعو مشاهدو ۽ فڪري قوت سندس لکڻيءَ مان واضح ٿئي ٿي. جيڪا جدا جدا هجي ٿي. اسلوبِ بيان کي ٻن جزن خارجي ۽ داخلي ۾ ورهايو ويو آهي.

"Style is a Combination of Two elements the idea to be expressed and the individuality of the writer".

اسلوب جو خارجي مظاهر، ٻوليءَ ۾ گرامر جي پابندي، ترتيب ۽ آرائش ۽ ٻيون خوبيون آهي، پر داخلي ڪيفيتون بلڪل فطري آهن، جن ۾ مصنف جي ذهني سطح، ڪردار، قلبي قوتون، مزاج، تعليم ۽ طبعي رجحان شامل آهن. انهيءَ فطري ذات ۾ اظهار جو ايترو تہ مخصوص ۽ ذاتي جذبو شامل هوندو آهي، جنهن سان اسين ڪنهن لکندڙ کي ڄاڻون ٿا ۽ تحرير مان ئي سندس سڃاڻپ ڪري وٺون ٿا. هاڻي اسلوب جي خارجي ڪيفيت وڌيڪ آهي يا داخلي ڪيفيت جو پڙ ڳرو آهي؟ انهيءَ لاءِ اچو تہ ماهرن جي راءِ ڏسون.

ڊاڪٽر شمس الدين عرسانيءَ موجب تہ، **"اسلوب لکندڙ جي دل ۾ نہ هوندو آهي، بلڪہ لکندڙ جي دل هوندو آهي"**. (1) جڏهن تہ نورلهديٰ شاهہ اجا بہ اڳتي وڌي اسلوب جي فطري جاذبيت کي مڃتا ڏيندي لکي ٿي تہ، **"ليکڪ جي دل ان جي لفظ لکندڙ آڱرين ۾ بہ ڌڙڪندي آهي ۽ انهن لفظن کي ڏسندڙ اکين ۾ بہ"**. (2)

ڏنو وڃي تہ ليکڪ جي لکڻي سندس خيال ۽ فڪر جي نمائندگي ڪري ٿي، جنهن جو تعلق سڌو سنئون ادبي فن سان آهي ۽ ادبي فن جو معنويت ۽ مقصديت سان گهرو لاڳاپو آهي. انهيءَ لحاظ کان اسلوب جيترو داخلي ڪيفيت جو محتاج آهي، ايترو ئي خارجي مظاهر جي اصولن جو پابند بہ آهي. باقي اها بہ حقيقت آهي تہ موضوع ۽ مطلب مطابق اسلوب جي گهرج پيدا ٿئي ٿي. **"اسلوب جي باري ۾ هڪ خيال اهو بہ آهي تہ اسلوب جو معنويت سان پاڻ مرادو لاڳاپو آهي. ڪنهن بہ خاص خيال يا فڪر سان ان جي فني گهرج جو اسلوب ۽ اسٽائيل پاڻيهي اچي وڃي ٿو"**. (3) ڪنهن بہ ليکڪ جي لکيل ناٽڪن،

ناولن، افسانن، سفرنامن، خطن، مضمونن، مقالن، ڪالمن ۽ ٻئي نثر جي ڪم جي پرک ڪرڻ سان خبر پوي ٿي تہ هن مختلف صنفن جي فني گهرج مطابق لکيو آهي، پر تہ بہ سندس لکڻيءَ جي انفراديءَ خاص طرزِ ادا وري بہ قائم رهندي، جنهن ڪي اسلوب سڏبو آهي.

اسلوب جي باري ۾ اها چٽائي بلڪل ٿي چڪي آهي تہ اها لکندڙ جي بلڪل انفرادي (Individual) خاصيت آهي. پنهنجي فڪر ۽ خيالن جي پيش ڪرڻ جي ڍنگ (Technique of expression) ۾ انفرادي خاصيتون ڪنهن بہ شخص کي ٻئي شخص کان الڳ حيثيت ڏين ٿيون. (Uniqueness of the style) يعني اهڙيون خاصيتون، جيڪي ٻئي شخص ۾ نہ هجن يا خاص طرزِ تحرير. انيءَ "خاص طرزِ تحرير" ۾ ليکڪ جي ذهني اپروچ، جذبا، چاهہ، تجربا، مشاهدا، بلڪ باطن لفظن جي صورت ۾ سندس ذات جو مطالعو ٿي ظاهر ٿين ٿا. نثر ۾ هر موضوع پنهنجي مواد جي لحاظ کان جدا هجي ٿو. اهوئي سبب آهي، جو نثر جي مختلف صنفن جا اسلوب جدا جدا رنگ رکن ٿا. ناٽڪ، ناول، ڪهاڻي، مضمون نويسي، آتم ڪهاڻي، سفرنامو مطلب تہ هر صنف جي اسلوب جون گهرجون الڳ آهن. سنڌي نثر جي اسلوبن جي جائزي مان اها بہ خبر پوي ٿي تہ هر دور ۾ نثر جا مختلف اسلوب رهيا آهن. شروع دور ۾ دقيق نثر لکڻ کي موثر سمجهيو ويو پر ترت ئي شمس العلّماء مرزا قليچ بيگ جي ڪوشش سان سليس نثر جڳهہ والاري. **"سادي ۽ سلاست ڀري عبارت کي عام ڪرڻ ۾ مرزا قليچ بيگ جو وڏو ڪمال آهي. هن پنهنجي عبارت ۾ سليس نثر کي سڀ کان وڌيڪ جڳهہ ڏني".** (4) اهڙيءَ ريت سنڌي نثر جي اسلوب جي ترقي ۽ توسيع عمل ۾ آئي.

> **"سنڌي نثر ۾ ڪيترن ئي قسمن جا اسلوب ظاهر ٿيا آهن. ڪيترن ئي نثرنگارن پنهنجي غيرمعمولي صلاحيتن ۽ قوتن سان ادبي اسلوبن کي روان، هموار ۽ شائستہ بڻايو آهي".** (5)

ڏنو وڃي تہ اعليٰ نثر نويسن جي لکڻي ۾ وڏو ڪمال سندن عبارت جي دلڪش ۽ منفرد اسلوب جو آهي، جنهن سبب کين علمي توڙي ادبي حلقي سان گڏ عام مان پڻ پذيرائي ملي ٿي. اهڙا نثر نويس بيشڪ نثر جي مختلف صنفن ۾ ڪم ڪن تہ بہ سندن بياني انداز بلڪل بهترين ۽ اثرائتو هوندو آهي. اعليٰ ۽ پختي نثري اسلوب جي تخليق ۾ ذوق، هڪمنائي، غيرمعمولي فطري جاذبيت، ناهہ نوهہ کان پاڪ، سلاست ۽ صفائي ۽ ٻيون ادبي لياقتون هونديون آهن.

## حوالا


1. عرساڻي، شمس الدين ڊاڪٽر: "سنڌي نثر جي اسلوب جو ارتقائي خاڪو" (مقالو) تہ ماهي مهراڻ-3، 1968ع، ص-113.
2. نورالهديٰ شاهہ "ڪيڏارو" (ڪهاڻي ڪُليات) روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2004ع، ص-400.
3. فهميدہ حسين ڊاڪٽر: "ادبي تنقيد فن ۽ تاريخ"، سنڌ ادبي اڪيڊمي ڪراچي، 1997ع، ص-149.

4. مرزا، حبيب الله ڊاڪٽر: ”شمس العماء مرزا قليچ بيگ بحيثيت نثرنويس“ (پي.ايچ.ڊي جو اڻ ڇپيل مقالو) 1978ع، صـ 149.
5. عرساڻي، شمس الدين ڊاڪٽر: ”سنڌي نثر جي اسلوب جو ارتقائي خاڪو“، ٽه ماهي مهراڻ-3، 1968ع، صـ 113.

حصو ٽيون

## (منهنجا لکيل چند مهاڳ)

# سُکُ نہ ستا ڪڏهين

(عبدالحئي پليجي جو سفرنامو)

**ڪَرڪڻا لاهي، سُک نہ ستا ڪڏهين،**
**اوسيئڙو آهي، ڪاهوڙين کي پنڌ جو.**
(سر ڪاهوڙي، 1-25)

سفر ڪرڻ ۽ مستقل ۽ مسلسل سير ۽ سفر ڪري پنهنجي ذاتي مشاهدي ۽ بياني قوت سان علمي ۽ ادبي انداز ۾ پڙهندڙن سان پنهنجي تحريرن کي ڪتابي صورت ۾ ونڊ ڪرڻ سان "سفرنامو" تيار ٿيئي ٿو. سفرنامن مان پڙهندڙن کي سفرنامانگار جي مطالعي ۽ مشاهدي جي روشنيءَ ۾ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ جي شهرن، هنڌن، ماڳن ۽ ملڪن جي معلومات مهيا ٿئي ٿي.

هيءَ دنيا رنگ برنگي نظارن، عجائبن، ايجادن ۽ مختلف معلوماتن جي احوال سان ڀريل آهي. جنهن کي ڏسڻ سان وڏي عبرت ڀري ڄاڻ ملي ٿي ۽ اها ڄاڻ تحقيق سفرنامي جي وسيلي ئي عام پڙهندڙن تائين پهچي ٿي. هڪ لحاظ کان سفرنامي جي موضوع تي لکيل مضمون/مقالو/ڪتاب دنيا جي مختلف ماڳن ۽ ملڪن جي جاگرافيائي، تاريخي، موسمياتي، معاشي، صنعتي، تجارتي، زراعتي، علمي، ادبي ۽ سماجي حالتن جي خبر ڏئي ٿو.

علمي ۽ ادبي طور سفرنامي جي اهميت کان انڪار بلڪل نٿو ڪري سگهجي. سنڌي ٻولي ۽ ادب ۾ ڪيترائي سفرناما لکيل آهن ۽ ڪهڙن ملڪن بابت آهن اهو ذڪر مون پنهنجي ڪتابن ۽ مضمونن ۾ اڳ ۾ ڪيو آهي، پر ڏسڻو اهو آهي تہ ڪامياب سفرناما ڪهڙا آهن؟ ۽ اسان جي پڙهندڙن جي دلچسپي ڇا ۾ آهي ۽ انهن سفرنامن جو ادبي معيار ڪهڙو آهي؟.

"سفر يورپ جي ڊائري" قاضي عبدالمجيد جي خطن واري 1960ع جي سفرنامي کان 2020ع تائين سوين سفرناما لکيا ويا آهن. هر سفرنامي جو رنگ الڳ الڳ آهي. ڪريم ڏنو راڄپر، ڊاڪٽر سليمان شيخ، ڊاڪٽر فهميده حسين، وينا شرنگي، ڪلا پرڪاش، تنوير عباسي، الطاف شيخ، عبدالحئي پليجو ۽ ٻين ڪيترن جا سفرناما پڙهيا اٿم پر جيڪو پڙهڻ جو لطف تنوير عباسي، الطاف شيخ ۽ ادا عبدالحئي پليجو جي ڪتابن پڙهڻ ۾ آيو آهي، ايترو ٻين سفرنامن مان نہ آيو آهي. انهيءَ جو مون جڏهن تجزيو ڪيو تڏهن اها حقيقت آشڪار ٿيم تہ هنن تنهي سفرناما نگارن جا سفرناما مهذب ۽

ادبي ٻولي ۽ وسيع معلومات سان گڏ دنيا جي وڏي حصي بابت آهن. جن مان آئون سمجهان ٿي ته سڄي دنيا جي نه ته به مُنيءَ دنيا جي ملڪن جي خبرچار ملي ٿي.

هتي جڏهن محترم ياءُ عبدالحئي پليجو جي هن ادبي فن جي اپٽار ڪنديس تڏهن لامحالا اهو ضرور چونديس ته، سندس خيالن، علميت ۽ مشاهدي جو ڀرپور بياني احوال پڙهندڙن کي انهن ملڪن ڏي هلڻ لاءِ اُتساهي ٿو.

عبدالحئي پليجو صاحب جا سفرناما ته آئون ڪجھ عرصي کان پڙهندي اچان ۽ خاص طور مور ساگر جي ساحل پرنٽرز جي دوڪان تي ٿيل ساڻن ٿورين ملاقاتن کان پوءِ پاڻ چند ڪتاب مون کي پوسٽ ذريعي پڻ موڪليائين تقريباً سندن سڀ سفرناما مون پڙهيا آهن جن مان "هو جي وڻ ولات جا"، "ڏوريم ڏيساور"، "ڪجل پنل نيڻ"، "اتر لڳا آءُ پرين"، "ديس بديس"، "بندر مون ڏور ٿيا"، "تونئر تو آمريڪا"، "ٻنون تو توڪيو"، "پريان سندي پار ڏي"، "ڳر لڳي ڳالهيون ڪريون"، "ڪنواريون ۽ ڪنول"، "لنڊن جا ڏينهن اسڪاٽ ليند جون راتيون"، "عالمي عجائبات" ۽ ٻيا آهن.

سڀ ڪتاب معلومات سان ٽمٽار سمورا جا سمورا دلچسپ ۽ اڪثر ۾ تاريخ جي اوٽ ۾ ڏنل هنڌن جي ڄاڻ پڙهندڙن جي ذهني ۽ علمي سگهه وڌائڻ ۾ معاون آهن.. سفرنامن کان سواءِ پڻ سندن آتم ڪهاڻي (3 جلد) ۽ مضمون پڻ دلچسپ پيرايي ۾ لکيل آهن. پڙهيل ڳڙهيل، وڪيل ۽ پوءِ سرڪاري نوڪري ڪري زميندار سنياليندڙ ادا حئي پليجو پنهنجي سفر جو شغل سالن کان جاري رکيو آهي. سندس لاءِ سفر فقط وندر ورونهن ۽ خريداري ڪونهي پر تحقيق اهو سفر مطالعو آهي. فطرت جو ماڻهن جو ملڪن جو ماڳن جو مڪانن جو هُوهڪ اهڙو سياح آهي جو اڪيلو نٿو هجي پر ساڻس اڪثر سندن گهرواري ادي مومل يا ٻار پڻ هجن ٿا. انهيءَ ذمه داريءَ واري گهمڻ ڦرڻ ۾ به سندن نظر کان ڪابه شيءِ اوجهل نٿي ٿيئي. آئون سمجهان ٿي ته يقيناً پاڻ سفر دوران ڪي نڪتا نوٽ پڻ ڪندو هوندو جنهن جي ڪري ايترا سنا سفري احوال پنهنجي پڙهندڙن سان شيئر ڪري ٿو. سندس حافظو پڻ مظبوط آهي. شخصي طور پليجو صاحب نرم دل، قرباٽتوءِ پنهنجي ڪم سان ڪميٽيڊ هئڻ وارو ۽ سيني کي ڪم ايندڙ آهي.

منهنجي ادي مومل سان پڻ ملاقاتون ٿيل آهن، هڪ دفعو جڏهن ادا پليجو جي ڪتاب جو مهورت ممتاز مرزا آڊيٽوريم ۾ ٿيو جتي ادي مومل اسٽيج تي مهورتي تقريب ۾ ويٺل هئي پروگرام جي آخر ۾ ساڻن مليس ۽ هڪ دفعو ساحل پرنٽر تي ادا سان ملاقات ٿي تڏهن مون کي ڄاڻايائين ته،"مومل گاڏيءَ ۾ ويني آهي ادي توهان ملي وٺو"، آئون دوڪان تان نڪري اديءَ سان گاڏيءَ ۾ مليس مون کي احساس ٿيو ته ادا پليجو جي هيترن سارن سفرنامن لکڻ ۾ سندن گهرواريءَ جو مڪمل ساٿ آهي نه فقط سفر ڪرڻ ۾ پر سفرنامي جي وجود ۾ اچڻ تائين هوءَ ساڻن هرپل مڪمل طور نڀائي ٿي. ادي مومل کي جَسُ هجي جو ايتري گرميءَ ۾ ڪافي دير ٻاهر گاڏيءَ ۾ پليجو صاحب جو انتظار ڪيائين ته جيستائين مور ساگر کي پروف سمجهائي اچي. هتي اهو قول بلڪل سچ ثابت ٿيئي پيو ته،"ڪنهن ڪامياب مرد جي پويان هڪ عورت جو هٿ ضرور هجي ٿو". هُوءَ پنهنجي هن ڪاهوڙي وَرَ جي سفر کي سڦلتا عطا ڪندڙ رهي آهي ۽

پليجو صاحب اهو ڪاهوڙي آهي جنهن کي هر دم نئين سفر جو اوسيئڙو آهي، هُو سک واري پر ڪيف سفر ۾ پڻ جَستجوءَ سان سرگردان آهي، سندس مقصد ڌنڌل شين کي جيئن جو تيئن پيش ڪرڻ ناهي پر هو جتي جتي به ويو اُتي اُتي جي تهذيب، تمدن، ثقافت، ملڪن جون رسمون، رواج، نياءُ، انياءُ، غريبي اميريءَ جا تفاوت ۽ پيون حقيقتون هُن وڏي حوصلي سان بيان ڪيون آهن. عجوبا، اسرار، دلڪش نظارا، خوبصورت خوشبودار چشما، صاف ۽ شفاف سهڻن باغيچن جا منظر جن کي ڏسي فطرت جون حُسناڪيون سرور ۽ ڪيف بخشين، عام فهم پر ادبي لفظن ۽ جملن جي اُٽت سان پيش ڪري منظرن ۾ اهڙا رنگ ڀري ٿو پيري جو چڻ قاري سندس هم سفر آهي.

هن وقت منهنجي هٿن ۾ سندن ڪتاب ”دهلي ٿو سوئزرلينڊ وايا تاج محل“ جو مسودو موجود آهي. مون سڄو مسودو پڙهيو ۽ پروڙيو اها خبر پيم ته هن کان اڳ پڻ پليجو صاحب جن هندوستان تي دفعا وڃي چُڪا آهن ۽ جنهن جي بابت هڪ سفرنامو ”ديس بديس“ مون پڙهيو آهي جو مون کي انهيءَ وقت به ڪافي پسند آيو ۽ اڄ به سندن سفرنامن ۾ پسند ايندڙ سفرنامو اٿم. هاڻي هيءُ دهليءَ جي سفر کان شروع ٿيل سفر جو احوال جنهن جي پڇاڙي سوئزر لينڊ تي ٿيئي ٿي هڪ خالص معلوماتي سفرنامو شمار ٿيئي ٿو.

هندوستان ۾ 2004ع ۾ ٿيندڙ ڪانفرنس ۾ شرڪت جو هيءُ سفر هن پنهنجي گهرواري مومل ۽ نياڻي ڊاڪٽر پارس سان گڏ ڪيو جنهن ۾ ساڻن گڏ ٻيا اديب پڻ هئا. انٽر نيشنل سينٽر دهليءَ ۾ هي ڪانفرنس منعقد ٿي جا ٽي ڏينهن هلي جنهن ۾ ڪين سنين هوٽلن ۾ رهايو ويو ته چيتي چند جي ميلي ۾ پڻ شرڪت ڪيائون، راڳ رنگ جي محفل ۽ بعد ۾ سنڌي اديبن سان فوٽو سيشن ٿيا. اهڙيءَ ريت ٽيئن ڏينهن تي ڪانفرنس ختم ٿي، ان کان پوءِ سندن وقت پنهنجو هو جنهن ۾ خواجه نظام الدين اولياء جي درگاهه، غالب جو مزار، لال قلعو، آگري ۾ تاج محل، متِرا جو مندر، آرڪيالاجيڪل ميوزم، رنگ جي مندر، فتح پور سڪريءَ ۾ ٺهيل اڪبر بادشاهه جون تاريخي جڳهيون، درويش شيخ سليم چشتيءَ جي درگاهه، راڻي جوڌاٻاڻيءَ جي محلات ۽ دهليءَ ۾ جامع مسجد (شاهه جهان جي جوڙايل) اندرا گانڌي ميموريل، قطب مينار، وائسراءِ هائوس ۽ ٻيا هنڌ گهميا جن ۾ وائسراءِ هائوس ۽ تاج محل جو تفصيلي احوال ته خاص وڻندڙ آهي. تاج محل لاءِ ليکڪ لکي ٿو ته.

”تاج محل مڪمل طور سفيد سنگِ مر مر جو ٺهيل آهي، تنهن ڪري چوڏهين رات جو سُهائي دوران سندس تجلو ۽ جرڪو عجيب نوراني ڪيفيت برپا ڪريو ڇڏي، ڪوهيڙي واري صبح دوران جمنانديءَ جي مخالف ڪناري وٽان اهو فضا ۾ ترندو محسوس ٿيندو آهي. هن محل کي پنهنجي تعميراتي سونهن سبب اجان تائين ڪا شه ڪانه آئي آهي ۽ پنهنجي حسن و ڪمال ۾ اڄ به يڪتا آهي“.

دنيا جي هن اٺين عجوبي کي ڏسڻ ۽ سڄو آگرو، دهلي ۽ ٻيا هنڌ گهمڻ بعد پليجو صاحب جن واپس ريل رستي لاهور پهتا جتي هنن لاهور جي بادشاهي مسجد، شاهي قلعو، شاليمار باغ، نورجهان جو

مقبرو ۽ ٻيا هنڌ گهميا اهڙيءَ ريت واگها بارڊر ڪان دهلي وڃڻ، واپس لاهور پهچڻ تي دهليءَ جي هن سفر جو اختتام ٿيئي ٿو.

هن ڪتاب جو ٻيو ڀاڱو يورپ جي سفر تي آڌاريل آهي جنهن ۾ جرمنيءَ جي موٽروي وسيلي سوئزرلينڊ وڃڻ جو احوال آهي. سوئيزرلينڊ جو دنيا جي مهانگن ملڪن مان آهي. سوئيزرلينڊ جا شهر زيورڪ، لوسرن، انٽرليڪن ۽ ٻيا هنڌ پليجو صاحب پنهنجي گهرواريءَ ۽ فرزند نور محمد سان گڏ گهميا. هن سفرنامي جي آخر ۾ يورپ جي مشهور اديبن ۽ شاعرن جو ذڪر شانائتو ڏنل آهي.

دهلي تو سوئيزر لينڊ وايا تاج محل مختصر پر معلوماتي سفرنامو آهي جو سنڌي سفرنامن جي تاريخ ۾ جوڳي جاءِ والاريندو. ادا عبدالحئي پليجو کي هن نئين ڪتاب آڻڻ تي مبارڪباد ٿي ڏيان. شال پاڻ سٺيءَ صحت سان سفر جا آزموده ڪندا رهن ۽ سنڌي ادب کي نوان نوان سفرناما ڏيئي مالا مال ڪن.

**ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ**

جولاءِ 2020ع

A_03، ڏيپلائي ٽائون، حيدرآباد.

# سُٺ تنين جو سڦرو

جا سنهو نه سکي، سا مَر رنڍا ئي روڙي،
سُٺ تنين جو سڦرو، ويا ترازيءَ توري،
تلهي ۾ توري، ويچاريءَ سان وڙَ ٿيو.
(1-2 سر ڪاپائتي)

”پردا سپ پاسي ٿيا“، جي عنوان سان پروفيسر نورالصباح قاضيءَ جي آتم ڪهاڻيءَ جو مسودو مهاڳ لِکڻ لاءِ اڄ منهنجي هٿن ۾ پوسٽ ذريعي پهتو آهي، جنهن جو مونکي شدت سان انتظار پڻ هو ۽ بنا دير لکڻ شروع ڪيو اٿم. نورالصباح/ صبا جا منهنجي ڪاليج جي ساٿياڻي ۽ ساهيڙي آهي. جنهن سان سالن جو دوستيءَ جو ناتو آهي ۽ مون ئي ڪيس اصرار ڪري انهيءَ تي آماده ڪيو ته هوءَ پنهنجي آتم ڪهاڻي لکي. (ڇو ته منجهس لِکڻ جو ڏانءُ ڪاليج جي زماني کان ڏِٺو اٿم جنهن جي مونکي ڄاڻ آهي) پر هِن ڪسرنفسيءَ کان ڪم وٺندي چيو ته: ”پروين ! آئون ڪا ايڏي وڏي ليکڪا يا مشهور شخصيت نه آهيان جو آتم ڪهاڻي لِکان ۽ منهنجي آتم ڪهاڻي پڙهڻ لاءِ ڪنهن کي دِلچسپي ڇو ٿيندي؟!“ منهنجو مؤقف اهو هو ته: ”تون آتم ڪهاڻي لک ۽ بهترين لکي ويندين ۽ سڀ پڙهندا ۽ ضرور پڙهندا“ هِن کي مون کان سواءِ ٻين به اهو شوق ڏياريو پر درحقيقت سندس اندر جو اِهو لکڻ جو شوق ۽ جذبو هو جنهن جي ڪري ڇئن سالن جي محنت ڪانپوءِ اِهو ڪم پايهء تڪميل تي پُهتو آهي ۽ سڀ پردا پاسي ٿي ڪِتاب اوهان جي هٿن ۾ آيو آهي.

آتم ڪهاڻي تحقيق پنهنجي وقت جو هڪ تاريخي دستاويز آهي. جنهن مان لِکندڙ جي شخصي احوال سان گڏ سندس زماني جي فردن، وقت جي حالتن جي پروڙ پوَي ٿي. جارج برنارڊشا لکيو آهي ته:

The man who writes about himself and his own time is the only man who writes about all people and obout all times.

سو آتم ڪهاڻي نه فقط علم ۽ ادب جو حِصو آهي پر لکندڙ جي بيان ۾، ماڳن، مڪانن (جن سان سندس ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان تعلق رهيو آهي) سان گڏ انهيءَ دؤر جي سياسي، سماجي، قومي، معاشي، ثقافتي ۽ تاريخي حالتن جا عڪس پڻ پسجن ٿا.

آتم ڪهاڻي لکڻ ۾ سچو پچو احوال لِکڻ هڪ وڏي دِل گُردي جو ڪم آهي. علامه آءِ آءِ قاضي آتم ڪهاڻيءَ کي فقط ”سچ جي اُپٽار“ سڏي ٿو. هڪ رواجي پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو به جيڪڏهن سچ جي سُونهن ۾ ٻي ريائيءَ سان پنهنجي يادگيرين کي قلمبند ڪري ٿو ته وٽندڙ بيان سان اِهو هڪ دلپذير ڪِتاب شمار ٿي سگهي ٿو ۽ اُن جي برعڪس ڪو سائنسدان، سياستدان، سماجي ڪارڪن يا علم ادب ۽ آرٽ جو معروف شخص به جيڪڏهن پاڻ پڏائڻ، وڏائي ۾ هو پنهنجي ڪوڙي واڪاڻ واري ڪٿا لِکي عام جي اڳيان آڻيندو ته نه ڪو اُن کي پڙهندڙن وٽ مانَ مِلندو ۽ نه ئي اهڙيءَ تحرير جي ڪا اثر انگيزي پڙهندڙ تي

ٽيندي. اهڙي طرح سان ڪتاب جي موضوع کي پُڻ ڪاپاري ڏڪ لڳي ٿو.

آتم ڪهاڻيءَ جي صنف ادب ۾ سُکي هوندي به ڏُکي آهي. اهو ڪو رواجي ڪم نه آهي ۽ نه ئي هر ماڻهو انهيءَ کي لکي سگهي ٿو. امداد حسيني ته ايتريقدر چوَي ٿو ته: ”آتم ڪهاڻي لِکڻ جهڙوڪ پُل صراط ٽپڻ آهي“ (لڇمڻ ڪومل جي آتم ڪهاڻي ”وهي ڪاتي جا پنا“ جي مهورتي تقريب 2006ع ۾ چيائين) آتم ڪهاڻي هڪ شخص جو پنهنجي حياتيءَ ۾ پاڻ بابت لکيل احوال آهي، جنهن ۾ يقيناً مُڪمل زندگيءَ جو احاطو نٿو ٿيئي. پر انهيءَ جي باوجود به سندس لِکيل انهيءَ احوال مان هِن جي حياتيءَ جي ڪيترن ئي رُخن تي روشني پوَي ٿي، هو پنهنجي ۽ پنهنجي دوستن، مِٽن مائٽن ۽ گڏ ڪم ڪندڙن بابت جيڪا قلمي طور وندُ پنهنجي پڙهندڙن سان ڪري ٿو انهيءَ پڙهڻ سان نه فقط سندس سوچون، خيال، خواهشون، جذبا ۽ عمل سامهون اچن ٿا. پر بيا پُڻ انهيءَ مان گهڻو ڪجهه پرائين ٿا.

”پردا سڀ پاسي ٿيا“ هڪ محنتي شاگرد ياڻي، ذمه دار اُستاد، پرخلوص ۽ محبتي مزاج واري شخصيت جي زندگيءَ جي داستان آهي. مون هن داستان جو فقط مسودو نه پڙهيو آهي بلڪه خود ”صبا“ کي به پڙهيو آهي. سندس حساس طبيعت، اٽل ارادو، يادگيري ۽ حافظي جي قوت، ماڻهو شناسيءَ جو ذوق اعليٰ درجي جو آهي جو هر هڪ وٿ ڏِسڻ ۾ نه ايندو، خاص طور سندس ياداشت غضب جي آهي. سندس ئي ڏِنل شيخ اياز جي شعر موجب ته:

”اهي وِساريل ورق ماضيءَ جا، وريِ دِل تي تري آيا“

سو هِن بنا ڪنهن نوٽس ناهڻ جي ۽ ڪنهن به ڊائريءَ ۾ ڪي يادگيريون نه لکڻ جي باوجود ذهن تي زور ڏيندي پنهنجي چار سالن جي عمر کان جي ياداشت هڪ تسلسل ۾ آڻي اڄ تائين جا ويچار پنهنجي پڙهندڙن سان شيئر ڪيا آهن.

304 صفحن جي هن آتم ڪهاڻيءَ جا پنج باب آهن جنهن ۾ پهريون خانداني پس منظر، ٻيو جنم ڀومي ضلعي جو سماجي، سياسي ۽ علمي پس منظر باب ٽيون، جنم کان مئٽرڪ تائين جو احوال، باب چوٿون، زندگيءَ جي ڪاروهنوار ۾ ساٿ ڏيندڙ انسان ۽ پنجون ڪاليجي زندگيءَ کان تاحال جو احوال.

سندس ڏِنل ترتيب وڻندڙ آهي، پر جيڪڏهن انهيءَ ۾ باب چوٿون زندگيءَ جي ڪارهنوار ۾ ساٿ ڏيندڙ انسان، آخري باب هجي ها ته مئٽرڪ کان پوءِ ڪاليجي زندگي هڪ ساڳئي تسلسل ۾ اچي ها. پر ممڪن آهي ليکڪا جي يادن ۾ آيل اُهي واقعا وقتاً فوقتاً انهيءَ ريت آيا هجن جو هن انهيءَ ترتيب تحت لکڻ بهتر سمجهو.

هيءَ آتم ڪهاڻي ڪردارن ۽ فنون جا اڻ ڳڻت رُخ ڏيکاري ٿي. حياتيءَ ۾ ڪيترائي ڪِردار انسان جي سامهون ايندا ۽ ويندا رهيا آهن. جن مان ڪي ايترا ته مظبوط ۽ سگهارا هوندا آهن. جن جو ياداشت جي ڦرهٽي تان مٽجي وڃڻ ناممڪن هجي ٿو. نورالصباح جي زندگيءَ ۾ پڻ اهڙيون ڪيئن شخصيتون پنهنجو عڪس ڇڏي ويون آهن جي ڪائنس وِسري نه سگهيون آهن. اُنهن جيئرن جاڳندن، سگهارن ڪِردارن ڪيس دِلي ۽ دِماغي طور انهيءَ تي آماده ڪيو ته هوءَ سندن بابت قلم کڻي.

سندس هن ڪتاب ۾ محنتي ۽ محبتي استادن جي ڪثرت پسجي پئي، سندس پنهنجا اسڪول ۽ ڪاليج جا اُستاد جيئن دادي اربو دادي رضيه، دادي افضل، دادي اقبال، دادي ڊيلان، بدر قاضي (ڊاڪٽر قمر واحد جي پيڻ) آپا زينب قاضي، زبيده چاند، دادي ليلان هرچنداڻي، مس خالده خانم، آپا زبيده قادري، آپا قدسيه مفتي، آپا نجمه شيخ ۽ ٻيون هن، جيڪي هن ڪي ڪڏهن به وسري نه سگهيون آهن. سندس ڪاليج جي تعليم دوران جون ساهيڙيون رضيه، پري، ڊاڪٽر تهمينه مفتي، رخسانه قاضي ۽ ٻيون جن سان نورالصباح جو يادگار وقت گذريو ته اُنهن ڪاليجي ساهيڙين سان گڏجي ابنِ رشد ڪاليج ۾ سنڌي فنڪشن جو بُنياد پُڻ وڌائون. اهو ثقافتي سرگرمين جو قدم ميرپورخاص جهڙي ننڍي شهر ۾ سنڌيت ۽ قوميت جو اهڃاڻ ٿي ويو ۽ پوءِ اڪثر ڪامياب لطيف ڊي هن ڪاليج ۾ ٿيا. جن ۾ نورالصباح جي وڏي ڪنٽريبيوشن آهي، هن سنڌي نياڻين ۾ لڪيل ٽيلينٽ کي ٻاهر آندو. مونکي ياد آهي 1993ع کان 1998ع تائين آئون پڻ ميرپورخاص ۾ انهيءَ ڪاليج ۾ صبا سان گڏجي ڪم ڪندي هيس، تڏهن ڏِسندي هيس ته هوءَ شاهه عبداللطيف ڏهاڙي لاءِ وڏي محنت ڪندي هئي ۽ مون ۽ حميده کي انهيءَ لاءِ زور ڀريندي هئي، ته وڏيڪ ڏيان ڏيون پروگرام اهڙو ٿيئي جو ڪاليج ۾ ملهايل هفتي جو بهترين پروگرام ”لطيف ڊي“ ٿئي.

لغاري ڇوڪرين کان سنڌ جي نقشي واري رِلي اڳواٽ گهرائي رکندي هئي، اسٽيج کي سهڻين رِلين ۽ وڄڻين سان سينگاريندا هئاسين. شروع شروع ۾ ته آئون صبا جي چوڻ تي هلندي هيس جو هوءَ هيڊ آف ڊپارٽمينٽ هئي (حالانڪه انهي ۾ اها ڳالهه نه هئي) پوءِ مون کيس مشورا به ڏيڻ شروع (HOD) ڪيا ۽ آخري فنڪشن ۾ ڪي ميمڻ ڏيپلائي ڇوڪريون پُڻ آندم جن وٽ ڪاسمٽيوم به سُٺا هئا ته ايڪٽنگ به سُٺي ڪيائون ۽ صبا منهنجي ۽ حميده جي صلاحن کي مانَ به ڏيندي هئي. HOD تي ياد آيم جڏهن آئون حيدرآباد مان ميرپورخاص بدلي ڪرائي آيس، تڏهن مس ڪاظميءَ وٽ صبا مون کي وٺي هلي بلڪه هُن اسان کي گهرايو هو مون کي ڏِسي چيائين، ”آپ کونسی کلاس لیں گی“ مون صبا سان ڪو به مشورو ڪرڻ بغير ئي چيو ته ”مس بي اي فائنل“، ڇو جو حيدرآباد ۾ آئون بي اي کي پڙهائيندي هُيس. حلانڪه ڪاليج ۾ جونيئر ٽيچرز فرسٽ ايئر ۽ انٽر ۽ سينئر ٽيچر ڊگري ڪلاسن کي پڙهائيندا آهن ۽ ڪلاسز هيڊ آف دي ڊپارٽمينٽ کين ورهائي ڏينديون آهن. پر مون کي اِها خبر نه هئي سو نهه پهه خود ئي فيصلو ڪري جواب ڏئي ڇڏيم، مس ڪاظمي صبا ڏي مُشڪي نيهاريو پر شابس هجي نورالصباح کي هُن منهنجو اهوچوَڻ ذرو به مائنڊ نه ڪيو پاڻ خوشدليءَ سان چيائين ته ، ”ڀلي توهان بي اي کي پڙهايو آئون انٽر وٺنديس“. اهو احساس مون کي پوءِ اڳيان هلي ٿيو انهيءَ وقت ته آئون نئين نئين ليڪچرر لڳي هيس، انهن اصولن جي خبر ڪونه هئم پر جڏهن جاڻ پيم تڏهن نورالصباح جي مزاج ۽ سهپ جي قائل ٿيس. منجهس برداشت همت ۽ دوستيءَ جو جذبو اُتم آهي. باقي سو خود طرفان لاپرواهه رهي جو فنڪشنن جو فڪر رکي خود کي بيمار ڪري وجهندي هئي. بلڊپريشر هاءِ ٿي ويندو هئس. نورالصباح منهنجي ابنِ رشد ۾ اچڻ کان اڳ ۽ مون کان پوءِ به (آئون ڇهه سال رهيس)

جيڪي لطيف ڊي ڪراياسي انتهائي ڪامياب ٿيا. انهيءَ ڪان پوءِ ته اهڙا فنڪشن ڏسڻ ۽ ٻڌڻ ۾ ڪونه آيا. انهيءَ جو وڏو سبب سندس محنت، ادب ۽ ثقافت سان پيار ۽ ان جي مظبوط معلومات شاگرديائين جي پروگرام لاءِ چونڊ ۽ پنهنجي ڊپارٽمينٽ کان ڪم وٺڻ جي صلاحيت هئي.

سندس زندگيءَ ۾ اها ڳالهه اهم آهي ته هوءَ هر هڪ کي اهميت ڏيندڙ رهي آهي. جيڪا ڳالهه هن ڪتاب مان پُڻ بکي پئي. هِن ڪِتاب لکڻ ۾ صبا پنهنجي حياتيءَ ۾ آيل ننڍين وڏن سينن ڪِردارن کي ياد ڪيو اهي، عارف پٽيوالو سينيو ٽانگي وارو، نشاط اسٽوڊيو جو نذر پائي، مائي بادلي، امان جي، ڪستوري حليمه جي ماءُ، پياري چوهاڻ، پوڙهي شڪوري، ڪنڊپائي، هري رام، يارو خان، حُر تحريڪ جي بوا ڏاڏو سينٽ مائيڪل جون راهبائون، لطيفان ڊاڪٽرياڻي، زينت ٽالپر، ڊاڪٽر زبيده يوسف خواجه، بيگم رفيق، زبيده ريشمان، فنڪشن ۾ گهرايل خاص مهمان ۽ پروفيسر، ڊپٽي ڪمشنر منظر اڪبر، رفيعه منظر، ڪمشنر امتياز قاضي، پير مظهر الحق، شهناز مظهر الحق، پروفيسر امينا خميساڻي، پناهه علي شاهه، رضيه شاهه، آپا قمر ڪوڪر، آپا ممتاز مرزا، آپا رشيده حجاب، آپا مريم نوحاڻي، ضلعي ناظمه صغران جوڻيجو خوش بخت شجاعت ۽ ٻيا فرد جن سان ملاقاتون هيون، هن ياد رکيا آهن ۽ ڪاليج اسٽاف جتي سندس زندگيءَ جو وڏو عرصو گُذريو اهي به تقريباً سڀ دِل سان ياد ڪيا اٿس. پرنسپل مس سعيده ڪاظمي، مس فاطمه بخاري، مس اقبال ڏيٽو مس سهيله بخاري، شميم زيدي، عابده رحمان، رضيه آرائين، هدايت بلوچ، ڪشمير سومرو، سنڌي ڊپارٽمينٽ جون حميده قاضي ۽ پروين موسيٰ (راقم الحروف) ۽ ٻيون انهيءَ ۾ شامل آهن.

ميرپورخاص جا اسڪول هڊسن، دارالنسوان، سينٽ مائيڪل، پرتاب پون گرلز هاءِ اسڪول، ابنِ رشد ڪاليج ۽ ٻيون عمارتون اهڙيءَ ريت بيان ڪيل آهن. جڻ اسين اُتي موجود آهيون ۽ تحقيق منهنجو پنهنجو حياتيءَ جو ڪجھ حِصو انهن ئي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۽ ميرپورخاص جي ماڻهن سان گڏ گُذريو آهي، انهيءَ ڪري پڙهڻ ۾ لُطف آيم. ميرپورخاص فقط سنڌڙي انبن کان مشهور ڪونهي پر هتي جي ماحول ۾ ادب ۽ ثقافت جي خوشبو انبن جي خوشبوءَ کان به اثرائتي آهي، جا فقط مهينو/به مهينا نه پر سالن ۽ صدين کان قائم آهي. جِتي ڪيترائي اديب ۽ شاعر پيدا ٿيا ۽ ٿي رهيا آهن. جن مان چند جيڪي نورالصباح سان واسطي ۾ رهيا آهن. اُنهن کي هن بلڪل پيتا ڏِني آهي، جيئن آپا نجمه شيخ، ڊاڪٽر تهمينه مفتي، ڪشمير سومرو، حسينا ساند، امر سنڌو طاهره لغاري، گُلشن سنڌو سان گڏ مونکي ۽ ٻين کي ياد ڪيو اٿس.

تحقيق هيءَ آتم ڪهاڻي ڪِردارنگاري ۽ فنون جي بيان جي آتم ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ نورالصباح پاڻ سان لاڳاپيل فردن سان گڏ ٻين علم ادب جي شائقين ۽ فن جي شخصيتن کي مڃتا ڏِني آهي. سندس لکڻ جو نوع اثرائتو آهي، ڳالهه مان ڳالهه پيدا ڪيل آهي، جيڪو ڪتائي روپ هُن ڪتاب معرفت آندو آهي، انهيءَ سان پڙهندڙ خاص طور ميرپورخاص ۽ اُن جي آسپاس جي ماڻهن جي پڙهڻ ۾ دلچسپي قائم رهي ٿي. ڪتاب ۾ انيڪ شعر ۽ پهاڪا ۽ چوڻيون موقعي مطابق ڪتب آندل آهن، جن ٻين عورتن آتم

ڪهاڻيءَ جي صنف ۾ لکيو آهي، جيئن پوپٽي هيرانندڻي، غلام فاطمه شيخياڻي، ڊاڪٽر شمس عباسي، ڊاڪٽر سرلا ديوي، ريتا شهاڻي، وينا شرنگي، شبنم گل ۽ فاطمة الزهره (ڏيپلائي) جي آتم ڪهاڻين سان گڏ نورالصباح جي هيءَ آتم ڪهاڻي پڻ اسان جي عورتاڻي ادب ۾ هڪ اهم اضافو آهي. جنهن جي لاءِ آخر ۾ اهو چونديس.

ٻاريو اُجهائين، پرين اُجهايو ٻارين،

مون کي ٽا مارين، لُٽا لهارين جا.

نورالصباح اڄڪلهه بيمار رهي پئي ۽ ڪجهه نا اُميدي واريون ڳالهيون پڻ ڪري رهي آهي، ته الله ڪري هيءَ ڪِتاب ڇپيل صورت ۾ ڏِسان، سو منهنجي دِلي دُعا آهي ته رب ڪريم کيس مڪمل صحت مند حياتي عطا ڪري. هوءَ پنهنجي آتم ڪهاڻي بهترين ڇپيل صورت ۾ ڏِسي ۽ پنهنجي ساهيڙين سان شيئر ڪري، سندس اندر جي اُونهن جذبن ۽ وڻندڙ يادگيرين جي ڳانڍاپي هيٺ لِکيل هيءَ آتم ڪهاڻي انشاءَالله سنڌي علم ادب جي ميدان ۾ هڪ مستقل حيثيت ماڻيندي.

ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ

7_8_2020

# ٻه اکر جي بدران ٽي اکر
## (چيتن ميگهواڙ جو ڪتاب)

چيتن سان منهنجي پهرين ملاقات سنڌيونيورسٽي ۾ 2019-2-19 تي ٿي. مون ڏي ڏسي هڪدم چيائين، "مئڊم! آئون نه توهان جي ڳولها ۾ آهيان". پنهنجو تعارف ڪرائيندي چيائين، "مئڊم آئون چيتن ميگهواڙ آهيان. توهان ۾ ضروري ڪم آهي" مون ڪي سندس ڳالهائڻ جو انداز بلڪل فطري، سادو ۽ خلوص وارو لڳو مون فقط سندس ڪي آرٽيڪلز ڪاوش ۽ ٻين اخبارن ۾ پڙهيا هئا ۽ ايتري خبر هيم ته ادبي لڏي جو پاڻڊيئڙو آهي. سو مشڪي چيو مانس "چيتن آئون گم ڪونه ٿي آهيان جو منهنجي ڳولها پيو ڪرين چئو ڪهڙو ڪم آهي؟" حجت ڪندي چيائين "مئڊم منهنجي ڪتاب تي ٻه اکر لکي ڏيو. ٽائيٽل تي ڏيندس هڪدم موبائيل کولي ڪتاب جو ٽائيٽل ڏسيائين اهو به ڪو نه ڏٺائين ته مئڊم ها به ڪري ٿي يا نه؟ مون ڪي به سندس همٿ ۽ يقين جي قوت سني لڳي مون ڪي پڪ ٿي ويئي ته چيتن منهنجا ليک پڙهندڙ آهي ان ڪري ڪيس خبر آهي ته ڊاڪٽر پروين پنهنجي جونيئرز ڪي ۽ خاص طور شاگردن ڪي همٿائيندي رهندي آهي. ان ڪري جواب نه ڏيندي چيو مانس ته "ابا! مسودو کڻي اچجان لکي ڏيندي مانءِ. ٻن ڏينهن اندر چيتن، ڊيپلائي ميمڻ ڪالوني ۾ منهنجي گهر تي مسودي سميت موجود هو. ڪتاب جي مڪمل ٿيڻ ۽ ڇپجڻ لاءِ سندس جو شوق ڏسي دل ۾ خيال آيم ته، "قلم ۽ ڪتابن سان عشق رکندڙ هن نوجوان ليکڪ جا جذبا جوان آهن جهڙيءَ ريت ايمانداري ۽ لگن سان هو لکڻ پڙهڻ ڏانهن سنجيدگيءَ سان مائل آهي ته اهو ڏينهن پري ڪانهي جو سندس لکيل تحريرون مان نه حاصل ڪنديون.

"ڪوسو لڳي نه واءُ" سندس ٻيو ڪتاب آهي. پهريون ڪتاب "يادگيريون سنڀال ڪم اينديئي" يادگيرين تي مشتمل آهي. جنهن ۾ هن مختلف هنڌن تي سياسي جلسن، ڪانفرنسن، تعليمي ادارن جي فنڪشنن ۽ ٻين ادبي ميڙاڪن ۾ جيڪا شرڪت ڪئي انهن جو احوال آهي. "ڪوسو لڳي نه واءُ" پهرين ڪتاب جي ڇڻ موٽ آهي، جنهن ۾ چيتن جي شاگردن، دوستن، اديبن ۽ شاعرن جا سندس جي باري ۾ خيال ۽ پهرين ڪتاب بابت تبصرا شامل آهن.

"ڪوسو لڳي نه واءُ" هڪ طرح سان سندس ماءُ جي دل جو آواز آهي. جنهن ڪي پنهنجي پٽڙي جي خوشي، سوچن ۽ ارمان جي پروڙ آهي ۽ هن ماءُ ڪي چڱيءَ پر ڄاڻ آهي ته چيتن جي خوشي ڇا ۾ شامل آهي؟ ۽ ڪيس اها به خبر آهي ته هر لکندڙ ڪي پنهنجي لکيل تحرير جان ڪان وڌيڪ پياري هجي تي ۽ ماءُ جي حيثيت ۾ ڪيس وري چيتن جان ڪان پيارو آهي ان ڪري جاني ٻائي چيتن جي ٽڙيل پکڙيل قلمي سرمايي ڪي سانڍي رکيو سهيڙيو ۽ دل سان چاهيو ته اهو ڇپجي ميدان ۾ اچي ته جيئن هوءَ پنهنجي پٽُ ڪي سرهو ٿيندو ڏسي.

چيتن جي لاءِ اها وڏي خوش نصيبي آهي ته سندس ماءُ حيات آهي ۽ سندس خوشيءَ ڪاڻ دعاڳو آهي. عام طور اديب ۽ عالم جڏهن وفات ڪري ويندا آهن ته سندن پوئيرن مان ڪي سجاڳ انهيءَ قلمي

سرمايي کي زنده رکي ادبي پورهئي جي وارثي ڪندا آهن ۽ سندن نالي کي مانائتو ڪندا آهن. چيتن ان لحاظ کان نصيب دار آهي، جنهن کي لکڻ پڙهڻ لاءِ ماءُ جو ساٿ ۽ دُعا ملي. آئون هن ليک معرفت جاني ٻائيءَ جي ڪتاب سهيڙڻ جي محنت ۽ دلي شوق لاءِ کيس مبارڪباد ڏيان ٿي، هيءُ ڪتاب ماءُ جي دُعا آهي انشاءالله ضرور ڪامياب ٿيندو. چيتن جو اهو قلمي سفر جاري ۽ ساري رهندو.

**ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ**

A_03 ڏيپلائي ميمڻ ڪالوني حيدرآباد

24_2_2019

# احسان آڪاش جو قلمي سفر

## (ڪتاب پيچ ڊاهه)

نثر ۽ نظم ادب جون ٻه اهم شاخون آهن. نظم ۾ لفظن جا پوپل موتي گوهر جيان آهن ته نثر جو جلوو ۽ جمال سون وانگر آهي. نثري صنفن ۾ بيان ۽ موضوع جي چٽائي ۽ مواد جي موضوع سان موافقت اهم آهي. سڌن گفتن ۽ سريلن، سهڻن لفظن جو استعمال نثر جي اولين ضرورت آهي.

موجوده ڪتاب جنهن تي هي تاثر لکي رهي آهيان سو ادا احسان آڪاش جو نثري ٽڪرن تي مشتمل آهي. جو جنوري 2021ع جو نئون تحفو تي سنڌي ميدان جي نثر ۾ لٿو آهي.

احسان رضا 27 جنوري 1982ع تي خيرپور ناٿن شاهه ۾ غلام رضا گاڏهي جي گهر ۾ جنم ورتو. ڪِرت طور استاد جي مقدس پيشي سان لاڳاپيل احسان آڪاش شاعر پڻ آهي ته نثرنگار پڻ. گڏوگڏ پنهنجي قائم ڪيل احساس پبليڪيشن معرفت سنڌي ادب جي خدمتگار طور ڪتاب شايع ڪرڻ ۽ ”احساس مئگزين“ ذريعي ڪيترن ئي ليکڪن جو پورهيو اسان جي اڳيان آڻي رهيو آهي. هيسيتائين احساس مئگزين جا 24 شمارا شايع ڪري چڪو آهي ته تقريباً ٽيهارو کن ڪتاب پڻ پنهنجي ڇپائي جي اداري مان شايع ڪرائي پڙهندڙن تائين پهچايا اٿس.

”پيچ ڊاهه“ ڪتاب نثري ٽڪرن تي مشتمل آهي. جن جا موضوع” زندگي، خواب، سياست، هُڳاءُ، سگهه، ننڊ، پيسو، خواهش، حرص ۽ مفاد، تصويرِ زندگي، مايا، هڪ سوچ، دوست ۽ فنڪار، لفظ، ذهني غربت، ماڻهن جو هڪڙو قسم هي به آهي، پيچ ڊاهه، ياد، محبت، فطرت، مثبت سوچ بيا آهن“. جي انساني روين، عملن، خواهشن ۽ سوچن بابت ليکڪ جا ويچار آهن.

مثبت رُخ يا هاڪاري سوچ بابت ليکڪ لکي ٿو ته: ”هڪ سِڌي ۽ مثبت رُخ ۾ اوهان جو ڪيل ڪم هڪ نه هڪ ڏينهن ضرور سڦلتا ماڻيندو. سامهون واري جي ڪم ۾ ڪيترا نقص آهن؟ ان ۾ ڪهڙا گُڻ آهن؟ اهڙي سوچ کي ننڌي ڪري صرف پنهنجي حصي جي ڪم تي ڌيان ڏئي اڳيان وڌندڙ پنهنجي منزلِ مقصود تي ضرور رسندا آهن. مسلسل محنت، جاکوڙ ۽ سچائي جي جذبي تحت ڪم ڪرڻ سان اوهان سماج ۾ هڪ سٺي ۽ معياري ساک ضرور ٺاهيندا...“

لفظ جي اهميت ڳالهائڻ ۾ ڪيتري آهي اهو هرڪو سمجهي ٿو پر احسان آڪاش فقط ٻن سٽن ۾ اهو نڪتو هن ريت چٽايو آهي. ”لفظ هميشه مٺا ڳالهايو. جيڪڏهن اهي لفظ اوهان کي ڪڏهن واپس ورڻا پون ته ڪڙا نه لڳن ....!“

احسان جو لکڻ جو سفر جاري آهي. هن ڪتاب کان اڳ هو ست ڪتاب گڏيل شاعري ۽ ڪهاڻين جا ترتيب ڏئي چڪو آهي. دعا آهي ته رب پاڪ کيس سندس قلمي سفر ۾ ڪاميابيون عطا ڪري. آمين.

# مهاڳ: پئي پراڻو نہ ٿئي
## (اعجاز ممنائي جو ڪتاب اندر جا اندوھ)

اعجاز علي ميمڻ " اعجاز ممنائي " جي فون آئي تہ "ادي توهانجو نمبر راهب علي لاڙڪ کان مليو اٿم توهانجا ڪيترائي لطيفي مضمون "عبرت" معرفت پڙهيم ۽ توهانجا ڪيترائي ڪتاب پڻ ڇپيل آهن سو ارادو ڪيم تہ لطيف سرڪار تي پنهنجي لکيل پهرئين ڪتاب جو مهاڳ توهان کان لکرايان مون مسودو اوهان جي گهر جي ايڊريس تي پوسٽ ڪري ڇڏيو آهي مهرباني ڪري ٻہ اکر لکي ڏيندا"

مون ورندي ڏني مانس تہ ادا لطيف سائينءَ تي لکندڙن، پڙهندڙن، هنئين سان هنڊائيندڙن، شاھ جي شيدائين جي لاءِ منهنجي دل ۾ وڏي عزت ۽ احترام جا جذبا موجود آهن ھيءُ ڪو معمولي ڪم نہ آهي توهانکي اڳواٽ هي ڪتاب لکڻ تي مبارڪباد هجي جيئي لطيف، جيئن لطيف سرڪار جا پارکو ۽ پانڌيئڙا...

اڄ پنهنجي ڪمٽمينٽ تي قائم رهندي هن مسودي تي مهاڳ لکڻ ويٺي آهيان

”شاھ عبداللطيف ڀٽائي سنڌ ڌرتيءَ جو اهڙو لازوال اڻمله واحد شاعر شمار ٿئي ٿو جنهن بابت گهڻو ڪجھ لکيو ويو آهي ۽ گهڻو ڪجھ لکيو ويندو سنڌس فن اڄ بہ جرڪي پيو تہ ايندڙ وقت ۾ پڻ قائم ۽ دائم رهندو“ پنهنجي ئي لکيل مٿين جملن تي سوچيان پئي تہ آخر انهيءَ جو سبب ڇا آهي اهو سوچڻ ۽ غور و فڪر ڪرڻ جو هنڌ ضرور آهي تہ شاھ جي رسالي جي قائم ۽ دائم رهڻ جا ڪهڙا سبب آهن؟

سنڌس شاعري آفاقي شاعري آهي سنڌي ٻوليءَ جي لغت جو اڻ کٽ خزانو آهي سنڌ جي ڪلاسيڪل داستانن جي شاعريءَ جو حسين ورجاءُ آهي علم عقل ۽ عرفان جو سمنڊ آهي هيٺن جي همراهي آهي. سنڌي عورت جي پاسخاطري آهي، روحاني راز آهي، اندر جو اسرار آهي، ڇا ڇا نہ آهي هن شاعريءَ ۾؟ هر پاسي کان هن خزاني کي پلٽايو ويو آهي تہ هر پاسي کان نوان نوان گوشا ظاهر ٿيا آهن جڻ ائين لڳي ٿو تہ هيءُ شاعر هر وقت جو، هر دؤر جو هر صديءَ جو، هر ساعت جو آواز آهي سنڌس ئي لفظن ۾ تہ، **”وڪر سو وهاءِ جو پئي پراڻو نہ ٿئي“**

آءٌ سمجهان ٿي تہ هن لازوال شاعريءَ جي صدين کان قائم ۽ دائم هئڻ جي انيڪ سببن ۾ هڪ سبب اهو بہ آهي تہ هي وکر پراڻو ٿيندڙ نہ آهي ۽ نہ ئي ان جي واپرائڻ سان گهٽجڻ ۽ ضايع ٿيڻ جو امڪان آهي بلڪه هر دور ۾ جديد آهي اسين ڀلي هن کي وقت جي حساب سان قديم ۽ ڪلاسيڪل شاعري شمار ڪريون پر غور سان ڏسون تہ هيءَ شاعري هر دؤر جي جديد شاعري آهي هر لحاظ کان پڙهڻ ۾ نت نئين لڳندي ۽ پڙهندڙن جي دل ۽ دماغ جا گوشا مختلف ڏسائن کان روشن ڪندي سماج جي هر فرد کي پاڻ ڏي ڇڪيندڙ آهي.

اعجاز ممنائي لطيف سائينءَ جي ڪلام جي اپياس مان چا پرايو آهي ۽ انهيءَ کي پنهنجي قلم وسيلي لفظن جو روپ پارائي ”اندر جا اندوهه“ ڪتاب ۾ ڪهڙي ريت پيش ڪيو آهي اها راءِ پڙهندڙ ئي ڏيندا پر جيئن مون هن مسودي جي ورق گرداني ڪئي آهي مونکي سندس پيش ڪيل موضوع ڪارائتا لڳا آهن ته انهن موضوعن تي سندس سوچون ۽ ويچار وڻندڙ محسوس ٿيا آهن هن جن به موضوعن تي لکيو آهي انهن مان ڪجهه تي اڳ ۾ پڻ لکجي چڪو آهي پر جيئن ته هرهڪ ليکڪ جو ساڳئي موضوع تي نقطئه نظر الڳ الڳ هجي ٿو انهيءَ لحاظ کان انهن موضوعن جي افاديت پنهنجي جڳهه تي مسلم چئبي ”اندر جا اندوهه“ ڪتاب ۾ ڪل 34 مضمون ڏنل آهن جن مان ڪي لطيف سائينءَ جي رسالي جي سُرن بابت آهن جيئن سر يمن ڪلياڻ، سر ڪنيات، سر سريراڳ، سر ڪوهياري، سر سهڻي، سر ڪاهوڙي، سر مومل راڻو ۽ سر ڏهر آهن شاهه سائينءَ جي قلمي نسخن تي پڻ نظر وڌل آهي ڪربلا جي واقعي کي ”ڀٽائي ڪربلا جو حقيقي عزادار“ جي عنوان سان سر ڪيڏارو جي بيتن ۽ مفهوم سان پيش ڪيو آهي شاهه سائينءَ وٽ چرخي چورڻ جو سبق (ڪاپائتي) جي حوالي سان پڻ هڪ سٺي ڪاوش آهي ته ڪانگ ملڪي معاملن جو سفير يا پکين جي پريت ۽ ڀٽائيءَ جو ڪلام پڻ شاهه جي رسالي ۾ آيل پکين جي ذڪر بابت سهڻا مضمون آهن شاهه جي شاعريءَ ۾ اکين جو تذڪرو يا شاهه جي ڪلام ۾ زبان جو ذڪر اهميت جوڳا مضمون آهن شاهه ڀٽائيءَ جو صوفي فڪر ۽ فلسفو شاهه ڀٽائي دعائن جو در مضمون پڻ پنهنجي موضوع ۽ مواد جي هڪ جهڙائي کان نهايت ئي وڻندڙ آهن ليکڪ لکي ٿو ته ”لطيف سرڪار وٽ پنهنجي ديس، سنڌ ڌرتيءَ جو درد به پختو ۽ پڪو نظر اچي ٿو هُو پوري عالم جو دعاڳو آهي ڇو ته پاڻ امن پرست آهي هو نفرت کان ڪنارهه ڪش آهي هن کي پوري دنيا ۾ ڦهليل خشڪ سالي نه ٿي وڻي هُو اهو نه ٿو چاهي ته خدا جي رحمت زحمت ۾ داخل ٿي وڃي انڪري سر سارنگ جي طويل بيت ۾ پوري عالم لاءِ آخر ۾ دعا جا ڪلما هن ريت بيان ڪيا ئين

**سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار**

**دوست تون دلدار عالم سڀ آباد ڪرين**

جڏهن سندس دعائون اگهي وڃن ٿيون ته مينهن جي پالوٽ سبب سڀ تر ترايون پرجي وڃن ٿيون هاري هر سنباهين ٿا پڻن مان ڪستوريءَ جي خوشبوءِ اچي ٿي سنگهاريون پره ڦٽيءَ جو مکڻ پيون ولوڙين ۽ ڏاڍو خوش پيون ٿين مطلب ته لطيف سرڪار هر انسان جا ڏک سک پنهنجي شاعريءَ ۾ بيان ڪري سچ پچ ته وڏو ڪمال ڪيو آهي انهيءَ نُڪتي جي وضاحت ۾ اعجاز ممنائي ٻيا بيت پڻ ڏنا آهن.

اعجاز ممنائي شاعر ۽ نثر نگار آهي ۽ خاص طور تي مضمون نويسيءَ ۾ سندس ڪم موجود آهي 50 کن لطيفي مضمون ۽ مقالا لکيا جن مان ڪجهه ثقافت کاتي طرفان شايع ٿيل ڪتابن ۾ سر ڪوهياري سر آسا ۽ سر پرڀاتي ۾ شامل آهن ان ڪانسواءِ ڪيترين ئي اخبارن ۽ مئگزينن ۾ سندس تحريرون شايع ٿينديون رهن ٿيون جن جو خاص موضوع ملڪي حالتون بزرگ هستين ۽ شاعرن تي تحقيقي ڪم آهي جنهن مان يقيناً ٻيا پڻ سهڻا ڪتاب ڇپجي ظاهر ٿيندا سندس لکڻ جو پنڌ اڃان جاري آهي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي آفاقي شاعريءَ کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي سلسلي تحت لکيل ”اندر جا اندوهه“ ڪتاب پٽ ڏٽيءَ جي سدا حيات شاعريءَ جا ڪيترائي رخ ظاهر ڪري ٿو جن مان هن لاکيڻي شاعر جي وسيع القلبي، وسيع النظري، ڪائناتي مطالعي سان گڏ ڌرتيءَ واسين لاءِ پيار جو پيغام ظاهر ٿيئي ٿو.

**ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ**
13 جنوري 2021ع
اي–03، ڊيپلائي ٽائون، حيدرآباد

# اوڀارا عبير جا

يوسف سنڌي جو نالو سنڌي ادب ۾ وڏي وٺ قرار ڏنو وڃي ٿو. هن جاکوڙي اديب پنهنجي محدود وسيلن هوندي ادب توڙي اديبن جي وڏي خدمت ڪئي آهي. ذاتي طور نهنو، هڏڏوکي ۽ مددگار انسان آهي. هو هميشہ انڪساريءَ کان ڪم وٺندو آهي. وٽس نہ وڏائو آهي نه ٺاهه ٺوهه. سندس حياتيءَ جو مقصد فقط ۽ فقط سنڌ، سنڌ واسين ۽ سنڌي علم و ادب جي خدمت ڪرڻ آهي. سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي سيڪريٽري جنرل جي حيثيت سان پڻ يوسف ڪافي خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. سڄي سنگت کي گڏ کڻي هلڻ ئي سندس مشن آهي، پاڻ مسقل ۽ مسلسل لکندڙ اديب آهي.

# سهڻي منهنجي سنڌ

هيءَ دنيا رنگ برنگي نظارن، عجائبن، ايجادن ۽ مختلف معلوماتن جي احوالن سان ڀريل آهي ۽ انهيءَ احوال کي معلوم ڪرڻ سان وڏي عبرت ڀري ڄاڻ ملي ٿي. دُنيا جي مختلف هنڌن، ماڳن ۽ ملڪن جي جاگرافيائي، تاريخي، موسمياتي، اقتصادي، صنعتي، زراعتي، علمي ادبي ۽ سماجي حالتن جي ڄاڻ ملي ٿي.

سفر ڪرڻ سفرنامو لکڻ ٻہ الڳ الڳ لقاءُ آهن. دُنيا ۾ هزارين لکين ماڻهو ڏيهہ ٽوڙي پرڏيهہ سفر ڪندا رهن ٿا، پر اُهي سڀ سفرناما نٿا لکن. سفر ڪرڻ ۽ اُن جون ڀوڳنائون ۽ گهرا مشاهدا ڪاغذن جي ڪينواس تي پنتقل ڪرڻ سان ڪتابي صورت ۾ سفرنامو وجود ۾ اچي ٿو جنهن جو لکندڙ سفرنامانگار طور مشهور ٿئي ٿو.

محمد رمضان جوڻيجو جي گهر بدين ضلعي جي ڳوٺ ميون ملوڪ ۾ جنم وٺندڙ مور ساگر جي ادبي سڃاڻپ شاعر، مضمون نگار ۽ سفرنامانگار طور رهي آهي. هاڻي ته هو باقائدي سفرناما لکندڙ طور سامهون اچي رهيو آهي. ”حيدرآباد کان هنزه تائين“ سندس پهريون سفرنامو 2014ع ۾ ڇپيو. انهيءَ کان پوءِ ملائيشيا ملڪ جو سفر ”موراِن ملائيشيا“ 2018ع ۾ ڇپيو. ٽيون سفر پنهنجي سنڌ وطن جو ”زندگي جا پل مون جي گهاريا سنڌ ۾“ 2021ع ۾ ڇپيو هاڻي هي چوٿون سفرنامو ”سهڻي منهنجي سنڌ“ جو اوهان جي هٿن ۾ آهي، اُهو بہ سنڌ جي سفر جو ڀاڱو ٻيو آهي ۽ اجان وڌيڪ سنڌ جي سفر جا ڀاڱا اچڻا آهن. سندس لکيل سفرنامن کي پڙهندڙن پاران سُٺي موٽ ملي رهي آهي.

”سهڻي منهنجي سنڌ“، عنوان مطابق سنڌ جي اهم جڳهين، گورک، منصوره، هالا، سيوهڻ، اڇڙو ٿر، ميرپورخاص، عمرڪوٽ، ماتلي، بدين جي ڪيترن اهم ماڳن مڪانن، مسجدن، درگاهن، لائبريرين سان گڏ مُلھ مهانگن ماڻهن سان ملاقات ڪرائي ٿو. سندس اندازِ بيان دلچسپ، سادو ۽ روانيءَ وارو آهي. آئون سمجهان ٿي، مور ساگر جا سفرناما سنڌي سفرنامن ۾ سُٺي جڳهہ والاريندا.

**ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ**

حيدرآباد

# مهاڳ

زاهد حسين سومرو جي ڪتاب ”پنکڙيون گلاب جون“ جو مسودو مون کي اديءَ ثمينه طرفان پوسٽ ذريعي مليو ۽ سندس فون به آئي. چوڻ لڳي ته. ”ادي هي ادا زاهد حسين مون کي مهاڳ لکڻ لاءِ ڏنو آهي پر جيئن ته آئون ڪتاب جي پروفائيلز ۾ شامل آهيان ان ڪري بهتر سمجهيم ته توهان کي Request ڪيان ته توهين مهاڳ لکي ڏيو. آئون ته ادا زاهد کي سڃاڻندي ئي ڪانه هيس پر ادي ثمينه جي چوڻ تي هامي ڀري ورتي جو مسودو اٿلائڻ سان خبر پيم ته اهو ته عورتن جي فن بابت آهي ته هيڪاري جواب ڏيئي ڪانه سگهيس. جو آئون پاڻ ڪيترن سالن کان سنڌي عورتن جي فن کي مڃتا ڏيئي رهي آهيان ) هن ڏس ۾ عورت ڪهاڻيڪارن جي چونڊ ڪهاڻين جو ڪتاب ”سون ورنيون سوڊيون “تحقيق ۽ ترتيب ڏئي شايع ڪرايم جنهن جي ٽائيٽل تي سنڌ جي نقشي ۾ عورت ڪهاڻيڪارن جا فوٽو آهن ۽ انتساب محترمه شهيد بينظير ڀٽو جي نالي آهي. چاليهن چونڊ ڪهاڻين تي هي ڪتاب 2008ع ۾ شايع ٿيو ۽ هند ۽ سنڌ ۾ يڪسان مقبول پيو ۽ ايوارڊ مليا. ان ڪانسواءِ 2012ع ۾ ”سنڌي نثر جي تاريخ ۾ عورتن جو حصو“ پي ايچ ڊي جو مقالو شامل ڪري ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ورتم جنهن ۾ پڻ 1947ع کان اڳ ۽ پوءِ جي عورتن جي نثري ڪم جي ڪٿ ٿيل آهي. اهو مقالو 2020ع جي ڊسمبر ۾ شايع ٿيو ۽ 2001ع ۾ انجمن ترقي پسند مصنفين ۽ انسٽيٽيوٽ آف سنڌاالاجي کان بهترين تحقيقي جو ايوارڊ حاصل ٿيو آهي .)حاصل مطلب ته هي منهنجو پسنديده موضوع رهيو آهي. انهيءَ ڪري هن مسودي تي لکڻ جو دلي ارادو ڪيم پر اتفاق اهڙو ٿيو جو مون کي ڪووڊ جي وبا سبب ايتري تڪليف درپيش آئي جو نومبر 2020ع جي بيمار ٿيل اڄان هاڻي ڪجه بهتر ٿي آهيان. لکڻ جو هاڻي شروع ڪيم ته ڪتاب ۾ ڪجھ خاميون پڻ ڏسڻ ۾ آيون. ليڪڪ جو نمبر به مون وٽ نه هو. ادي ثمينه کي فون ڪري چيم ته ادي هي ڇا؟ توهان ته وري پڇا ئي ڪونه ڪئي نه ئي ادا زاهد جو نمبر ڏنو. هوءَ به گهڻن ڪمن ۾ هن مسودي کي وساري ويٺي هئي. حالانڪ ٿيندو ائين آهي ته مهاڳ لکرائڻ وارا چڱو خاصو لکندڙ سان واسطي ۾ ايندا آهن. ڪي ته اهڙا به لکندڙ هجن ٿا جي مسودو رکيو ڇڏين پر آئون ادب ۾ حوصله افزائيَءَ جي قائل آهيان. آئون سمجهان ٿي ته لکندڙ پنهنجو رت ست ولوڙي ئي ڪا شيِءِ اسان جي اڳيان آڻي ٿو. ڪيس appreciate نه ڪرڻ يا دڳ نه ڏسڻ انتهائي غيرواجبي رويو آهي. منهنجي پنهنجي سينئرز ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ڊاڪٽر فهميده حسين، ڊاڪٽر ادل سومرو، ڊاڪٽر اياز گل، ڊاڪٽر نورافروز خواجه ۽ ٻين ڪيترن مون کي همٿايو. پنهنجي چاليهن سالن جي ادبي پورهئي ۽ 15 ڇپيل ڪتابن کي جڏهن ڏسان ٿي تڏهن انهن سيني سينيئرز جو هٿ پنهنجي مٿي تي محسوس ڪندي آهيان .مون ادا زاهد کي فون ڪئي ۽ ڪينِ هن ڪتاب بابت مشورا به ڏنا ۽ چيم ته جنوري جي 10تاريخ تي مهاڳ لکي ڏيندس. سندس هڪ ڪتاب ”ڪٺا منجھ قرار“ اڳ ۾ ڇپيل آهي جنهن ۾

سندس اسڪول جي استادن جا پروفائيل آهن بلڪه هڪ لحاظ کان اها ان اسڪول جي علمي حالتن جي تاريخ آهي. اهو ڪتاب ڇپجي ميجتا ماڻي چڪو آهي. هي سندس ٻيو ڪتاب آهي جو ساهتي پرڳڻي يعني شهيد بينظير آباد (نوابشاهه) ۽ نوشهروفيروز ضلعي جي علمي، ادبي، سماجي ۽ سياسي عورتن (شخصيتن جي سوانحي خاڪن تي مشتمل( احوال آهي .سوانحي ادب جنهن ۾ سوانح عمري، آتم ڪهاڻي، خاڪا، روزنامچا شامل آهن، جي دنيا جي هر ادب ۾ وڏي اهميت آهي. سوانح عمري ۽ خاڪو ڪنهن به فرد واحد جي شخصي ڄاڻ بابت احوال آهي ته خط ۽ ڊائريءَ آتم ڪهاڻي، جو لکندڙ پنهنجي ذات جي باري ۾ احوال لکي ٿو. ڏٺو وڃي ته سنڌي ادب جي شروعات کان ئي سوانحي ادب کي اهميت مليل آهي .مير شير قانع ٺٽوي ) فارسيءَ ۾ لکيل سندس ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيا(. شيخ محمد ابراهيم خليل، دين محمد وفائي، پير حسام الدين راشدي، جي ايم سيد، ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، غلام رباني آگرو ۽ ٻين ڪيترن جي لکيل سوانحي ڪتابن سنڌي ادب جي تاريخ کي هٿي ڏني آهي. هن ڏس ۾ ادبي تاريخون، ايم فل ۽ پي ايچ ڊي جا مقاال پڻ اهميت جوڳا آهن. ان ڪانسواءِ شخصي احوال تي مبني مڪمل پڻ ڪيترائي ڪتاب ملن ٿا. جن جو مطالعو ڄاڻائي ٿو ته انهن شخصيتن پنهنجيون حياتيون ڪهڙيءَ ريت ڪامياب ڪيون. تعليم، فن ۽ سماجي خدمتن ذريعي ڪيئن پنهنجي ناماچاري قائم ڪئي. اونچن آدرشن تي عمل پيرا ٿيا چڱن ارادن ۽ چڱن عملن سان ۽ اهو سڀ جڏهن ڪتابي صورت ۾ محفوظ ٿي پڙهندڙن سامهون اچي ٿو تڏهن قاري المحاله اهو سوچڻ تي مجبور ٿو ٿي وڃي ته ”واهه ڇا ته هيءَ باشعور فرد هو/آهي. جنهن سماج جي ڀليءَ اوسر ۾ واقعي پاڻ پتوڙيو آهي“. منهنجي خيال کان هيُءَ ڪتاب انهيءَ ئي مقصد کي آڏو رکي لکيو ويو آهي. مقصدي طور تي هن ڪتاب کي عمل ۾ آڻيندي، ليکڪ ادا زاهد سومرو صاحب سنڌي عورت جي علم، فن، سمجهه، همٿ ۽ محنتن کي ميڃيو آهي .زاهد سومري کي شاباس هجي جنهن هيُءَ ڪشالو ڪاٽيو آهي. سنڌ جي هڪ اهم خطي ساهتي پرڳڻي جي تعليم يافته عورتن جي نمائندگي ڪئي آهي. سنڌي ادب جي وسعت ۾ هن خطي جي جن عورتن جو حصو آهي انهن مان 46 ليکڪائون جيئن ڪلا پرڪاش، ڊاڪٽر تهمينه مفتي، ڊاڪٽر اُمِ ڪلثوم شاهه، قمرالنساءِ جوکيو سنڌيا شاهه، ماهين هيسباڻي، حسينه ساند، ثمينه ميمڻ، ڄام صنم سنڌي، شبانه عالماڻي، سدرت المنتها شاهه، سنڌو نواز گهانگهرو، مخدوم آسيه قريشي ۽ ٻيون آهن جن مان ڪيتريون ته منهنجيون پنهنجيون فرينڊس آهن ۽ سندس ڪم جي مون کي ذاتي طور ڄاڻ آهي. آئون سمجهان ٿي ته اهو انهن جو حق هو جو ڪين هن ڪتاب ۾ آندو ويو. سماجي ۽ سياسي شخصيتن ۾ 16 عورتن جا پروفائيل آهن جيئن ڊاڪٽر شمشاد اختر ڏيٿو، ڊاڪٽر عذرا پيچوهو، فريال ٽالپر، غزاله چنڙ، قمرالنساءِ ڏامراهه ۽ ٻيون آهن. دولتپور ۽ پسگردائي جي سڄاڻ عورتن کي به نه وساريو ويو آهي جنهن ۾ حميدهه اوٺو، ڊاڪٽر فاطمه ملاح، انجنيئر سورٺ ٻرڙو ۽ ٻيا ڪل 8 خاڪا ڏنل آهن. پوري ڪتاب ۾ 70 سوانحي مضمون/ خاڪا آهن جي سنڌي عورت جي باشعور ۽ حوصله مند هئڻ جو يقين ڏين ٿا. اهي پروفائيل اهو ڄاڻائين ٿا ته اڄ جي عورت عزم ۽ عمل جي ميدان ۾ ڪنهن به حالت ۾ پوئتي ناهي. اڄ جي عورت سماج سڌارڪ جي

حيثيت سان، گهرو ايڪائيءَ ۾ هڪ ذمه دار فرد جي حيثيت سان، پنهنجي قلم وسيلي تخليقي ڪوشش سان سنڌي سماج ۾ هڪ هاڪاري تبديليءَ جي خواهشمند آهي .ادا زاهد ڪوشش ڪئي آهي ته پاڻ سنڌي عورتن جي بابت پنهنجي پڙهندڙن سان معلومات share ڪري جنهن ۾ هو يقينا ڪنهن حد تائين ڪامياب ٿيو آهي پر آئون سمجهان ٿي ته اڃان جيڪڏهن سندس فن جو اڀياس )خاص طور تي قلمڪار عورتن جو( تفصيلي طور تي ڏٺي ها ته سندس علمي، ادبي ۽ سماجي حيثيت سان گڏ فن ۽ فڪر جي اوسر جي به پليءَ پت ڇاڻ ملي ها. چند مثال شاعريءَ جا ضرور موجود آهن پر نثرنگار عورتن بابت احوال ڪجهه حد تائين تشنه آهي. انهيءَ جي باوجود هيءَ هڪ سٺي تصنيف ظاهر ٿيندي. پلان پليءَ جو ڇيهه ڪونهي. علي نواز آريسر، غالم مصطفي سولنگيءَ جا ڪتاب هن ڏس ۾ موجود آهن ۽ منهنجو تحقيقي مقالو پڻ شايع ٿي ويو آهي ته به هن ڪتاب جي اهميت ۽ انفراديت الڳ الڳ آهي. ڪيتريون اهڙيون عورتون هنن سوانحي مضمونن / خاڪن معرفت اڀري سامهون آيون آهن جن بابت ڪو به مواد اڳ لکيل موجود ناهي. انهيءَ لحاظ کان هن ڪتاب جي افاديت ۽ انفراديت بلڪل شمار ٿيڻ جوڳي آهي. هڪ ٻي ڳالهه پڻ هن ڪتاب کي متاهين حيثيت ڏيڻ ۾ خاص شمار ٿيندي جو ليکڪ عورتن جا عورت ذات جي ترقي ۽ اڳيان وڌڻ بابت ويچار ڏنا آهن جيئن مثال طور حميده پروين اوٺو لاءِ لکي ٿو ته، ”حميده جي نظر ۾ عورت هڪ تخليق ڪار آهي جيڪا سيني سماجي رشتن کي جنم ڏئي، هڪ منفرد معاشرو تخليق ڪري ٿي. ٻين لاءِ جيئڻ کي ئي هوءَ پنهنجي زندگيءَ جو اصل مقصد ڄاڻي ٿي. سماجي اڻ برابري، انسانيت جي تذليل ۽ ان تي ٿيندڙ ظلم ڪيس اداس ڪري ڇڏي ٿو جڏهن ته سماج کي فائدو ڏيندڙ هر ڪم، سندس خوشيءَ جو باعث بنجي وڃي ٿو. ايڊووڪيٽ ڪائنات ٻرڙو جو نئين ٿهيءَ جي عورتن لاءِ پيغام هن ريت ڏنل آهي ته، عورتن جو ڪردار هميشه نمايان ۽ مثالي رهيو آهي. ان ڪردار کي نظر ۾ رکندي عورتن خاص ڪري پيرن کي گهرجي ته پنهنجي باوقار صلاحيتن کي ڪتب آڻيندي هر شعبي ۾ اڳتي قدم ۽ ان سان گڏ سياست ۾ پڻ سرگرم ٿين ته جيئن عورتن جي شعور ۾ اضافو به ٿئي ۽ هو پنهنجي حقن لاءِ ڪو مثبت ڪردار به ادا ڪري سگهن. جنسي امتياز جي خاتمي سان ئي هڪ مهذب معاشرو جنم وٺي سگهي ٿو.“ ڄام صنم سنڌيءَ جا عورت، مرد، ڪائنات، زندگي ۽ موت جي باري ۾ خيال ذڪر ڪندي ليکڪ لکي ٿو ته ”ادي صنم سنڌي، عورت کي ڪائنات جي خوبصورت ترين، سورت نساءِ واري مقدس هستي سمجهي ٿي پر جي پنهنجو ماُن ۽ مرتبو سڃاڻي ته. جڏهن ته مرد کي عورت جي سونهن ۽ تقدس جو رکوالو ۽ محافظ سمجهي ٿي. سندس خيال ۾ زندگي الله جي امانت آهي جنهن ۾ خيانت نه ڪرڻ گهرجي جڏهن ته موت سڀ کان وڏي ۽ اڻ ٽر حقيقت آهي جنهن کي تاري نٿو سگهجي.“پنهنجي پياري امڙ حنيفه خاتون کي ارپيل ادا زاهد حسين سومرو جي هي پورهيو بلڪل جوڳي جاءِ والاريندو ۽ سنڌي ادب جي تاريخ ۾ عورتن لاءِ ڪيل ڪم ۾ اهميت جوڳو شمار ٿيندو.منهنجي دعا آهي ته سندس لکڻ جو سفر جاري ۽ ساري رهي ۽ هو آئنده پڻ محنت سان نيون ڪاوشون آڻيندا رهن.

محبت پائي من ۾ رنڊيا روڙيا جِن،
تن جو صرافن، اڻ توريو ئي اگھائيو.

03–01–2020

# مؤرخ ۽ محقق (تاثر)

چند ڏينهن ٿيا ته منهنجي نياڻيءَ ڊاڪٽر ثمر رفيق الرحمن جو ننڍڙو محمد ولي وڏيءَ سوچ سان پنهنجي ڪاپي ۽ پين کڻي اچي مون وٽ ويهي رهيو. سندس نموني مان لڳو ته هو ڪنهن معاملي کي حل ڪرڻ لاءِ فڪرمند آهي. محمد ولي هونئن به ننڍڙو هوندي به سنجيده مزاج، گهٽ ڳالهائو پنهنجي ڪم سان ڪم رکندڙ معاملي جي تهه تائين پهچندڙ ۽ پڙهائيءَ جو شوقين آهي. انهيءَ ڪري اسين ناناڻا ڪيس ننڍڙو آفيسر چوندا آهيون. هو منهنجي منهن ۾ نهاري ۽ موڊ کي پرکيندي چوڻ لڳو، "امان ناني! هڪڙي سوال جو جواب ٻڌائيندا، توهان کي وقت آهي؟" جڏهن ته آئون سندس سامهون بلڪل فارغ ويٺي هيس، پر هُن جي ڳالهائڻ جي انداز مونکي ڏانهس وڌيڪ متوجه ڪيو. چيومانس، "ها راڻا! ٻڌائي مونکي بلڪل وقت آهي؟ ڪجھ پڙهڻو آهي؟" چوڻ لڳو نه امان، پڙهڻو ڪونهي پر هڪ سوال جو جواب زباني گهرجي، ڪلهه اسان جي ٽيچر ڪلاس ۾ پڇيو ته، "بتائو مؤرخ اور محقق مين ڪيا فرق هي؟" مون پڇيو مانس، "پوءِ توهان ڪهڙو جواب ڏنو؟" ورندي ڏنائين، "امان! ڪافي دير ته ڪنهن کي سمجھ ۾ ڪو نه آيو آخر هڪڙي ڇوڪري چيو ته، "مؤرخ تاريخ دان هوندو آهي. جڏهن ته محقق Writer هوندو آهي" ٻيهر سوال ڪيو مانس ته، "ولي پوءِ ٽيچر ڇا چيو؟" چوڻ لڳو ته، "امان، پيريڊ ئي ختم ٿي ويو هاڻي ٽيچر صبحاڻي ٻڌائيندي پر توهين ته ٻڌايو؟"

هاڻي ڳالهه مڙيئي ڳُڙ هئي، ڪيئن چوانس ته اسان وٽ ته ادب ۾ اهي سنڌاسيڙها ختم ٿي ٿيندا پيا وڃن. هتي ته مؤرخ کي محقق ۽ محقق کي نقاد پيا سڏين تنقيد جي ڪتابن کي تحقيق ۽ تحقيق جي ڪتابن کي تاريخ جا ايوارڊ پيا ملن. آئون سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران مليل ڪتابن جي انعامن تي غور ۽ فڪر ۾ هيس جو محمد وليءَ اچي مؤرخ ۽ محقق جو ڏماڪو ڪيو. مون کي سوچن مان موٽائڻ لاءِ هڪدم چوڻ لڳو ته، "امان ناني، مون پنهنجي فرينڊس کي چيو آهي ته، ميري ناني رائيٽر هين مين ان سي پوڇونگا پھر ڪلاس مين ڪل ٽيچر ڪو بتائونگا".

ڏنم ته معاملو وڏي عزت جو ٿي ويو ڪيس مؤرخ ۽ محقق جو فرق ٻڌائڻ تمام ضروري ٿي پيو ڪيئن ننڍڙي معصوم کي ٻڌايان ته، نقاد چون ٿا ته، محقق پرائي مال تي ٽوپي نراڙ تي سڏي ڪندو آهي ۽ مؤرخ گشا هٽندو آهي ۽ سيني ڪان اُتم نقاد پاڻ ئي آهي جو سيني جا پٽڪا لاهي ٿو ۽ پنهنجو پاڻ ڪان مٿي ڪنهن کي به نه سمجهندو آهي پر اهي سڀ ڳالهيون ڪانئس، مٿي هيون. ان ڪري پيار ڪندي چيم ته، "ڏس راڻا! تون جيڪا پُڇا ڳاڇا ڪري رهيو آهين اها مون کان سواءِ ٻين کان به ڪندين وري ڊڪشنري ۽ گوگل تي به سرچ ڪندين ته اها تحقيق آهي ۽ محقق حقيقتون جمع ڪري نتيجا پيش ڪندو آهي ۽ مؤرخ اڄ جون حقيقتون ۽ واقعا صبح ٻڌائڻ وارو تاريخ دان آهي مطلب ته مؤرخ ماضيءَ کي سرچ ڪري تاريخ لکندو آهي ته محقق پڻ سرچ ئي ڪندو آهي هڪ لحاظ کان ٻنهي جو ڪم ڳولها/Searching

آهي. ڪلنڊي چيومانس، ”اهو ڪم تون به ڪري رهيو آهين، تون ننڍڙو محقق به آهين ته مستقبل جو مؤرخ پڻ“. هن خوش ٿي مون ڏي نهاريو ڇڻ سندس ذهن تان هماليه جبل جيڏو بوجهه لهي ويو هجي، ٿينگ ٽپا ڏيندو پنهنجي ڪمري ڏي هليو ويو.

8_4_2016

# ليکڪا جي ڇپيل ڪتابن جو تعارف

ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ ضلعي ٿرپاڪر جي ڏيپلي شهر ۾ محمد موسيٰ ميمڻ جي گهر 20 نومبر 1958ع تي جنم ورتو. سندس والد سنڌ ۾ مختلف هنڌن تي نوڪريءَ سانگي رهيو. ان ڪري سندس پرائمري ۽ سيڪنڊري تعليم ڏيپلي، مٺي، ننڍي، ماتلي، عمرڪوٽ، سانگهڙ ۽ ميرپورخاص ۾ ٿي. 1973ع ۾ مئٽرڪ فرسٽ ڪلاس ۾ 1975ع ۾ انٽر ميڊيئٽ فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪرڻ کان پوءِ استاد طور سرڪاري اسڪولن ۾ مقرر رهي پرجلد ئي نوڪريءَ کي خير باد چئي انگريزي ادب ۾ 1983ع ۾ ايم اي ڪيائين ۽ 1988ع ۾ ايم اي سنڌيءَ ۾ فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪري گولڊ ميڊل حاصل ڪيائين. سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان امتيازي نمبرن سان پاس ڪري 1991ع کان ليڪچر طور ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين. ابن رشد گرلز ڪاليج ميرپورخاص-ايم بي اينڊ جي ايف گرلز ڪاليج حيدرآباد. کان پوءِ نذرت گرلز ڪاليج حيدرآباد ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر طور درس و تدريس جا فرض سر انجام ڏيڻ کان پوءِ 2018ع ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر طور ريٽائر ڪيائين. ادبي زندگيءَ ۾ سندن پهريون افسانو "ڇري" جي عنوان سان ۽ ٻيو "ماءُ جو دلاسو" (خليل جبران جي ڪهاڻيءَ جو ترجمو) 1980ع ۾ شايع ٿيا ۽ پوءِ مضمون پڻ لکيائين اهي چند مضمون ۽ ڪهاڻيون لکڻ کان پوءِ ترت ئي سندس لاڙو تحقيق جي ميدان ڏي مُڙي ويو. 2004ع کان سندس مڪمل ڪتاب ڇپجڻ شروع ٿيا آهن جن ۾، (1) "سنڌي ادب جو ادبي جائزو ۽ لطيفيات"، روشني پبليڪيشن، 2004ع (2) "سنڌي نثر جي ڪن صنفن جو اڀياس"، هائرايجوڪيشن ڪميشن، اسلام آباد، 2008ع. ٻيو ڇاپو روشني پبليڪيشن 2015ع (3) "اُتي رائو ريل"، 2008ع. (4) "آديسين ادب آهي اکڙين ۾"، (لطيفيات)، 2007ع ۽ ٻيو ڇاپو 2009ع). (5) "سون ورنيون سوڍيون" (ڪهاڻيون)، ترتيب ۽ تحقيق، 2009ع. (6) "اخلاقي قدر" (ٻاراڻو ادب)، 2010ع. ٻيو ڇاپو 2016ع (7) "وکر سو وهاءِ"، (مضمون نويسي)، هائير ايجوڪيشن ڪميشن، اسلام آباد، 2011ع شايع ڪيا آهن. ان کانسواءِ "سنڌي ادب تحقيقي ۽ تنقيدي مطالعو"، ائڊوانس پبليشر لاهور 2015ع ۽ "عالم سڀ آباد ڪرين"، (لطيف شناسي) 2016ع، "پلئه پايو سچ"، 2016ع ۾ "سنڌي ادب پڇا ڳاڇا"، 2018ع، "گلدستو" 2019ع ۾ ڇپيا آهن. پي.ايڇ.ڊي مقالو 2020ع ۾ ۽ "ٽي تحفا" 2021ع ۾ شايع ٿيا آهن. هيٺ سندن ڇپيل ڪتابن جي مواد جو مختصر جائزو ڏجي ٿو. سندن ايندڙ ڪتابن ۾ "محمد عثمان ڏيپلائيءَ جون نثري ادب ۾ خدمتون"، "جي پارڪو پارس جا" (لطيفيات)، "ماڻڪ موتي لالّ" (مضمون ۽ مقالا)، "مفتي منجھ ويهار" (آتم ڪهاڻي) ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن. سندن ڪتابن جو مختصر احوال هيٺين ريت آهي.

**1) سنڌي ادب جو ادبي جائزو ۽ لطيفيات:** ڪتاب روشني پبليڪيشن 2004ع ۾ شايع ڪيو آهي، ليکڪا جو هيءَ پهريون ڪتاب آهي، جنهن کي شاگرد طبقي مان گهڻي پذيرائي ملي خاص طور

مقابلي جي امتحانن لاءِ تيار ڪيل هيءُ ڪتاب ٽن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي. پهرين حصي ۾ ادبي دور جي ارتقائي جائزي سان گڏ مشهور شاعرن جيئن قاضي قادن کان شيخ اياز تائين جي شاعريءَ تي روشني وڌي ويئي آهي، ته ٻئي حصي ۾ سنڌي ٻولي ۽ ادب جي احوال سان گڏ نثر ۽ نظم جي مشهور صنفن تي روشني وڌل آهي. مشهور نثر نويسن جي احوال سان گڏ سنڌي مضمون نويسيءَ ۽ صحافتي ترقيءَ کي بيان ڪيو ويو آهي. ٽيون حصو لطيفي مضمونن ۽ گرامر تي مشتمل آهي. ڪتاب جو مهاڳ، "اکر منجهه الف" جي عنوان سان سنڌن وڏي پاءُ ۽ نامياري ليکڪ آفتاب احمد ميمڻ لکيو آهي ڪتاب جي بيڪ ٽائيٽل تي ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جي راءِ ڏنل آهي، 272 صفحن جي هن ڪتاب جو انتساب ليکڪا پنهنجي والد مرحوم محمد موسيٰ ميمڻ جي نالي ڪيو آهي ۽ سندن ئي نالي تي هن پبليڪيشن جو ادارو محمد موسيٰ ادبي اڪيڊمي پڻ قائم ڪيو آهي ۽ انهيءَ اداري مان سندن ڪتاب شايع ٿيندا رهندا آهن.

**2) سنڌي نثر جي ڪن صنفن جو اڀياس:** ڪتاب جي مسودي کي "هائر ايجوڪيشن ڪميشن اسلام آباد"2005ع ۾ مونو گراف ۽ ٽيڪسٽ بڪ رائيٽنگ اسڪيم طور منظور ڪيو ۽ 2008ع ۾ ايڇ اي سي هي ڪتاب اسلام آباد مان ايڇ اي سي جي پريس مان ڇپرائي پڌرو ڪيو. ڪتاب جون 500 ڪاپيون پهرين ڇاپي ۾ شايع ٿيون جيڪي اداري پاران پاڪستان جي مختلف تعليمي ادارن ۽ لائبريرين کي موڪليون ويون ۽ 100 ڪتاب ليکڪا کي اعزازي ڪاپين طور ڏنا ويا ۽ سهڻي ڪاغذ ۽ ٽائيٽل سان شايع ٿيل ڪتاب جو ISBN 969_417_104_0 آهي. ليکڪا هيءُ ڪتاب پنهنجي والده غلام فاطمه کي ارپيو آهي. سنڌي نثر جي ڪن صنفن جو اڀياس ۾ مروج طريقي مطابق ببليو گرافي ۽ ضميمو ڏنل آهن.

سنڌي نثر جي ڪن صنفن جو اڀياس نثر جي اهم صنفن جيئن مضمون، مقالا، سفر ناما، ناول، افسانا ۽ ڊرامن جي ڄاڻ ڏنل آهي. 404 صفحن جي هن ڪتاب ۾ نثر جي هر صنف تي تفصيلي ڄاڻ ڏنل آهي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ دعائيه ڪلمات لکيا آهن جن ۾ هن ڄاڻايو آهي ته، "سنڌي نثر جي صنفن جي مطالعي لاءِ ليکڪا مختلف ماخذن مان مفيد مواد جمع ڪيو آهي". مهاڳ ڊاڪٽر غلام علي الانا لکيو آهي ۽ هن ڪتاب کي سنڌي ادب ۾ تنقيدي ادب جي تاريخ قرار ڏنو آهي، جو هائر ڪلاسن جي شاگردن کان سواءِ علم ادب جي عام مطالعي ۾ دلچسپي رکندڙ هر ماڻهو ۽ محقق جي خواهش پوري ڪرڻ جي سلسلي ۾ معلومات ۽ ان لاءِ گهربل مواد جون گهرجون مهيا ڪري ٿو. ڪتاب جي سائيز 30x20/8 آهي ۽ انٽرنيٽ تي ايڇ اي سي جي ويب سائيٽ تي موجود آهي. هيل تائين اهو فقط ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۽ ٻين اهم لائبريرين ۾ موجود هو جتان شاگرد طبقو مستفيض ٿي رهيو آهي. ڪتاب جو ٻيو ڇاپو هيڪ جي اجازت سان 2015ع ۾ روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو شايع ڪيو آهي. جنهن ۾ هن ڪتاب جو نالو "سنڌ نثر جي صنفن جو اڀياس" رکيو ويو آهي، ۽ ٽيون ڊجيٽل ڇاپو 2021ع ۾ سنڌ سلامت آن لائين ڪتاب گهر تي موجود آهي.

**3) آديسين ادب آهي اڪثرين ۾:** ڪتاب لطيف شناسيءَ تي ميمڻ پروين موسيٰ جو ترتيب ۽ تحقيق

طور تيار ٿيل آهي. جنهن جو 2008ع ۾ پهريون ڇاپو ۽ 2009ع ۾ ٻيو ڇاپو محمد موسيٰ ادبي اڪيڊمي طرفان ڇپيو آهي، ڊيمي سائيز جي هن ڪتاب ۾ 150 صفحا آهن ۽ 150 رپيا قيمت آهي، بلو رنگ جي ٽائيٽل سان شاهه صاحب جي روضي جو عڪس ڏنل آهي ۽ ڪتاب جي بيڪ ٽائيٽل تي ليکڪا جي تصوير ۽ سندن تعارف موجود آهي، هن ڪتاب جو عنوان شاهه صاحب جي رسالي مان سُر رامڪليءَ جي بيت مان ورتل آهي، پروين موسيٰ جي هن ڪتاب جو موضوع بلڪل منفرد ۽ نئون آهي، ان کان اڳ هن ڏس ۾ ڪوبہ ڪم ٿيل نہ هو انهيءَ ڪري اهو گهڻو ڪامياب ويو. هن ڪتاب ۾ ليکڪا شاهه صاحب جا اهي بيت داستانن ۽ سرن جي حوالي سميت پيش ڪيا آهن جن بيتن مان سنڌي ادب جي ڪتابن جا عنوان چونڊيل آهن جيئن مثال طور پڙاڏوسوئي سڏ (ناول) اندر جنين اڌ (سفر نامو) اهڙيءَ ريت شاهه صاحب جي بيتن مان چونڊيل بيتن تي مشتمل سنڌي ادب جي ڪتابن جي موضوع وار تفصيل ۽ گڏ اهي بيت ڏنل آهن، جن جو وچور تي سئو ٽائين آهي، جيڪي شاعري، ناٽڪن، ناولن، افسانوي مجموعن، سفرنامن، آتم ڪهاڻين، سوانح عمرين ۽ متفرقه موضوعن تي مشتمل آهن. ڪتاب جي باري ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر فهميده حسين ۽ ڊاڪٽر نورافروز خواجه طرفان بہ اکر ۽ مهاڳ لکيل آهن. جن هن ڪتاب جي ڪاوش کي ڪارائتو ۽ علمي افاديت وارو قرار ڏنو آهي ۽ جنهن سان شاهه صاحب جي شاعريءَ جو هڪ نئون رخ ظاهر ٿيو آهي. خاص طور محمد ابراهيم جويو صاحب ڪتاب جي موضوع، مواد، ڪمپوزنگ ۽ بيتن تي لڳل اعرابن تي اطمينان جو اظهار ڪيو آهي، هن ڪتاب جي ارپنا انهن آديسين جي نالي آهي، جيڪي لطيفي فن ۽ فڪر جو ذوق ۽ شوق رکندڙ ۽ هن ڏِسَ ۾ راهون روشن ڪندڙ آهن. "آديسين ادب آهي اکڙين ۾". جو ٻيو ڇاپو 2009 جي آخر ۾ گري رنگ ۾ ڇپيو. جنهن ۾ پڻ شاهه صاحب جي روضي جو عڪس ڏنل آهي ۽ موجوده وقت اهو ڇاپو ختم ٿي چڪو آهي. ٽيون ڊجيٽل ايڊيشن وڌيڪ 50 بيتن جي اضافي سان سنڌ سلامت ڪتاب گهر تي 2021ع ۾ موڪليو ويو آهي.

4) **اٿي رائوريل (تنقيد ۽ تحقيق)**: محمد موسيٰ قاسماڻي ادبي اڪيڊمي پاران 2008ع ۾ شايع ٿيو پيلي رنگ جي ٽائيٽل سان پوئين ڪور تي ليکڪا جو تعارف ۽ تصوير موجود آهي. اٿي رائوريل، جو عنوان شاهه لطيف جي شاعريءَ مان سر سسئي آبري جي داستان 8 مان 13 نمبر بيت، "ٽڪيائي ٽر ٽيل چڙهہ چڪيائي چوٽئين"، جي بيت مان ورتل آهي. ڪتاب جا موضوع سنڌي ٻولي، ادب ترجما، تنقيد ۽ ليطيفيات آهن خاص طور سنڌي ادب جي اهم موضوعن جيئن سنڌي ٻولي، نثر جي اهميت، سنڌي نثر جون اهم صنفون ناول، ناٽڪ، افسانا، سفر ناما، سوانح نگاري، لطيفيات ترجما نگاري، ادب ۾ ترجمي جي اهميت، تنقيد جو عمل، نقاد جون جوابداريون، مضمون نويسي / مقالا نگاري ۽ ٻيا اهم موضوع شامل آهن، هيءُ ڪتاب چئن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي پهريون ڀاڱو: (ٻولي، ادب، نثر ۽ نظم) ٻيو ڀاڱو (نثر جون اهم صنفون، تحقيقي جائزو) ٽيون ڀاڱو (ترجما، تنقيد ۽ لطيفيات) ڀاڱو چوٿون (سوانحي، علمي ۽ ادبي مضمون) آهن جن ۾ شمس العلماء مرزا قليچ بيگ، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ شيخ اياز جي خدمتن تي روشني وڌل آهي، هن ڪتاب جي سروق جي اندرين صفحن تي ليکڪا جي

ڪتابن تي عالمن ۽ اديبن جا رايا آهن، جن ۾ ڊاڪٽر الانا، پروفيسر آفاق صديقي، ڊاڪٽر فهميده حسين، ماهتاب محبوب، مظهر جميل، مظهر الحق صديقي، حميد سنڌي، ڊاڪٽر ادل سومرو ۽ ٻين جا رايا آهن. هيءُ مختصر ڪتاب مواد ۾ گهاٽو ۽ لاياٽتو آهي. سنڌي ادبي سنگت پاران “اٽي رائو ريل”، ڪي 2008ع جي بهترين تنقيد ۽ تحقيق جي ڪتاب طور ايوارڊ ڏنو ويو. موجوده وقت سنڌ سلامت آن لائين ڪتاب گهر تي پڙهڻ لاءِ موجود آهي.

5) **سون ورنيون سوڍيون:** ترتيب ۽ تحقيق وارو ڪتاب محمد موسيٰ ادبي اڪيڊمي، الرزاق پرنٽنگ ايجنسيءَ ڪان 2009ع ۾ ڇپرائي پڌرو ڪيو 242 صفحن جي هن ڪتاب جو انتساب شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي نانءُ خوبصورت تصوير جي هيٺان ليکڪا لکيو آهي ته، “ورسي وطن ڄائيون”، جهونجهارن جوانن جيان، ڌرتيءَ ماءُ ڪي رت جو ريج ڏيندڙ سنڌ جي عظيم نياڻيءَ محترمه شهيد بينظير ڀٽو جي نانءُ، “سون ورنيون سوڍيون” موضوع جي حوالي سان ڪهاڻين تي مشتمل آهي، جنهن ۾ سنڌي ليکڪائن جا (1932ع ڪان 2008ع) تائين جا افسانا شامل آهن. جيسي ڪڏواڻي، پوپٽي هيرا نندڻي، سندري اتم چنداڻي، تارا مير چنداڻي، ايشوري جوتواڻي، ڪلا پرڪاش، ريتا شهاڻي، وينا شرنگي، ڪملا گوڪلاڻي، اندراشبنم، بيگم زينت عبدالله چنا، ثميره زرين، خيرالنساء جعفري، تنوير جوڻيجو، ماهتاب محبوب، فهميده حسين، نورالهديٰ شاهه، سحر امداد، تبسم ماهتاب قريشي ۽ ٻين جون ڪهاڻيون آهن. ڪتاب جو مهاڳ ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻيءَ “سنڌي ادب جي هڪ قابل استاد ۽ اديبه” جي عنوان سان لکيو آهي. ڊاڪٽر شمس الدين هن ڪتاب جي ڪهاڻين ڪي معياري چونڊ قرار ڏنو آهي ۽ ليکڪا موجب ته هنن ڪهاڻين ۾ سنڌي عورت جون سوچون، ويچار، عزم، ارادا، ننڍيون ننڍيون خواهشون، مانائتي جيون جيئڻ جا آدرش شامل آهن ته سنڌي قوم جي مزاج، تاريخ، تهذيب، معاشرت ۽ ماحول جي نمائندگي پڻ آهي. هن ڪتاب ۾ پروين موسيٰ طرفان، “ڪهاڻي ڪلا ۽ سنڌي ادب جون ڪهاڻيڪارائون”، عنوان سان تحقيقي مقالو پڻ شامل آهي، جو 2009ع جي ڪلاچي تحقيقي جرنل ۾ شايع ٿيو. سندن انهيءَ تحقيقي ڪم جي حوالي سان ئي اهو ڪتاب ترتيب جي عمل ۾ آيو. ڪتاب جو ٽائيٽل اجرڪ جي ثقافتي رنگ سان آهي، جنهن ۾ سنڌ جي نقشي اندرانهن ڪهاڻيڪارائن جون تصويرون ۽ هيٺ سندن ڪتابن جا عڪس آهن. ڪتاب جو عنوان شاهه جي رسالي جي، سُر مومل راڻو جي داستان 3 مان ورتل آهي. عورت ڪهاڻيڪارائن جي ڪهاڻين جو سنڌ توڙي هند ۾ هيءُ پهريون مجموعو شايع ٿيو آهي، جنهن ۾ ٻنهي خطن جي ليکڪائن جي نمائندگي ٿي آهي جو هند ۾ پڻ گهڻو پسند ڪيو ويو آهي. سون ورنيون سوڍيون جو سنڌ سلامت تي ڊجيٽل ايڊيشن 2019ع ۾ رکيو ويو.

6) **وَکر سو وهاءِ:** هائير ايجوڪيشن ڪميشن اسلام آباد پاران پروين موسيٰ ميمڻ جو هيءُ طبعزاد مضمونن جو مجموعو 2011ع ۾ ڇپيو آهي. ISBN_978_969_149_4 هن ڪتاب جو نمبر آهي، “مونو گراف اينڊ ٽيڪسٽ بڪ رائيٽنگ اسڪيم مطابق 2006ع جي ائڊور ٽائيز تحت ليکڪا هيءُ مسودو ايڇ اي سي ڪي موڪليو جتان اهو ماهرن جي راءِ ڪان پوءِ مختلف مرحلن مان گذرڻ ڪان پوءِ

منظور ٿيو. ٻيهرين ڇاپي جي اشاعت 500 ڪاپين جي ٿي آهي، ڪتاب جو پنو تمام سهڻو ۽ ٽائيٽل ديده زيب آهي جنهن ۾ لائبريريءَ جو ڏيک ڏنل آهي جيئن عنوان مطابق، وکر سو وهاءِ يعني علم پرائڻ جي تلقين آهي، هن ڪتاب ۾ علم جي افاديت تي سترنهن مضمون آهن ۽ عنوان شاهه صاحب جي سر سريراڳ جي داستان 3 ۽ بيت نمبر 2 "وَکر سو وِهاءِ، جو پئي پُراڻو نہ ٿئي"، مان ورتل آهي، ڪتاب جو انتساب ليکڪا جي گهر ڀاتين ورانور خان پٺاڻ يا سررضا، محمد مجتبيٰ ۽ نياڻيءَ ڊاڪٽر ثمر ۽ ڏوهٽن محمد مير ۽ محمد وليءَ جي نالي آهي".

مضمونن جي هن ڪتاب جو مهاڳ مهتاب اڪبر راشديءَ لکيو آهي، حميد سنڌي، مظهرالحق صديقي ۽ ڊاڪٽر ادل سومرو جا ليک ڪتاب جي باري ۾ شامل آهن ۽ شروع ۾ ليکڪا پاران مضمون نويسيءَ جي اهميت ۽ افاديت تي روشني وڌل آهي. وکر سو وهاءِ، ڇهن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي پهريون ڀاڱو (تعليم) آهي جنهن ۾ 17 مضمون ۽ 4 موضوعن تي علمي بحث مباحثا آهن ۽ ٻيو ڀاڱو (ادب) آهي جنهن ۾ لوڪ ادب شاعري، نثر ۾ ليکڪائن جو حصو ۽ ٻيا موضوع آهن ٽيون ڀاڱو (لطيفيات) آهي، جنهن ۾ شاهه صاحب جي بيتن جي سٽن تي مشتمل ڏهه مضمون آهن. جيئن، "ڏوريندين ڏسن اگهڻ عجيبن جا" يا "جو وڙ جڙي جن سين سو وڙ سي ئي ڪن" وغيره چوٿون ڀاڱون پهاڪن، چوڻين ۽ قولن تي مشتمل مضمونن جو آهي، جيئن "سچ تہ بيٺو نچ" "صبر جن جو سير تيرنہ گُسي تن جو"، ۽ ٻيا مضمون آهن. پنجون ڀاڱون سوانحي مضمونن جو آهي جنهن ۾ شاهه ڀٽائي، سچل سرمست ۽ ٻين شخصيتن تي مضمون آهن ۽ ڇهين ڀاڱي ۾ متفرقه موضوعن تي جيئن، "جيون گهارڻ جو فلسفو"، "محبت ۽ نفرت" ۽ ٻيا عنوان آهن مجموعي طور هيءَ مضمونن جو مجموعو 216 صفحن جو آهي، ڪتاب جي سائيز 30x20/8 آهي، ڪتاب جي آخر ۾ رائج طريقي مطابق ببليو گرافي ۽ ضميمو ڏنل آهي، "وکر سو وهاءِ" مضمون نويسيءَ جي موضوع تي موجوده دور ۾ هڪ بلڪل منفرد ۽ وڻندڙ مضمونن جو مجموعو آهي جو سنڌي ادب ۾ مضمونن جي ڪتابن جي اٽاٽ هئڻ سبب هڪ بهترين اضافو شمار ٿي رهيو آهي. وکر سو وَهاءِ سنڌ سلامت آن لائين ڪتاب گهر تي موجود آهي.

7) **عالم سڀ آباد ڪرين:** لطيف شناسيءَ جي موضوع تي مضمونن تي مشتمل آهي. جنهن کي سنڌراڻي پبيڪيشن پاران 2016ع ۾ شايع ڪيو ويو.

هن ڪتاب جو عنوان حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي سر سارنگ جي بيت مان ورتل آهي،

**سائين سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار،**
**دوست مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين.**

ٽائيٽل تي شاهه لطيف جي روضي جو عڪس آهي، ڪل 21 مضمون آهن، جن جا عنوان پڻ شاهه لطيف جي بيتن مان ورتل آهن ۽ انهن عنوانن کي کولي سمجهايو ويو آهي، جيئن "سڙيا مٿي سچ"، "نائي

نيڻ نهار تو ۾ ديرو دوست جو"، "متيءَ لڌو مان" ۽ ٻيا آهن. هنن مضمونن جا عنوان نه فقط وسيع معنيٰ رکن ٿا پر منجهن مواد کي ليکڪا ڪمال ڪاريگريءَ سان نڀايو آهي. "عالم سڀ آباد ڪرين"، جو مهاڳ امداد حسيني لکيو آهي ته الطاف شيخ، وينا شرنگي ۽ ڊاڪٽر اُم ڪلثوم شاهه ۽ سليم چنا تاثرات لکيا آهن. 144 صفحن جو هيءُ ڪتاب تخليقي مضمونن سان سجايل آهي. جنهن ۾ لطيف شناسيءَ جا گوناگون رنگ موجود آهن. هن ڪتاب تي علي نواز آريسر (عبرت) ۽ زاهده تاج ابڙو (سوڀ) ۾ تبصرا لکيا آهن ۽ ڊاڪٽر نواز علي شوق جي ماهراڻي راءِ "ڪچ ڪوڏيون" ۾ شايع ٿي آهي. عالم سڀ آباد ڪرين جو ڊجيٽل ڇاپو 2020ع ۾ سنڌ سلامت آن لائين ڪتاب گهر تي رکايو ويو آهي.

8) **پلئه پايو سچ:** ليکڪا جو تحقيق ۽ تنقيد جي موضوع تي 240 صفحن جو ڪتاب 2016ع جي ڊسمبر ۾، سنڌ راڻي پبليڪيشن ميرون رنگ جي ٽائيٽل ڪور سان شايع ڪيو آهي. ڪتاب جي ارپنا ليکڪا جي ڀاءُ آفتاب احمد ميمڻ جي نانءُ آهي. ته ڪتاب ۾ انمول ادبي هيرو آفتاب احمد ميمڻ، "سنڌي زبان جو مکيه سرمايو"، ڊاڪٽر غلام محمد لاکو "ڊاڪٽر پروين کي جس هجي"، ڊاڪٽر ڪمال جامڙو "وڻي ووڙي"، ماهين هيسباڻيءَ جا ويچار ليکڪا جي فن جي باري ۾ ڏنل آهن. هن ڪتاب ۾ 28 ريسرچ آرٽيڪل ۽ 10 تخليقي مضمون ڏنل آهن. آخر ۾ رائج طريقي مطابق ببليو گرافي ۽ ليکڪا جي ڪتابن جو تعارف ۽ سندس سي وي ڏنل آهي. ڪتاب جي ٽائيٽل جي بيڪ ڪور تي مهتاب اڪبر راشدي، ڊاڪٽر ڪمال جامڙو جا ۽ اندرين ليف تي ماهتاب محبوب، حميد سنڌي، ڊاڪٽر نور افروز خواجا ۽ ڊاڪٽر عابده گهانگهرو جا رايا پڻ ڏنل آهن. هن ڪتاب ۾ آيل موضوعن ۾ سنڌي ٻولي ۽ ادب جي ترقيءَ جي راهه ۾ رڪاوٽون، ڪتاب قومن جي طاقت، وقار ۽ وجود جو اهڃاڻ آهن ۽ ٻيا موضوع آهن. ڪتاب جو عنوان شاهه لطيف جي سر سريراڳ جي چوٿين داستان جي چوڏهين نمبر بيت مان ورتل آهي.

**اگهيو ڪائو ڪچ، ماڻڪن موٽ ٿي،**
**پلئه پايو سچ، آچيندي لڄ مران.**

پلئه پايو سچ موجوده وقت سنڌ سلامت آن لائين ڪتاب گهر تي موجود آهي

9) **گلدستو (مضمون نويسي):** علمي، ادبي، اخلاقي، اصلاحي، سماجي ۽ لطيفي مضمونن جو مجموعو ليکڪا جو ٻارهون نمبر ڪتاب آهي. بنيادي طور پاڻ مضمون نگاري ۽ مقالا نگاريءَ ڏي شغف رکندڙ آهي، مضمون نويسيءَ تي هن کان اڳ سنڌن ٽي ڪتاب اخلاقي قدر، وکر سو وهاءِ ۽ عالم سڀ آباد ڪرين مڃتا ماڻي چڪا آهن. مضمون نويسيءَ جي صنف تي سنڌن هي ڪتاب خاص ڇنڊڇاڻيءَ جي امتحان جي لاءِ تيار ڪيل آهي، انهيءَ حوالي سان اهم موضوعن تي مضمون ڏنا ويا آهن. جي لطيف شناسي ۽ ادبي تاريخ سان گڏ ٻين موضوعن جو احاطو ڪن ٿا. هيءُ ڪتاب 60 طويل مضمونن تي مشتمل آهي. جو انشاءَالله پڙهندڙ شاگردن لاءِ فائديمند ٿيندو. گلدستو جو پهريون ڇاپو 2017ع، ٻيو ڇاپو 2018ع ۽ ٽيون وڌيڪ واڌارن سان ڇاپو 2019 ۾ شايع ٿيو آهي. ڪُل 3000 ڪتاب ختم ٿي چڪا

آهن.

**10) سنڌي ادب MCQ's**: سنڌي ادب MCQ's معروضي سوالن ۽ حل ڪيل جوابن تي مشتمل ليڪڪا جو ڪتاب ايم اي، ايم فل جي انٽري ٽيسٽ، سي ايس ايس ۽ پي سي ايس جي امتحانن ڪانسواءِ ليڪچرز شپ جي Vivoce جي لاءِ وڏي پئماني تي معلومات مهيا ڪندڙ آهي، ڊاڪٽر پروين موسيٰ انهيءَ ڪتاب کي عام هلندڙ نموني جي بجاءِ مختلف ۽ نئين انداز ۾ پيش ڪيو آهي، ڪتاب کي 15 بابن ۾ ورهايو ويو آهي، موضوع وار اها ورهاست ڪئي وئي آهي، خاص ڪي باب سي ايس ايس ۽ پي سي ايس جي حوالي سان آهن ته بيتن جي سڃاڻپ، بيت جي سٽ مڪمل ڪرڻ، لطيف شناسي، پهريون ڪير؟، سن، ڄم ۽ وفات، ڪتابن جا عنوان موضوع ۽ ليڪڪ، سنڌي صحافت، شاعري ۽ ٻين موضوعن جو احاطو ڪيو ويو آهي ته هڪ باب تفصيلي سوالن ۽ جوابن تي مشتمل پڻ آهي ته آخري باب ۾ پهاڪا ۽ اصطلاح پڻ ڏنا ويا آهن. هن کان اڳ ايم سي ڪيوز تي ڪو به اهڙو ڪتاب موجود نه آهي 300 کان مٿي صفحا آهن ۽ محمد موسيٰ ادبي اڪيڊمي ۽ ايڊوانس پرنٽنگ ايجنسي جي تعاون سان هيءَ ڪتاب ڇپجي جولاءِ 2017ع ۾ پڌرو ٿيو آهي. هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو 2018ع ۽ ٽيون 2020_2019 جو ڇاپو شاهه لطيف جي روضي جي ٽائيٽل سان شايع ٿيو آهي.**اخلاقي قدر (مضمونن جو گلدستو)**: ٻاراڻي ادب لاءِ مضمونن جو گلدستو آهي، محمد موسيٰ ادبي اڪيڊميءَ طرفان 2010ع ۾ ڇاپيو ويو 72 صفحن جي هن ڪتاب جو ٽائيٽل اجرڪ جي ڦلڙين سان سجيل آهي. جڏهن ته ڪتاب تي ليڪڪا جو فوٽو ۽ سندس اڳ ڇپيل ڇهن ڪتابن جا عڪس ڏنل آهن، هيءُ مختصر ڪتاب نيشنل بڪ فائونڊيشن اسلام آباد، طرفان ٻاراڻي ادب جي ترقيءَ ۽ فروغ لاءِ اخبار ۾ ڏنل هڪ اشتهار جي بنياد تي انعامي مقابلي لاءِ موڪليو ويو، جتان ليڪڪا کي ميرٽ سرٽيفڪيٽ سان نوازيو ويو هن ڪتاب ۾ پيش لفظ ۾ ماهراڻي راءِ، ولي رام ولڀ ۽ يوسف سنڌيءَ طرفان لکيل آهي، جن اخلاقي قدر ڪتاب کي نه فقط شاگردن پر استادن ۽ والدين جي لاءِ به اهم قرار ڏنو آهي، هن ڪتاب ۾ جن موضوعن تي مختصر مضمون آهن جي هڪ طويل مضمون جو حصو آهن. انهن ۾ دوستي، حُسن اخلاق، سادگي، سچ، امن، اميد، علم، ڪتاب، روحانيت ۽ ٻيا موضوع آهن.

هيءُ ڪتاب ٻاراڻي ادب ۾ مضمون نويسيءَ جي کوٽ جي پورائي ۾ مفيد ثابت ٿيو آهي. جنهن جو ٻيو ڇاپو 2016ع ۾ سنڌ راڻي پبليڪيشن شايع ڪيو آهي ۽ مهاڳ سليم چنا لکيو آهي ۽ ٽيون وڏيڪ واڌارن سان ڇاپو 2020ع ۾ شايع ٿيو آهي.

**11) اخلاقي قدر (مضمونن جو گلدستو)**: ٻاراڻي ادب لاءِ مضمونن جو گلدستو آهي، محمد موسيٰ ادبي اڪيڊميءَ طرفان 2010ع ۾ ڇاپيو ويو 72 صفحن جي هن ڪتاب جو ٽائيٽل اجرڪ جي ڦلڙين سان سجيل آهي. جڏهن ته ڪتاب تي ليڪڪا جو فوٽو ۽ سندس اڳ ڇپيل ڇهن ڪتابن جا عڪس ڏنل آهن، هيءُ مختصر ڪتاب نيشنل بڪ فائونڊيشن اسلام آباد، طرفان ٻاراڻي ادب جي ترقيءَ ۽ فروغ لاءِ اخبار ۾ ڏنل هڪ اشتهار جي بنياد تي انعامي مقابلي لاءِ موڪليو ويو جتان ليڪڪا کي ميرٽ

سرٽيفڪيٽ سان نوازيو ويو. هن ڪتاب ۾ پيش لفظ ۾ ماهراڻي راءِ، ولي رام ولڀ ۽ يوسف سنڌيءَ طرفان لکيل آهي، جن اخلاقي قدر ڪتاب کي نه فقط شاگردن پر استادن ۽ والدين جي لاءِ به اهم قرار ڏنو آهي، هن ڪتاب ۾ جن موضوعن تي مختصر مضمون آهن جي هڪ طويل مضمون جو حصو آهن. انهن ۾ دوستي، حُسن اخلاق، سادگي، سچ، امن، اميد، علم، ڪتاب، روحانيت ۽ ٻيا موضوع آهن.

هيءَ ڪتاب ٻاراڻي ادب ۾ مضمون نويسيءَ جي ڪوٽ جي پورائي ۾ مفيد ثابت ٿيو آهي. جنهن جو ٻيو ڇاپو 2016ع ۾ سنڌ راڻي پبليڪيشن شايع ڪيو آهي ۽ مهاڳ سليم چنا لکيو آهي ۽ ٽيون وڏيڪ واڌارن سان ڇاپو 2020ع ۾ شايع ٿيو آهي.

12) **سنڌي ادب تحقيقي ۽ تنقيدي مطالعو (ادبي تاريخ):** ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جو مٿئين عنوان وارو ڪتاب سنڌي ادب جي مختصر تاريخ طور شمار ٿئي ٿو. ڪتاب جو انتساب ليکڪا جي پياءُ ڪموڊور اقبال احمد ميمڻ جي نانءُ آهي. 400 صفحن جي هن ڪتاب ۾ سنڌي نثر ۽ نظم جي اهم موضوعن جو احاطو ڪيو ويو آهي. جيئن ٻولي، ٻوليءَ جي قدامت ۽ لهجا، ٻولي بابت عالمن جا نظريا، سنڌي ادب جي ابتدا، لوڪ ادب، لوڪ شاعري جون چند اهم صنفون (سهرو، جمالو لولي، مورو)، ادبي دؤر (عربن جي دور کان موجوده دور تائين) ڪلاسيڪل شاعر (قاضي قادن کان ساميءَ تائين) قديم سنڌي شاعريءَ جون صنفون (سورٺو دوهو بيت، وائي، ڪافي) جديد دور جا سنڌي شاعر (عبدالڪريم گدائي، ملاح، طالب المولىٰ، شيخ اياز، تنوير عباسي ۽ ٻيا) جديد دور جون شاعري جون صنفون (غزل، نظم، آزاد نظم، هائيڪو گيت)، جديد دور جا نثر نگار (پيرومل، مرزا صاحب، دائودپوٽو نبي بخش، ڏيپلائي ۽ ٻيا) جديد نثري ادب (ناول، افسانو ناٽڪ، سفر نامو)، (چند اهم افسانوي مجموعن جو جائزو (سفيد وحشي، پشو پاشا، بلو دادا، آبِ حيات، دل جي دنيا، چوٿيهون در ۽ ٻيا مجموعا شامل آهن) ڊرامن جا ڪتاب تنقيدي جائزو (شهزادو بهرام، انڪوائري آفيسر، آخري رات، ڪي جو ٻيجل ٻوليو ۽ ٻيا، سفر ناما تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو) سفر يورپ جي ڊائري، سير ۽ سفر، منهنجو ساگر منهنجو ساحل، ڏوري ڏوري ڏيهه سرهي سرهي سار) ان کان سواءِ چند اهم تحقيقي ڪتابن جو تنقيدي جائزو به هن ڪتاب ۾ شامل آهي. جيئن پيغام لطيف، مقدمهءِ لطيفي، شاهه لطيف جي شاعري، ڪتاب جي آخر ۾ ليکڪا جو تعارف ۽ سندس ڇپيل ڪتابن جو تفصيل ڏنل آهي. هي ڪتاب سهڻي ثقافتي ٽائيٽل ڪور سان لاهور پنجاب جي هڪ وڏي اشاعتي اداري ائڊوانسڊ پبليشرز 2015ع جي نومبر ۾ شايع ڪيو آهي، هن ڪتاب تي وفا مولىٰ بخش (عبرت) ثمينه ميمڻ (ڪاوش) ۾ پنهنجا ويچار لکيا آهن، جڏهن ته ڊاڪٽر ڪمال جامڙو، ڊاڪٽر عابده گهانگهرو، انور ڪاڪا ۽ ماهين هيسباڻيءَ جا لکيل مهاڳ ۽ تاثر 2018ع جي محمد موسىٰ ، اڪيڊميءَ واري ايڊيشن ۾ شامل ڪيا ويا آهن. (2020-2019-2018ع) ۾ هن ڪتاب جو چوٿون 1000 ڪاپين جو ڇاپو بلو رنگ جي ٽائيٽل ۽ شاهه لطيف جي روضي جي عڪس سان وڏيڪ واڌارن سان ڏيپلائي ٽائون محمد موسىٰ ، ادبي اڪيڊميءَ پاران ڇپجي پڌرو ٿيو آهي.

13) **سنڌي نثر جي تاريخ ۾ عورتن جو حصو:** تحقيقي اپياس (1985ع تائين) ڊاڪٽر پروين

موسيٰ ميمڻ جو مٿئين موضوع تي تحقيقي مقالو 2012ع ۾ سنڌيونيورسٽي ڄامشورو پي ايچ ڊي جي لاءِ منظور ڪيو جيڪو ڊاڪٽر نورافروز خواجه جي نگرانيءَ ۾ تيار ٿيو هن تحقيق ۾ نو باب ڏنل آهن. آخر ۾ مڪمل تحقيقي نتيجا ببليو گرافي ۽ ضميمو موجود آهن. هيءُ ضخيم مقالو 475 صفحن تي مشتمل آهي، باب پهريون (الف) نثر آهي جنهن ۾ نثر جي وصف، قسم ۽ نثر جي ترقيءَ لاءِ گهربل خاصيتن تي بحث ڪيل آهي، باب پهريون جي (ب) ۾ نثر جي ابتدا ۽ اوسر مختلف تاريخي دورن جي حوالي سان سنڌي نثر جي ٿيل ترقي ۽ اوائلي نثر کان موجوده دور تائين آيل تبديلين ۽ ٿيل ترقيءَ جو جائز و شامل آهي، باب ٻيو سنڌي عورت جي سماجي حيثيت ۽ تعليم جي باري ۾ آهي، جنهن ۾ تاريخ جي مختلف دؤرن ۾ عورتن جي سماجي حيثيت ۽ تعليمي پس منظر ۽ موجوده علمي صورتحال جو تحقيقي جائزو ڏنل آهي، هن تحقيق جو ٽيون باب 1947ع کان اڳ جي ليکڪائن جو سنڌي نثر جي ترقيءَ ۾ حصو آهي، جنهن ۾ تعليم يافته عورتن جي ادب ۾ شموليت جي حوالي سان انهيءَ دور جي زناني تعليم جو تفصيلي جائزو ڏنل آهي، انهيءَ کان سواءِ 1947ع کان اڳ جي ليکڪائن جيئن سيتا ديوي، گلي سدار نگاڻي، چندرا آڏواڻي ۽ ٻين جي فن جي تحقيقي جائزي سان گڏ هن دور جي چند اهم ناولن جيئن، "سروجا"، "اتحاد"، "پريم جيون" ۽ ٻين ناولن جو تنقيدي اڀياس شامل آهي، چوٿون باب 1947ع کان پوءِ جي ليکڪائن جو سنڌي نثر جي ترقيءَ ۾ حصي جي عنوان سان آهي، جنهن ۾ اهم ناٽڪ، ناول، افسانوي مجموعا جائزي هيٺ آهن جن ۾ سيلاب زندگيءَ جو پريت پراڻي، ريت نرالي، حياتي هوتن ريءَ، ڀنڀرڪي جي پڙ پڙ، لهر لهر زندگي، ڪربلا، ۽ ٻيا ڪتاب اڀياس هيٺ آندا ويا آهن. سنڌ ۽ هند جي اهم ليکڪائن جي فن جي هن اڀياس ۾ پوپٽي هيراننداڻي، سندري اتم چنداڻي، ڪلا پرڪاش، ريتاشهاڻي، ماهتاب محبوب، نورالهديٰ شاهه ۽ ٻين ڪيترين ليکڪائن جي ڪم جو تجزيو ڪيو ويو آهي، پنجون باب ٻين نثري صنفن ۾ عورتن جي مڪمل ڪم جي ڄاڻ ڏئي ٿو جنهن ۾ مضمون، مقالا، خط، سوانح عُمريون، آتم ڪهاڻيون، خاڪا، روزنامچا ۽ سفرناما شامل آهن. باب ڇهون نثر جي مٿين ڪم جي موضوعن ۽ مواد جي اڀياس تي مشتمل آهي، جنهن ۾ سماج ۾ عورتن کي درپيش مسئلن جا موضوع، قومي مقصدن جا موضوع، سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت جو موضوع، سماجي مسئلن جا ٻيا متفرقه موضوع شامل آهن، هن باب ۾ وقت سان آيل نثر ۾ موضوعن جي تبديلي ۽ مواد جي موضوع سان مطابقت تي پڻ بحث خاص طور ڪيو ويو آهي، باب ستون نثر ۾ ڪتب آندل ٻوليءَ جي معيار جو اڀياس آهي، هن باب ۾ نثر جو اسلوب بيان، لفظن جي چونڊ ۽ جملن جي بيهڪ، علامتون، پهاڪا، چوڻيون، گفتارون، نثر ۾ تجنيسِ حرفيءَ جو استعمال، نج سنڌي لفظن جي استعمال جي اهميت ۽ ٻين ٻولين جي غير ضروري لفظن کان بچاءُ، ٻولي بچاءُ هلچل ۽ خاص طور عورتن جي استعمال ڪيل نثر جي فصاحت، بلاغت ۽ سلاست کي پڻ پرکيو ويو آهي، باب اٺون فن ۽ فڪر جي عنوان سان اهم ليکڪائن جي علمي ۽ ادبي حيثيت سان گڏ سندن فن جي فڪري ۽ تنقيدي اڀياس جي ڄاڻ ڏئي ٿو هن باب جي شروع ۾ فن ۽ فڪر جي باهمي تعلق جي وضاحت ڪيل آهي، باب نائون موضوع تي لاڳاپيل شخصيتن جا رايا رڌون جي عنوان سان

آهي جنهن ۾ تعليمي ماهر دادي ليليٰ وتي، حميد سنڌي، ماهتاب محبوب، ڊاڪٽر فهميده حسين، ڊاڪٽر نورافروز خواجه ۽ نور الهديٰ شاه جا انٽرويوز آهن جن سان موضوع جي حوالي سان خيالن جي ڏي وٺ ڪيل آهي. ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جو هيءُ تحقيقي مقالو پنهنجي موضوع جي حوالي سان منفرد آهي، هن موضوع تي هيل تائين ڪو به ذڪر جوڳو ڪم ٿيل نه هو. محققا ڪيترن سالن کان سنڌي نثر جي موضوع تي ڪم ڪندي محسوس ڪيو ته سنڌي نثر ۾ ليکڪائن جو ڪم وڏي انداز ۾ موجود آهي پر تحقيق عورتن جي ڪم کي نظر انداز ڪيو پيو وڃي، ڪو به اهڙو مڪمل ڪتاب نٿو ملي، جنهن ۾ ليکڪائن جي نثر جي ڪم تي ڪا روشني وڌل هجي، معنيٰ ته ليکڪائن جي نثري ادب ۾ خدمتن کي مؤرخن ۽ نقادن طرفان اهڙي ريت نه آندو ويو هو جهڙيءَ ريت آڻڻ گهربو هو. جڏهن ته سنڌي عورتون سنڌي نثر ۾ لڳ ڀڳ هڪ صديءَ کان لکي رهيون آهن. انهيءَ ڪري هن تحقيقي مقالي ۾ تمام سهڻائيءَ سان سندن ڪم جو اڀياس ڏنل آهي، جنهن ۾ خاص طور 1985ع تائين جي ڇپيل ڪتابن جو احاطو ڪيو ويو آهي، هي مقالو پيڪاڪ پرنٽرز ڪراچي انتهائي ديده زيب ٽائيٽل ڳوَر سان 2020ع ڊسمبر ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي.

14) **ٽي تحفا:** ٻالڪ ادب ۾ ڪهاڻين جو ڪتاب آهي جنهن جو انتساب ليکڪا جي پوٽن ۽ ڏوهٽن جي نالي آهي جو پوپٽ پبلشنگ خيرپور 2021ع جي مئي مهيني ۾ شايع ڪيو. مهاڳ امر اقبال ۽ ڊاڪٽر اياز گل بيڪ ٽائيٽل تي ليکڪا ۽ فن بابت لکيو آهي. هن ڪتاب ۾ ڪل ٻارنهن ڪهاڻيون آهن جن ۾ ”پشيماني“، ”روشني“، ”آسيه ۽ ارسلان“، ”سچي خوشي“، ”ڏه روپيا“، ”خود غرضي“، ”ڪر ڀلو ته ٿئي ڀلائي“، ”وڻ پوکيو ثواب ڪمايو“، ”شهزادو راهب“، ”خلق جي خدمت“، ”صوفن جو باغ“ ۽ ”بوٽ پالش“ آهن. هيءُ ڪهاڻيون هڪ طرح سان قديم ۽ جديد ڪهاڻين جو ميلاپ آهن جن ۾ ڪي شهري ماحول جون ته ڪي ٻهراڙيءَ جون، ڪي پڙهيل گهرن جون ته ڪي عام نموني جي رواجي گهرن سان واسطو رکن ٿيون، پر خاص ڳالهه ته انهن ڪهاڻين ۾ اخلاق، همدردي، محبت، اخوت، همٿ، جرأت ۽ شرافت ۽ ٻين ڪيترين انساني گڻن کي پنهنجو ڪرڻ جا گسَ ڄاڻايا آهن.

15) **ملھ مهانگا سپرين (سنڌي نثر: جديد مطالعو):** آخوند عزيزالله کان عثمان علي انصاريءَ تائين جي نثر نويسن جي فن ۽ نثر نويس جي معلومات تي مبني آهي. هن کان اڳ ليکڪا جا ٻه ڪتاب ”سنڌي نثر جي صنفن جو اڀياس“ ۽ ”سنڌي نثر جي تاريخ ۾ عورتن جو حصو“، ڇپجي مچتا ماڻي چڪا آهن. هن ڪتاب ۾ 1901ع تائين جي اهم نثر نويسن کي آندو ويو آهي.

پهريون باب سنڌي نثر جي ابتدا ۽ اوسر جي تفصيل تي آهي ان کان پوءِ سنڌي نثري جي سرجڻهارن ۽ ترقي ڏيارينڌڙن جي فن ۽ سوانح جو جائزو ڏنل آهي جنهن ۾ سنڌي، عربي الف-ب جي موجد مخدوم ابوالحسن ٺٽوي ۽ قرآن پاڪ کي سنڌي ترجمي سان پهريون دفعو لکندڙ آخوند عزيزالله جو تعارف ڏنل آهي. آخوند عزيزالله کان عثمان علي انصاريءَ تائين تقريباً چاليهارو اوائلي نثر نويس هن ڪتاب ۾ آندل آهن جيئن ديوان ننديرام سيوهاڻي، منشي اڌارام ٿانورداس مير چنداڻي، آخوند لطف

الله، مرزا قليچ بيگ، ڊاڪٽر گربخشاڻي، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، دين محمد وفائي ۽ ٻيا آهن. هيءُ ڪتاب ڪمپوز ٿيل آهي، ڪتاب جو انتساب مخدوم ابوالحسن ٺٽوي، آخوند عزيزالله، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، پروفيسر منگهارام ملڪاڻي ۽ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو جي نالي آهي، جن سنڌي نثر جي ترقيءَ ۽ ترويج لاءِ پاڻ پتوڙيو. مهاڳ، ٻه اکر ۽ تاثر نصير مرزا، ڊاڪٽر نواب ڪاڪا لکيا آهن.

16) **"جديد سنڌي نثر جو بنياد وجهندڙ" تاريخ ساز شخصيت شمس العلماء مرزا قليچ بيگ (سوانح ۽ فن):** ڪتاب مرزا قليچ بيگ جي فن جي جائزي تي مشتمل آهي جنهن ۾ سندن نثر ۽ نظم جي ڪم جي مقصديت تي روشني وڌي وئي آهي. مرزا صاحب جي ناٽڪن جو اڀياس ("ليلیٰ ۽ مجنون"، "انڪوائري آفيسر"، "شهزادو بهرام"، "حسنا دلدار") هن ڏس ۾ موضوع طور چونڊيل آهن جن مان ٻه طبعزاد ۽ ٻه ترجما آهن. "سائوپن ڪاروپنو"، آتم ڪهاڻيءَ ۽ سندن سوانح نگاريءَ ۾ ٿيل ڪم جو جائزو ورتو ويو آهي ته سندن شاعريءَ بابت پڻ تحقيقي ليک هن ڪتاب ۾ شامل آهن. ناولن ۾ "زينت" ۽ "دلارام" جي پرک سان گڏ ترجمو ڪيل ناولن جو اڀياس پڻ شامل ڪيل آهي ته مضمون نويسيءَ جي ٻين ڪتابن جي ذڪر سان گڏ خاص طور "مقالات الحڪمت" کي نظر ۾ رکيو ويو آهي. اهڙيءَ ريت هيءُ ڪتاب سنڌي نثر جي باني/جديد سنڌي ادب جي محسن کي ميجتا ڏيڻ خاطر لکيل آهي.

17) **ماڻڪ موتي لالؒ:** هيءُ ڪتاب ڊجيٽل ايڊيشن 2021ع طور لکيو ويو آهي جنهن ۾ ڪجهه مضمون اڳ جا لکيل آهن خاص طور مضمونن ۽ مهاڳن تي آڌاريل هن ڪتاب ۾ سوانحي ۽ ادبي مضمون محترمه شهيد بينظير ڀٽو ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڪامريڊ تاج محمد ابڙو بيگم زينت، ڊاڪٽر رشيده حجاب، مهتاب اڪبر راشدي، زاهده تاج ابڙو، ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو جي باري ۾ مضمون آهن ته ڪجهه ادبي موضوع سنڌي نثر ۾ ليڪائن جو حصو، سنڌ محبت جي سرزمين آهي ۽ ٻيا آهن. سيما عباسي ۽ فقير محمد سنڌي ٻه اکر ۽ تاثر لکيا آهن.

18) **سدا وسين تون:** ۾ مضمون، تقريرون ۽ ڪتابن تي تبصرا آهن. انهن جي ليکڪن بابت احوال ڏنل آهي. اهڙي احوال ۾ "قلم جنين جي هٿ ۾"، "شاه جي شيدائي"، آئون جي اها ئي ذات"، "ڏيپلي تعلقي جي تاريخ"، "ڏولا مارو ڊٽ" ۽ ٻيا ڪتاب آهن ان ڪانسواءِ ليکڪا پنهنجي مختلف علمي ۽ ادبي گڏجاڻين ۾ پڙهيل پيپرز ۽ تقريرون پڻ ونڊ ڪيون آهن. ابنِ رشد گرلز ڪاليج ميرپورخاص، زبيري ۽ نذرٿ ڪاليج حيدرآباد، ريڊيو پاڪستان حيدرآباد، "جشنِ لطيف" ۽ ٻين هنڌن ڪيل لطيفي تقريرون ۽ پيپر ڏنل آهن ته چند خوبصورت تصويرون پڻ هن ڪتاب جي زينت آهن. فاطمه پيرڳڙي، شبنم گل ۽ شمس جعفراڻي پنهنجا ويچار ونديا آهن.

19) **پوراڻيءَ ۾ پيال ٿيا:** ڪتاب پڻ مڪمل تي چڪو آهي جنهن ۾ ليکڪا جا تحقيقي مقالا آهن.

20) **ارباب جي هوشياري:** ڪتاب "ٻالڪ ادب" بابت لکي مڪمل ڪمپوز ٿيل ڇپائيءَ جي انتظار ۾ آهي جنهن ۾ ڪل 10 ڪهاڻيون آهن جن ۾ "ارباب جي هوشياري"، "نيڪيءَ جو بدلو نيڪي"، "ملڪ

۽ ايوب“، ”بدنيت دوست“، ”لالچ بري بلا آهي“، ”سادگيءَ ۾ سچائي آهي“، ”اچو تہ وڻ بچايون“، ”فرحان جي عقلمندي“، ”احسانمندي“، ”پاڻي نعمت آهي“ آهن. جي نہ فقط سبق آموز پر ٻارڙن جي وندر ورنهن ۽ موجوده دور جي ماحول مطابق آهن. هيءُ ڪهاڻيون ٻارڙن جي ذهني معيار ۽ سنڌي سماج جي حالتن سان ٺهڪندڙ آهن جي مختصر ۽ سبق آموز شمار ٿين ٿيون. هن ڪتاب جو انتساب شمس العلماءِ مرزا قليچ بيگ جي نالي آهي.

21) **سانول جو باغ:** مڪمل ٿي ويو آهي. جنهن ۾ تيرهن ڪهاڻيون ”سانول جو باغ“، ”قسمت جي ڦيرو“، ”معاذ ۽ مريم“، ”سچ تہ بيئو نچ“، ”لاپرواهي“، ”آفاق، نٿو جن ۽ موتي“، ”12 ربع الاول جو جشن“، ”شيردل/شيرو دادا“، ”پناڻ چوڪيدار“، ”حلال رزق“، ”قيديءَ جو واعدو“، ”ٺڳ واپاري“، ”ٽي لڪ“ آهن. جن ۾ ٻارڙن کي سندن فرض ڄاڻايل آهن تہ کين پنهنجي حقن جي ڄاڻ ڏني وئي آهي. ٻارڙن جي عالمي طور حقن جي معاهدي CRC تحت کين همت ۽ خود اعتمادي ڏيڻ لاءِ تعليم جي حاصلات، خوف ۽ ڏک مان نڪرڻ پنهنجي پاڻ تي ڀروسو ۽ همت ڪرڻ سان گڏ، پنهنجي گھر کي بهترين پناهہ گاهہ ڄاڻايو ويو آهي تہ جيئن اڄ جو ٻار پنهنجي والدين ۽ گھرڀاتين کي پنهنجو سڄڻ ۽ خيرخواهہ سمجهي کين مطالعي ڏي موڙڻ لاءِ پڻ اُتساهيو ويو آهي. هيءُ ڪهاڻين جو ڪتاب موجوده دور جي حالتن کي نظر ۾ رکي لکيو ويو آهي.

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود هجن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

[https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book](https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book)